
مذهب جي اوسر

يوناني ڏند ڪٿائون

يوسف شاهين



مذهب جي اوسر

يوناني ڏند ڪٿائون

يوسف شاهين



سنگم پبليڪيشن
پوسٽ باڪس نمبر ۱۳۰۷ ڪراچي ۸

سنگم پبلیکیشنس جو ۳۳ نمبر کتاب

کتاب ..... یوناني ڈنڈکتائون
مصنف ..... یوسف شاهین
پیشکش ..... کرم الهي چنا
پبلشر ..... سنگم پبلیکیشنس پوسٹ باکس نمبر ۱۳۰۱۷، کراچي ۵۳۵۰
پرنٹر ..... العسکري پرنٹرس - نواباد، کراچي
گیت آپ ..... نظام الدین انصاري
کلیگرافي ..... احمد شاه
چاپو جولاءِ ۱۹۸۹ع
قیمت :- ..... ۳۶/= چتیھ رپیا

انتساب

شيخ اياز جي نالي

ـــ شعوري طور، سنڌ جي جديد ۽ قديم روايتن جو شاعر موهن جي دڙي جو شاعر- جيڪو اڄ اسان ۾ موجود آهي. شل، وڏي ڄمار ماڻي تہ جيئن آرين ۽ سنڌين وچ ۾ ٿيل عظيم جنگ بابت احوال "مها سنڌ" قلمبند ڪري سگهي.

ـــ يوسف

فهرست

۱	زوس (جوپیتر) دیوتا	۱۵
۲	پوزیدون (نپچون) دیوتا	۲۸
۳	هئدیز (پلوتو) دیوتا	۳۸
۴	هستیا (وستا) دیوي	۴۱
۵	هیرا (جونا) دیوي	۴۳
۶	اتینا (منروا) دیوي	۵۲
۷	اپالو دیوتا	۵۶
۸	افرودائیت (وینس) دیوي	۶۲
۹	ایرز (ماس) دیوتا	۷۰
۱۰	هیفائس تس (ولکن) دیوتا	۷۴
۱۱	آرتیمس دیوي	۸۰
۱۲	دمیتر (سیریس) دیوي	۸۴
۱۳	پرومي تیئس دیوتا	۹۷
۱۴	اکلیز دیوتا	۱۰۴
۱۵	هیراکلیز (هرکیولس) دیوتا	۱۲۳

مذهبي اوسر
۽
يوناني ڏند ڪٿائون

خدا جي ڳولا ۾ سندس سڃاڻ لاءِ انسان ابتدا کان اڄ تائين ڪئين ڪشالا ڪيا آهن. انسان جي انهن ابتدائي ڪوششن ڏندڪٿائن کي جنم ڏنو، جن مان ڪيتريون ئي ڪٿائون مذهب جي صورت اختيار ڪري ويون يا مختلف مذهبن جو حصو ٿي ويون. يوناني ڏندڪٿائون به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهن.

عالمگير مذهبن جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ دنيا جي تقريبن سڀني علائقن/ملڪن ۾ ڏندڪٿائون مذهبي حيثيت

رکندیون ٿيرن. اڄ ٻه دنيا جي وڏي آبادي ڏند ڪٿائن کي مذهبي حيثيت ڏي ٿي ۽ ان ۾ ڄاڻايل خدائن، ديوتائن تي ايمان رکي ٿي. سزا ۽ جزا، جنت ۽ جهنم، نيڪي ۽ بدي جا جيڪي به تصور ڪٿائن ۾ ڄاڻايل آهن، انهن کي عقيدي جي لحاظ کان سچ سمجهيو ويو آهي.

صدين کان، هن دنيا ۾ ڪ سموري ڪائنات ۽ ان ۾ موجود سمورن ساهوارن جي تخليق، هر باشعور انسان لاءِ هڪ چرڪائيندڙ مسئلو رهيو آهي. هن ڪائنات جي هر شئي، ايڏي ته اعليٰ مهارت ۽ ڪمال فنڪاريءَ سان جوڙيل آهي جو، ان تي غور ڪرڻ سان تاڪ لڳيو وڃن، ذهن ۾ زلزلہ پيجيو وڃن. هي ماڻهو، هي پکي پکڙ، هي جانور، هي درياءَ ۽ سمنڊ، هي وارياسا ميدان ۽ جبل، هي وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا، هي سڄ چنڊ تارا ڪنهن ٻڌايا ۽ ڇو ٻڌايا؟ ڪهڙا ڪيميڪاز ملائڻي واري، مٽي، پوري مٽي، چيڪي مٽي، جابلو مٽي، پٿر، لوهہ، ٽامون، چاندي، سون وغيره ٺاهيو ويو. ايترا ڪيميڪلز ڪٿان آيا، جن سان مختلف قسم جون گئسون، تيل، پٽرول، ڪوئلو وغيره پيدا ٿيو. لکين، ڪروڙين، اربين ٽن لوڻ استعمال ڪري سمنڊن جو پاڻي ڇو ڪارو ڪيو ويو ۽ انهن سمنڊن ۾ لکين قسم جا، جدا جدا، انتهائي حيران ڪندڙ ساهوارا پيدا ڪيا ويا ۽ پوءِ سڀني ساهوارن کي اکيون، ڪن، نڪ ۽ ٻيا مڪمل عضوا ڏنا ويا. اوهان ڏسو ته انسان جي پيدائش وارو عمل، ڪيڏو نہ حيران ڪندڙ آهي. پاڻيءَ جي هڪ قطري مان زندگي جنم وٺي ٿي. ان پاڻيءَ جي هڪ قطري مان ڪيئن هڏيون، ڏند، اکيون، ڪن وار ۽ جسم جا ٻيا حصا پيدا ٿين ٿا. پاڻيءَ جي هڪ قطري ۾ ايڏي شڪتي، ايڏي قوت ڪنهن پيدا ڪئي ۽ ڪيئن پيدا ڪئي. نہ صرف ايترو، بلڪ هڪ ٻار جو خودبخود

نسرجڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ، جوان ٿيڻ، ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ مرحلو نظر نه ايندو. هار جا هٿ پير، ڪنهنون، ٽنگون، اکيون، ڪن ۽ جسم جا ٻيا حصا سڀ خودبخود وڌن ويجهن ٿا. انسان هجي يا جانور، پکي پکڻ هجي يا ساموندي مخلوق، جڳ ۾ پرورش جا ڪمال فنڪاريءَ جا اهڙا هزارين لکين مظاهرا، هر روز مسلسل ٿيندا رهن ٿا. ائين لڳي ٿو، جڏ تہ ڪا لڪل قوت، ڪا لڪل هستي پاڻ ظاهر ڪرڻ لاءِ، هر روز، هر گهڙي، هرهنڌ لڳاتار معجزا ڏيکاريندي رهي ٿي. جيڏانهن نظر ڪبي، معجزا ئي معجزا نظر نظر ايندا. آخر، اهو ڪير آهي، ڪهڙي هستي آهي، جيڪا معجزا ڏيکاريندي رهي ٿي. ابتدا کان اڄ تائين، انسان اهڙي هستي، اهڙي شخصيت، اهڙي قوت کي سمجهڻ ۽ ڳولڻ لاءِ، واجهائيندو رهي ٿو. اهڙين ڪاوشن سبب، انسان ڪيترائي ديوتا ۽ خدا پيدا ڪيا يا ڳولي لڌا ۽ پوءِ انهن جي بندگي ۽ تعظيم لاءِ ڪئين واهڙ وهائي ڇڏيا.

سائنسدان سمجهن ٿا تہ، هن ڪائنات جي تخليق هڪ حادثي يا هڪ اتفاق جو نتيجو آهي. جيڪڏهن هن ڪائنات ۽ ان ۾ پيدا ٿيل ساهوارا ڪنهن حادثي جو نتيجو هجن ها تہ هوند هن دنيا جي ڪا بي صورت هجي ها. خود سائنس جي نظر سان هن ڪائنات ۽ ان ۾ موجود هر پيدا ٿيل شئي ڪي ڏسجي تہ هر طرف باقاعده هڪ وسيع ترين منصوبہ بندي اکين اڳيان ايري ايندي. رات ڏينهن جو ٿيڻ، موسمن جو بدلجڻ، سج چنڊ تارن جو مقرر اصولن ۽ پابندين هيٺ هاڻ، زمين جي گردش، هوائن جو هاڻ، سمنڊ جي لوڙ پوڙ، ڪڪرن جو ٺهڻ، مينهن وسڻ، سيارو، اونهارو، گرمي سردي ــ اهي سڀ ڳالهيون هڪ مضبوط رڪاوٽيءَ جو حصو لڳن ٿيون ۽ ان رڪاوٽيءَ ۾ ڪٿي بہ ڪا تر جيتري بہ غلطي

نظر نہ ايندي. مضبوط رڀابنديءَ جو اندازو هن ڳالهه مان ٻه لڳائي سگهجي ٿو تہ هر جاندار، جوڙي جوڙيءَ ۾ پيدا ڪيو ويو آهي. هر ساهوارو نر ۽ ماد جي صورت ۾ پيدا ٿيل آهي تہ جيئن زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾، زندگيءَ جو ساسلو جاري رهي سگهي. نباتات ۾ هر ٻوٽو، هر وڻ، پاڻ سان گڏ، بي شمار بج ڪڍيو اچي تہ جيئن نباتات ۾ پيدائش جو ساسلو جاري رهي سگهي. اهي سڀ ڪارروائيون اتفاقي نٿيون ڏسي سگهن. فقط وڻن ٽڻن، ٻوٽن جي پيدائش تي ڏيان سان نظر ڪبي تہ حواس خطا ٿيڻ لڳندا. اهو ڪير آهي، جيڪو سائي رنگ جي ٻوٽن مان گلابي، نيلا، پيلا، ڪارا، اڇا گل پيدا ڪري ٿو، جيڪو سائي رنگ جي وڻن مان باقاعدگيءَ سان، بي شمار ذائقن ۽ رنگن وارا خوبصورت ميوا پيدا ڪري ٿو؛ جنهن هزارين قسم جا اناج، پاڇيون پيدا ڪيون ۽ ڪندو رهي ٿو. اهو ڪير ٿي سگهي ٿو جنهن گلن ۾ خوشبو پيدا ڪئي، جا اسين ڏسي تہ نٿا سگهون، پر سونگهي سگهون ٿا. اهو ڪير آهي جنهن هر ميوي، هر اناج جو ذائقو ۽ رنگ الڳ الڳ رکيو آهي. ايترا رنگ، ايترا ذائقا، ايتري خوشبو هن ڪٿان آندي؟

اوهان ڪڏهن ماءُ جي ممتا ۽ پيار بابت غور ڪيو آهي؟ اها ممتا، اهو پيار، خاص طور ماءُ بڌڻ کان پوءِ هر عورت، هر جانور، هر پکي پکڙ ۾، هڪ مقرر اصول تحت، پيدا ٿئي ٿو. ماءُ جي ممتا، ماءُ جو پيار، اڻ ميو پيار، خود خدا جي وجود ۽ حيثيت وانگر نظر نہ ايندو آهي؛ جو فقط محسوس ڪري سگهجي ٿو. ڇا اهو پيار ڪنهن حادثي يا اتفاق جو سبب آهي؟

اوهان ڪڏهن، انسان ۾ موجود ڏاهپ، عقل، ڪاوڙ، حسد، نفرت، عداوت، پيار، محبت جي جذبن تي ويچار ڪيو

آهي، جيڪي ڏسي ٿو ٿا سگهجن، پر محسوس ڪري سگهجن ٿا. ڇا اهي سمورا جذبا اتفاق سان پيدا ٿيل آهن؟ ڇا اهي سڀ ڪنهن حادثي جو نتيجو آهن؟.... اهي سوال، اهي مسئلا ڏاڍا منجهائيندڙ آهن، جيڪي جهالت جي دؤر کان اڄ جي جديد ترين دنيا تائين، پريشان ڪندا اچن ٿا. اهي سوال حل طلب آهن ته هن ڪائنات کي ۽ ان ۾ موجود تمام ساهوارن کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ اگر ڪا اهڙي هستي، هن سموري ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ آهي ته پوءِ اها هستي ڪيئن وجود ۾ آئي؟.... بهرحال، اهي سوال، اهي مسئلا ۽ معاملا ڏند ڪٿائن ۽ مذهبن کي جنم ڏيڻ جو سبب بڻيا. پوءِ، جيئن جيئن ڪٿائون ۽ مذهب وڌندا ويا، تيئن تيئن خداوند تعاليٰ جي سڃاڻ وارو مسئلو وڌيڪ پيچيده ٿيندو ويو. مختلف ڪٿائن ۽ مذهبن، خداوند تعاليٰ بابت مختلف ۽ عجيب و غريب رايا پيش ڪيا. ڪن نانگ بلائن، وٽن ٽئن، سج چنڊ تارن کي خدا جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو، ڪن بيشمار خدائن/ديوتائن جي هڪ وڏي خاندان کي متعارف ڪرايو. ڪن فقط هڪ خدا لاشريڪ خدا جي پالهه ڪئي ته ڪن هڪ خدا کي اولاد ۽ زال وارو ڄاڻايو؛ ڪٿي ڪيترن ئي بادشاهن کي خدا طور ميڙيو ويو ته ڪٿي ڪيترين ئي مذهبي شخصيتون خود خدا جي حيثيت اختيار ڪري ويون؛ جيئن گوتم ٻڌ کي مختلف ملڪن ۾ خدا طور تسليم ڪيو وڃي ٿو. گوتم ٻڌ هڪ راجا جو پٽ هو. اهڙيءَ طرح هڪ ٻي راجا جي پٽ "رام" کي به خدا يا ڀگوان جو اوتار سڏيو وڃي ٿو. عيسائي مذهب ۾، بائيبل مطابق، حضرت عيسيٰ خدا جو پٽ آهي ۽ هڪ هنڪي خداوند مسيح طور ياد ڪيو وڃي ٿو. ان کان اڳ، مصر جا فرعون بادشاهه، پاڻ کي خدا سڏائيندا هئا. سڪندر اعظم، جنهن دنيا جي وسيع علائقي تي فوجي قبضا ڪيا، ان به آخري ڏينهن ۾ حڪم

جاري ڪيو هو تہ ڪيس خدا يا ديوتا طور مڃيو ۽ پوڄيو وڃي. اهو سلسلو سڪندر ڪان جاپان جي هيرو هيٺو تائين هلندو اچي.

اصل ۾، خدا جي تلاش ۽ سڃاڻ وارين ڪوششن ڪي سڀ ڪان گهٽو نقصان فوجي حڪمرانن پهچايو. اڄ تائين دنيا ۾ گهٽي پاڳي سموريون مملڪتون، بادشاهتون، فوجي ڪارروائين ذريعي، فوجي حاڪمن قائم ڪيون. سُمير ڪان آشور، اڪاد، بابل، مصر، ايران، روس، هندستان، چين، جاپان تائين قائم ٿيندڙ شهنشاهتون، بنيادي طور فوجي حاڪمن وجود ۾ آنديون. يورپ ۾ مينان، فونيشين، ائٽراسڪن، يوناني، روسي، فرينچ، اسپيني ۽ انگريز شهنشاهتون، فوجي حڪمرانن، فوجي ڪارروائين ذريعي قائم ڪيون. جن جا بنياد ظلم وجبر، قتل وغارت، ڦرلٽ، تباهي بربادي ۽ تي رکيل هئا. اهڙي ۽ طرح فوجي حڪمرانن، پنهنجا گناهه لڪائڻ ۽ پنهنجي اقتدار کي مستقل رکڻ لاءِ مذهب ۽ ڏندڪٿائن کان پرپور فائدو ورتو. ظلم، زوري، زبردستي ۽ سان وڏيون وڏيون مملڪتون، شهنشاهتون قائم ڪندڙن لاءِ ضروري هو تہ هو عوام کي پنهنجو غلام ۽ تابع رکڻ لاءِ مسلسل خوف، دهشت، رعب ۽ دٻدٻي کان ڪم وٺندا رهن. ان سلسلي ۾ ڪن پاڻ خدا هئڻ جي دعويٰ ڪئي تہ ڪن خدا جو پاڇو، خدا جو اوتار هئڻ جا اعلان ڪيا ۽ عوام کي سندن اڳيان جهڪڻ تي مجبور ڪيو. اهڙي طرح، ديني ۽ دنياوي خدا، هميشہ ڪان انسان لاءِ ذهني ۽ روحاني ڪشمڪش جو سبب بڻيا رهيا. ويچارو انسان شروع ڪان محدود ذهني اوسر ۽ بندشن هيٺ، خدا بابت مختلف رايا ڏيندو آيو آهي. انهن راين تحت ڪٿي خداوند تعاليٰ عظيم ترين نظر اچي ٿو تہ ڪٿي هن جي حيثيت، ڪنهن قبيلي جي سردار جيتري مس

ملي ٿي. انهن ڳالهين مجموعي طور انسان کي ، خدا جي حقيقي تلاش کان تمام پري ڪري ڇڏيو. ايتري قدر جو اڄ جي اڏ دنيا خداوند تعالي جي وجود کان ئي انڪاري آهي.

آئون هتي فقط ايترو عرض ڪندس تہ منهنجو خدا، سندس وجود ۽ هستيءَ بابت ڪوبہ بحث ڪرڻ مقصد نہ هو. پر ڏند ڪٿائن بابت "ہہ اکر" لکڻ ۽ انهن جي اهميت واضح ڪرڻ لاءِ، آئون پاڻ کي ان بحث کان آجو رکي نہ سگهيس.

ڏند ڪٿائون، بنيادي طور انساني تاريخ جو اهم ترين حصو آهن، جن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ، هر باشعور انسان لاءِ بيحد ضروري آهي. هي ڪٿائون انسان جي شعوري، تمدني، تهذيبي ۽ مذهبي سفر جو پرپور داستان بيان ڪن ٿيون. انهن ڪٿائن ۾، يوناني ڏند ڪٿائون خاص اهميت رکن ٿيون جن ذريعي انساني تاريخ ۾ سڀ کان اول خدائن يا ديوتائن کي انسان جي روپ ۾ پيش ڪيو ويو. هن کان اڳ، ديوتائن جون عجيب و غريب پوائتيون صورتون ٺاهيون ويندیون هيون، جن ۾ هنن جو اڏ ڏڙ انسان جو تہ اڏ ڏڙ ڪنهن جانور وغيره ۾جو ڏيکاريو ويندو هو. يونانين، نہ صرف پنهنجي ديوتائن کي انساني صورت ۾ پيش ڪيو بلڪ ديوتائن جي ذهني ۽ اخلاقي ڪيفيت بہ انسانن جهڙي ڏيکاري. هو عاشق مزاج، راڳ ۽ ناچ جا شوقين، مختلف راندين ۽ جسماني ڪرتبن ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندڙ هئا. اڄ جي دنيا ۾ ٿيندڙ اولمپڪس راندیون يوناني ديوتائن جي وڏل ان روايت جو سلسلو آهن. يوناني ديوتا اهڙيون راندیون هر چئن سالن بعد ڪرائيندا هئا. اڄ اولمپڪس راندیون، ساڳيءَ ريت هر چئن سالن بعد ٿين ٿيون.

يوناني ڏند ڪٿائن ۾ خدائن/ديوتائن جو هڪ تمام وڏو خاندان ملي ٿو، جن ۾ "زوس ديوتا" کي بزرگ ترين ديوتا جي حيثيت حاصل هئي بلڪ هنکي ديوتائن جو بادشاهه سمجهيو ويندو هو. اڄ اقوام‌متحده جي عمارت اڳيان، هن ٻي ديوتا جو مجسمو لڳايو ويو آهي.

يوناني ڏند ڪٿائن جو يورپ جي تاريخ، علم و ادب، تهذيب و تمدن، مذهب، سياست ۽ سائنس تي پرپور اثر ملي ٿو. خود يورپ جو نالو يونان جي يورپا ديوي‌ءَ تان ورتل آهي. ڏينهن، هفتن، مهينن جا نالا، سج، چنڊ تارن، سيارن جا نالا ايتري قدر جو جهازن ۽ راکيٽن جا نالا به يوناني ڏند ڪٿائن تان ورتا ويا آهن.

يونان جا ماڻهو پنهنجي خدائن کي خوش ڪرڻ لاءِ جانورن جي قرباني ڏيندا هئا. جانورن جو رت ديوتائن کي بيحد پسند هو جن ۾ ريڍ، ٻکري ۽ سوئر جو رت هنن جي دلپسند غذا هئي. پاڇيون، ميوا ۽ ٻيون کاڌي پيتي جون شيون به ديوتائن کي وٺنديون هيون جيڪي يوناني ماڻهو نيازنڊر طور ڏيندا هئا.

يوناني ڪٿائن تحت سڀ کان اول هي‌ءَ ڪائنات وجود ۾ آئي، جنهن کان پوءِ خدائن/ديوتائن جنم ورتو. انهن ديوتائن جي نظر ۾ "شاعر" جي حيثيت، متقي، مبلغ، زاهد، عابد کان تمام مٿاهين ملي ٿي. هڪ واقعي موجب متقي شخص کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو جڏهن ته شاعر کي ان ڪري معاف ڪيو ويو جو هو ديوتائن ۽ جنت جي تمام ويجهو آهي.


يوناني ڪٿائن ۾ انسان ڪي پهريون پيرو ڪائنات جو مرڪزي نقطو، اهم جز بلڪ اشرف المخلوقات طور چاڻايو ويو. هتي جنت، جهنم، سزا ۽ جزا جو هاڪو تصور به ملي ٿو. انسان جي پيدائش بابت مختلف ڪٿائون ڏنل آهن جن ۾ هڪ ڪٿا تحت، ديوتائن سڀ کان اول سون مان انسان پيدا ڪيا. جيڪي ڏک، تڪليفن، مصيبتن کان آجا هئا. ان ڪري ڪين انسان ذات جي روح، محبت ۽ پيار جي جذبن جي حفاظت جو ڪم ڏنو ويو. ان کان پوءِ ديوتائن چانديءَ مان انسان ٺاهيا، جيڪي انتهائي اٺ جاڻ، اڻوجهه ۽ نادان هئا. ان ڪري ديوتائن اهو نسل ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ پٽل مان ماڻهو ٺاهيا ويا جيڪي بيحد طاقتور، خونخوار، جنگ و جدل جا ڪوڏيا هئا. جن پاڻ ۾ وڙهي، رتوڇاڻ ٿي هڪ ٻئي کي ماري ڇڏيو. اڙي طرح هيءُ نسل به ختم ٿي ويو. ان کان پوءِ لوهه مان ماڻهو ٺاهيا ويا جيڪي اڄ تائين موجود آهن. جيئن ته انسان جو هي نسل، بديءَ جي دؤر ۾ ٺاهيو ويو ان ڪري انسان جي فطرت ۾ به بدي شامل ٿي ويئي. جڏهن انسان ۾ بدي انتها تي پهچي ويندي، تڏهن "زوس ديوتا" انسان جو هي نسل به ختم ڪري ڇڏيندو. بهرحال هي ڪٿائون مذهبي اوسر ۽ جاڻ جو اهم ترين حصو آهن، جنکي ٿي هزار سال اڳ سڀ کان اول يونان جي عظيم شاعر هومر قلمبند ڪيو.

هن ڪتاب لکڻ جا سبب

منهنجو ڏندڪٿائن بابت ڪوبه ڪتاب لکڻ جو پروگرام نه هو. سون عالمي قومن جي اتحاد ۽ آزادي بابت هڪ ڪتاب WORLD CONFEDERATON OF THE PEOPLE لکڻ چاهيو ٿي. جنهن لا سونکي تاريخ، مذهب، ڏندڪٿائن،

سائنس، سياست ۽ ٻين علمن بابت بي شمار ڪتاب پڙهڻا پيا. منهنجي خواهش هئي ته پنهنجي راءِ کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخ کي شاهد بڻايان. ان لاءِ مختلف تاريخي واقعا، انگ اکر ۽ ڄاڻ گهربل هئي. اهو ڪم تمام ڏکيو، بيحد ٽڪائيندڙ ۽ وقت وٺندڙ هو. فقط ڪنهن هڪ قوم جي مڪمل تاريخ پڙهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ڄمار گهرجي ٿي. ان ڪري مون، پنهنجن ٽن دوستن کي مدد لاءِ، پاڻ سان گڏ ڪنيو. جن ۾ جناب رئيس زيدي، جناب علي اقبال ۽ جناب عبدالرحمان پليجو شامل هئا. انگ اکر ۽ واقعا گڏ ڪرڻ واري جدوجهد ۾ ڪيئي ڪتاب تيار ٿي پيا. جن ۾ دنيا جون مختلف ڏندڪٿائون به شامل آهن. جيئن ته ڏندڪٿائن بابت، سنڌيءَ ۾ ڪوبه ڪتاب يا مواد موجود ناهي، ان ڪري مون سڀ کان اول، يوناني ڏندڪٿائن بابت ڪتاب تيار ڪرڻ جو پروگرام بنايو. ابتدائي طور، ڪجهه مضمون "برسات" ۾ به شايع ڪيا. زير نظر ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ ۾، خاص طور عبدالرحمان پليجي منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي، جنهن لاءِ سندس شڪرگذار آهيان.

— يوسف شاهين



زوس ديوتا (جوپيٽر)

Zeus (Jupiter)

زوس [زيوس] ديوتا جون صفتون

سيني ديوتائن ۾ ماڻهن جو ابو، نگهبان، حاڪمن جو حاڪم، آسمان ۽ جنت جو مالڪ، وڏو عشقباز، روشني، اونده، هوا ۽ پاڻي ۽ تي قادر، قانون جو محافظ، منتظم، رحم ۽ انصاف ڪندڙ سڏي وات ڏيکارينڊڙ، رازق، سزا ۽ جزا ڏيندڙ، سيني يوناني ديوتائن کان مٿاهون حاڪم.

نالا ۽ لقب

ڪرن کي گڏ ڪندڙ ـ زوس پوليئس (Zeus Polieus)

سيني ديوتائن جو ابوم آڏواڻ ۽ سڀني حاڪم ۽ بادشاهن
جو بادشاهه ۽ مددگار ۽ دعائون قبول ڪندڙ ۽ بچائيندڙ ۽ قانون
جو محافظ ۽ منتظم ۽ رحيم ۽ عادل ۽ جابر

نشان

شاهم بلوط جو وڻ، عقاب پکي، ڪنوڻ، ڪڇڪوڙ، ساهمي ۽ شاهي عصا (لٺ) زوس ديوتا جا خاص نشان هئا.

زوس ديوتا جو جنم ۽ سندس ابتدائي ڪارناما

قديم يوناني ڪٿا مطابق، زوس ديوتا جنت جي بادشاهه ڪرونس (Cronus) جو پٽ هو. ڪرونس تائين اها ڳالهه پهتي هئي، ڪيس ڪو اولاد ٿيو نه هو، اهو ڪائنس اقتدار کسي وٺندو. ان ڊپ وچان، ڪرونس جي جيڪي به ٻار ٿيا، انهن کي هن جنم شرط، ڳڙڪائي ڇڏيو. ڪرونس جي زال ريئا (Rhea) پنهنجي مڙس جي انهن حرڪتن سبب ڏاڍو پريشان رهڻ لڳي.

نيٺ جڏهن زوس پيدا ٿيو نه، هنجي ماءُ پنهنجي ان تازي چاول ٻار کي لڪائي، ان جي جاءِ تي، پٿر جو هڪ ٽڪر، ڳائي ڪپڙن ۾ ويڙهي، سندس مڙس جي حوالي ڪيو، جيڪو به هو ڳڙڪائي ويو. ان بعد، ڪرونس جي زال، پنهنجي پٽ زوس کي، ڪريٽ (Crete) جي ٻيٽ ۾، هڪ غار اندر، ڏاڍي احتياط ۽ خبرداريءَ سان ليڪ چوريءَ پالڻ جو انتظام ڪيو. [اهو غار اڄ به ڪريٽ ۾ موجود آهي] زوس سوني هندوري ۾ لڏندي، جهنگلي ڪبوترن هٿان ماکيون ڪائيندي ۽ جابلو جوڙن جا نغما ٻڌندي، نيٺ اڇي وڏو ٿيو. هڪ ڏينهن هن جي ماءُ "ريئا" ڪيس، سندس ٻيءَ جي افعالن کان آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته سندس

پنج پائر ۽ پينر، هنجي ٻيءَ جي پيٽ ۾ بند آهن، جن کي جمڻ شرط، هو گڙڪائي ويو هو. زوس اها گالهه ٻڌي، پنهنجي ٻيءَ خلاف جنگ جوڙي. هن سڀ کان پهرين، هوشياريءَ سان پنهنجي ٻيءَ کي هڪ دوا پياري. جنهن سبب هو بيمار ٿي پيو ۽ الٽيون کرڻ لڳو. پهرين الٽيءَ ۾ اهو پٿر نڪتو، جيڪو هن، پنهنجو هار سمجهي گڙڪايو هو [اهو پٿر اڄ ۾ ڊيلفيءَ جي عجائب گهر ۾ رکيل آهي.] ان کان پوءِ، کرونس الٽيون کري، پنهنجا پنج ٿي هار باهر کڌا، جيڪي جوان ٿي چڪا هئا. هاڻ، زوس، پائرن پينرن کي گڏ کري، ٻيءَ کان اقتدار ڦرڻ لاءِ، جنگ شروع کئي، جيڪا ڏهه سال جاري رهي، مگر کوبه فيصلو نه ٿي سگهيو. زوس ڏاڍو پريشان هو. هن چا کيو جو کنوڻ، روشني ۽ ککرن جي کهکوڙ کي قيد مان آزاد کري ڇڏيائين. هنن خوش ٿي، زوس جي ٻاڻ کي هڪ ٽوپي ڏني، جنهن کي پائڻ وارو نظرن کان گم ٿي ويندو هو. ان کان علاوه زوس، انهن ٽن وڏين بلائن کي به آزاد کيو، جن مان هرهڪ بلا جا پنجاهه منڌ ۽ سؤ هٿ هئا. اهي بلائون، هڪ ٻي وقت تي ٿي سؤ جبل جها وڏا پٿر اڇلي سگهيون ٿي. اهي کم کرڻ کان پوءِ زوس، هڪ خاص قسم جي دعوت جو اهتمام کيو. جنهن ۾، پنهنجن سڀني سائين کي "يا جمار جيٿرو رکڻ" وارو، ديوتائن جو کاڏو کارايو ۽ شربت پياريو. ان بعد، زوس سڀني سائين کي گڏ کڻي، پنهنجي ٻيءَ ٽي کاهي ويو. خوفناڪ جنگ لڳي. پنجاهه منڌ ۽ ٽي سؤ هٿن وارين بلائن، جبلن جها جبل کڻي کرونس ڏانهن اڇلايا. کنوڻ چمڪاٽ کيا ۽ وَرَ وَرَ ڏڻي کرونس منڌان پاڻ اڇلايو. ککرن کهکوڙيون کيون. نتيجي ۾، ڌرتي ڏاڍي الٽي، سمنڊ ٽهکي پيو، بلن کي باهيون لڳي ويون. نيٽ زوس ۽ سندس پائرن کي پنهنجي ٻيءَ کرونس تي فتح حاصل ٿي. هنن کرونس کي جهلي، ڌرتيءَ جي اونداهي حصي، پاتال ۾ هميشه لاءِ بند کري ڇڏيو.

[واضح رهي تہ، ڪرونس پاڻ ۽، پنهنجي پيءُ خلاف، ساڳيءَ ريت بغاوت ڪئي هئي]، ان جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، زوس جي پائرن، پاڻ ۾ اقتدار وراهي ڪنيو. ان فيصلي موجب زوس جنت، آسمان ۽ زمين جي مٿين حصي جو مالڪ بڻيو. زوس جو ٻيو ڀاءُ پوزيڊون سمنڊ جو حاڪم ۽ ٽيون ڀاءُ هئڊيز پاتال (جهنم يا زير زمين) جو اڳواڻ مڃيو ويو. باقي، زمين تي حڪمرانيءَ جا سڀني کي برابر جا حق ملڻا.

زوس ديوتا جا عشق، سندس زالون ۽ ٻار

زوس ديوتا جي پهرين زال ميٽس سندس چاچي اوشيانس ديوتا جي ڌيءَ هئي جيڪا سندس پڻي ٻہ هئي. ميٽس زوس ديوتا کان بچڻ لاءِ گهڻيئي حيلا هلايا ۽ شڪلين بدلايون پر زوس نہ ڇڏيس. زوس ديوتا کي ميٽس مان اٿينا ديوي پيدا ٿي.

* ميٽس کان پوءِ زوس ديوتا وري پنهنجي ٻڻيءَ ٿيمس سان جنسي تعلقات قائم ڪيا، جيڪا انصاف ۽ قانون جي ديوي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪلاڪ (Hours) ۽ ٽي ڏيئرون پيدا ٿيون جن کي "تقديرون" (Fates) سڏين ٿا.

* ٿيمس کان پوءِ زوس ديوتا يورينوم سان ميلاپ ڪيو جنهن مان ٻہ ٽي ڏيئرون پيدا ٿيون جن کي گريسز (Graces) مهرواريون سڏجي ٿو.

* ان کان پوءِ هن وري پنهنجي ٻئي ڀيڻ ڊيميٽر سان تعلق رکيو جنهن مان هڪ ڌيءَ پرسيفون پيدا ٿي.

* ڊيميٽر کان پوءِ زوس ديوتا سندس ٻي پڻي منيموسين

کي پنهنجي سريت بنايو. جنهن مان کيس ست ڌيون پيدا ٿيون جن کي ميوزس (Muses) پيٽون سڏجي ٿو ، جن کي فنون لطيفه، موسيقي شاعري، تاريخ، فصاحت ۽ ناچ گائڻ وڄائڻ وغيره جون جدا جدا ڏاتون مليل هيون ۽ هو انهن نالن سان منسوب کيون ويون.

* منهي موسين کان ٻوءِ وري به زوس ديوتا پنهنجي ڏاڏاڻي ٽائيٽن گهراڻي مان هڪ ديويءَ ليٽو کي پنهنجي سنجوگ لاءِ چونڊيو. اها ديوتائن جي گهراڻي مان سندس پهين شادي هئي. ليٽو مان کيس هڪ پٽ اپالو ديوتا ۽ هڪ ڌيءَ آرٽيمس (ڊائنا ديوي پيدا ٿيا.

* ديوتائن جي نسل مان سندس آخري شادي سندس پيڙ هيرا ديويءَ (Hera) سان ٿي . جنهن کي هن پنهنجي پٽ راڻي بنايو. پيو وڃي ٿو ته زوس ديوتا آرگوس جي ويجهو هڪ جهنگ ۾ هيرا ديويءَ کي گهمندي ڏسي مٿس هرکي پيو ۽ هٿراڏو طوفان پيدا ڪري ، ڪوئل بنجي ، هيرا جي ڪپڙن ۾ پاڻ کي لڪايائين. ان کان پوءِ پاڻ کي اصلي شڪل ۾ آڻي هيرا کي پاڪرن ۾ ورتائين ۽ ساڻس شاديءَ جو انعام ڪري ان سان ميلاپ ڪيائين. هيرا ديويءَ کي به منجهانس هڪ پٽ ايريز ديوتا ۽ ٻه ڌيون هيبي ۽ الي ٿائيا پيدا ٿيون. هيرا ديويءَ هڪ اهڙو به پٽ جڻيو ، جنهن ۾ سندس مڙس جو ڪوبه تعلق نه هو. اهو سڀڪجهه سندس ئي طاقت سان ممڪن ٿي سگهيو.

پليئڈيز پيٽون:

ائٽلس ديوتا کي اوشيانس ديوتا جي ڌي پليونيءَ مان ست ڌيئر هيون جن کي پليئڈيز (Pleiades) سڏجي ٿو. انهن ست پليئڈيز پيٽن مان ٽن پيٽن مايا (Maia) ، اليڪٽرا (Electra) ۽ ٽائيگيٽا (Tygete) سان زوس ديوتا هڪ ٻئي پڻيان جنسي تعلقات قائم ڪيا. جنهن جي نتيجي ۾ مايا کي هرمز ديوتا، اليڪٹرا کي

دارداننس ۽ ڏائيگينا کي لشيديمون ڏالي پٽ چاوا.

زوس ديوتا پنهنجي مرضيءَ موجب کاڌ شڪل اختيار ڪرڻ تي قادر هو. هن انساني نسل جي عورتن سان جانور، پکيءَ يا انهن جي مڙسن جي شڪلين ۾ جنسي تعلقات قائم ڪيا.

* انساني عورتن مان نيوبي (Niobe) سندس پهرين سريت هئي، جنهن کي زوس ديوتا پنهنجي هوس جي چار ۾ ڦاسايو. هوءَ فورونيئس جي ڌيءَ هئي. آرگوس جي روايتن موجب فورنيئس دنيا جو پهريون انسان هو. نيوبي کي زوس ديوتا مان آرگس نالي پٽ ڄائو. جنهن تان آرگوس شهر تي نالو پيو.

* زوس ديوتا جي ٻي سريت آءِ او IO هئي جيڪا هڪ درياءِ ديوتا اناڇس جي ڪنواري ڌيءَ هئي. اناڇس آرگوس جو بادشاهه هو. يوناني مورخ ائسڪيلس (۴۵۶-۵۲۵ ق. م.) اهو قصو هينئن بيان ڪيو آهي: آءِ او خواب ۾ ڏسندي هئي ته رات جو زوس ديوتا سندس ڪن ۾ پٽڪو ڪري پيو چوي ته باهر نڪري اچي ساٿس سُمهي. اهي خواب جڏهين اناڇس ٻڌا ته هن زوس ديوتا جي ڀٽ وڃان آءِ او کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. هيرا ديوي کي ۽ ان ڳالهه جو پتو پڄي ويو. هن آءِ او جي شڪل مٽائي ڪيس هڪ اڇي وهٽڙي بنائي ڇڏيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هيرا ڪان لڪائڻ لاءِ زوس ديوتا آءِ او کي اڇي رنگ جي وهٽڙي بنايو هو. آءِ او وهٽڙيءَ جي شڪل ۾ جهنگ ۾ ٻڌي رلندي هئي. هيرا ديويءَ مٿس هڪ ٻڪهئي ڀڄي ڇڏي هئي، جنهن تڪن ڏنگن سان آءِ او کي هڪ هنڌ ٻيهڻ نٿي ڏنو. هيرا ديوي پهاڇٽي جي حسد ۾ اچي سئو اکين واري بلا آرگس کي آءِ او جي مٿان پهري تي ٻيهاري ڇڏيو زوس ديوتا ڏاڍو لاچار ٿيو ته ڪيئن آءِ او کي هٿ ڪريان. ٿيٺ زوس پنهنجي پٽ هرمز تي ڪم رکيو ته هو آرگس کي ماري آءِ او کي ان بند مان ڪڍائي. پر ٻڪهئيءَ آئي او کي هڪ هنڌ ٻيهڻ

نہ ڏنو. هوءَ آرگوس سان ڊوڙندي ڊوڙندي ملڪن جا ملڪ لتاڙي وڃي مصر ۾ نڪتي اتي زوس ديوتا ڪيس وري ساڳيءَ شڪل ۾ آندو ۽ سندس هٿ جي ڇهاءُ سان آءِ او ڪي پيٽ ٽيو جنهن مان ايپافس پيدا ٿيو. جيڪو مصر ۽ آفريقا جو بادشاه ٿيو.

رومي مورخ ۽ شاعر اووڊ (Ovid) هن قصي کي وري هيئن بيان ڪيو آهي:

زوس ديوتا آءِ او کي هڪ ندي‌ءَ جي ويجهو گهمندي ڏٺو ۽ هن سان پنهنجن جو جهنگ ۾ ملڻ جو انجام رکيو ۽ ساڻس جنسي ميلاپ ڪندي پنهنجي مڙس هڪ هٿراڏو ڪر ٻيهاري ڇڏيو جيئن ڏسڻ ۾ هيراديوي‌کين نہ ڏسي سگهي، پر هيرا آرگوس مٿان اوچتو ڪر ٻيڻل ڏسي شڪي ٿي ۽ اچي اتي پهتي. زوس ديوتا آءِ او جي شڪل مٽائي ڪيس هڪ اڇي رنگ جي وهڙي بنائي ڇڏيو. هيرا زوس کان وهڙي سوکڙي طور گهري. زوس انڪار نہ ڪري سگهيو.

هيرا ديوي‌ءَ آءِ او ته آرگس نالي هڪ سئو اکين واري بلا پهري تي ٻيهاري ڇڏي جنهن کي نيٽ هرمز ماري ڇڏيو. اتان پوءِ آءِ او مصر پهتي ۽ زوس کيس وري به ساڳي شڪل ۾ آندو. مصر ۾ آءِ او آئيسس ديوي‌ءَ جي نالي سان پوڄي ويندي هئي. سندس پٽ ايپافس کي به ڏاڍي جي شڪل ۾ ايس جي نالي سان پوڄيو ويندو هو.

* انٽيوپي (Antiope) ٽيبس جي هڪ سهڻي ڇوڪري هئي. زوس ديوتا انٽيوپي سان هڪ سٽائر جي شڪل ۾ جماع ڪيو. سٽائر اهي مائهو هٿا جن جون ٽنگون گهيٽي جهڙيون هيون ۽ سندن مٿن تي سڳ هوندا هٿا. انٽيوپي‌ءَ کي زوس سان ميلاپ جي نتيجي ۾ به پٽ ائمفيون ۽ زيٿس ڄاوا.

* آرگوس جي هڪ بادشاهه اڪري سيئس کي جڏهين اها اڳڪٿي ٻڌائي وئي ته سندس ڏيءُ داناءِ (Danae) کي جيڪو به پٽ ڄمندو سو کيس ماريندو. تڏهين هن داناءِ کي کنجهي مان ٺهيل هڪ مناري ۾ قيد ڪري ڇڏيو. زوس ديوتا شهزاديءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي پنهنجي وجود کي هڪ سوني پاڻيءَ جي ڦوهاري ۾ بدلائي داناءِ تي وسڪارو ڪيو. ان جي نتيجي ۾ داناءِ پيٽ سان ٿي پيئي ۽ کيس هڪ پٽ پرسيئس نالي پيدا ٿيو.

* زوس ديوتا کادموس بادشاهه جي ڏيءَ سيميلي (Semele) تي عاشق ٿي پيو ۽ هڪ انسان جي روپ ۾ ساڻس ميلاپ ڪيو. هيرا ديويءَ کي اها کڙڪ پئجي وئي ۽ هن شهزاديءَ جي هڪ پاڻهيءَ جو روپ ڌاري اچي سيميلي کي برغلايو ته تنهنجو عاشق جيڪو تو وٽ پاڻکي زوس ديوتا ٿو سڏائي سو ڪوڙو آهي، ان جي پرک وٽ. سيميلي زوس ديوتا تي ڏاڍو زور وڌو ته پنهنجي اصلي صورت ڏيکار. زوس ديوتا گهٽو لاهرايو پر سيميلي نه ڇڏيس. زوس پنهنجي اصلي صورت ۾ وڄ ۽ گجگوڙ سان اچي جلوه انداز ٿيو. سيميلي زوس جي جلوي جو تاب نه جهلي سگهي ۽ اتي جو اتي سڙي وگهرجي مري ويئي. سيميلي کي زوس سان پيٽ ٿيو هو. زوس پنهنجي پٽ هرمس جي مدد سان سيميلي جي رحم مان بروقت اهو هار ڪيائي پنهنجي ساڻ ۾ چير ڏئي ان ۾ رکي ڇڏيو. جيڪو ڊائيونيسس (Dionysus) (باڪوس) جي نالي سان يوناني هيروز ۾ مشهور ٿيو.

* ڪالسٽو (Callisto)، آرٽيمس ديويءَ جي هڪ ڪنواري پوڄارڻ هئي ۽ سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. زوس ديوتا آرٽيمس يا اپالو جي شڪل اختيار ڪري ان جو ڪنوارپڻو ختم ڪيو. زوس سان هن کي ارڪس (Arcas) نالي هڪ پٽ جائو. هيرا ديويءَ پهاڻ پٽي جي باهه ۾ ڪالسٽو کي مادي ريڇ بنائي ڇڏيو. گهٽن

ڏينهن کان پوءِ جهنگ ۾ رلندي کالسٽو ننهنجي پٽ ارکس کي شڪار کندي ڏٺو. ارکس وڏو ٿي چڪو هو. کالسٽو ننهنجو پٽ ڏسي ماڻتا جي جوش ۾ ڪيس پاکر پاتا پر ارکس ننهنجي ماءُ کي سادي ريڇ سمجهي ڪيس شڪاري ڏڦو هڻي مارڻ تي هو تہ زوس ديوتا ننهنجي قدرت سان سندس وار گسائي کالسٽو کي بچائي ورتو. ان کان پوءِ کالسٽو کي هيرا جي حسد کان بچائڻ لاءِ ڪيس سندس پٽ ارکس سميت آسمان ۾ هڪ تارن جي ميڙ وانگر ڪري رکيائين، جنهن کي اڄ ہ دب اڪبر (ڪٽون) Great Bear سڏيو وڃي ٿو.

* ٽيبس جي بادشاهہ ايمفٽريون (Amphitryon) جي زال الڪمني (Alcmene) جي سونهن جي هاڪ ٻڌي زوس ديوتا ان تي موهت ٿي ٻيو ۽ هڪ دفعي وڃهہ وٺي ننهنجي شڪل مٽائي سندس ڀڙس جي روپ ۾ الڪمينءَ سان ميلاپ ڪيائين. جنهن سان راڻي کي هرڪيولس (Hercules or Heracles) نالي پٽ ڄائو جيڪو يونان جي مشهور ۽ وڏن سورمن مان ليکيو وڃي ٿو. هيرا ديويءَ کي جڏهين هرڪيولس جي پيدا ٿيڻ جي خبر پئي تہ هن ہ نانگ هن کي مارڻ لاءِ سندس پينگهي ۾ موڪليا پر ننڍڙي ۽ معصوم هرڪيولس، انهن نانگن کي هٿن سان چيهاڙي ماري ڇڏيو.

* زوس ديوتا اسپارٽا جي بادشاهہ ٽينڊا ريوس جي زال ليڊا سان هنج پکيءَ جي صورت ۾ ميلاپ ڪيو. نتيجي طور راڻيءَ ہ آنا لاڻا. هڪ آني مان زوس جا ہ ہار پولڪس ۽ هيلن پيدا ٿيا ۽ باقي ٻي آني مان بادشاه جي ہن ٻارن جنم ورتو.

* هڪ ڏينهن زوس ديوتا پرناسس جبل جي چوٽيءَ تان شام ملڪ جو سامونڊي ڪنارو ڏسي رهيو هو تہ سندس نظرون وڃي هڪ سونهري وارن واريءَ سهڻي نار تي ٻيون. هوءَ ٽائر جي بادشاه فونيشيا جي ڌيءَ "يورپا" هئي. يورپا کي ڏسندي ئي

زوس مٿس عاشق ٿي پيو. هن ڏڪي جو روپ اختيار ڪيو ۽ وڃي يورپا جي قدمن اڳيان جهڪيو. يورپا ڏڪي ڏاڻهن ڏٺو. هن جي نراڙ تي چاندي جو ستارو چمڪي رهيو هو. سندس سهٽا ۽ سنهڙا سڱ، چنڊ وانگر وريل هئا. سندس نيرين اکين ۾ نرمي ۽ پيار هو. يورپا هن جي نياز ۽ نوڙت کان ڏاڍو متاثر ٿي. هن پنهنجا نازڪ هٿ ڏڪي جي نرم ۽ ريشمي ڏاڙهي ۾ ڦيرايا ۽ پوءِ هوءَ مٿس چڙهي ويٺي. ڏڪو هلڻ لڳو. يورپا کي سواريءَ ۾ ڪوبه ڊپ نه ٿيو ۽ مزو اچڻ لڳو. ڏڪو آهستي آهستي ڪيس ڪٽي اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو. اهو سمورو وقت ڏڪو ۽ يورپا ساڻ رهيا. انهي ڪري ماڻار جي ڪري يورپا کي مونجهه ٿيڻ لڳي. نيٺ هن ڏڪي سان گالهايو :

پيارا ڏڪا، تون مونکي ڪيڏانهن ٿو وٺي وڃين؟
اي عجب جهڙا ڏڪا! تون ڪير آهين؟

ڏڪي انساني آواز ۾ جواب ڏنو : "ناڙ جي پياري، من موهيندڙ شهزادي، ڊپ نه ڪر، دل وڏي ڪر، سرهي ٿي، شل اياڳ تنهنجي ويجهو نه اچي، تنهنجي اکين مون کي هڪ ڏڪي جي روپ ۾ ڏٺو آهي، پر جلد ئي تون ڏسندينءَ، ته آڻون زوس آهيان ــ آسمانن جو حڪمران . . . اهڙي طرح آسماني ديوتا زوس ۽ ايشيائي شهزادي يورپا ٻاڻ ۾ ڦهي ويا. ان معاشقي سبب، يورپا کي زوس سان منوس (Minos)، رهادامنٿس (Rhadamanthys) ۽ سرپيڊون (Serpedon) نالي ٻه پٽ پيدا ٿيا.

يورپ کنڊ تي پيل نالو به يورپا تان ورتل آهي.

بهربون ماڻهو جنهن انساني رت سان هٿ رڱيا

* ٿيسيليءَ جي بادشاهه اڪسيون (Ixion)، مٿگنيشيا جي بادشاهه ايونيس جي ڌيءَ 'ديا' (Dia) سان شادي ڪئي ۽ ان

سڪ لاءِ هن هڪ وڏي رقم ديا جي پيءُ ايونيس کي ڏيڻي هئي جڏهين ايونيس اها هولوءَ رقم وٺڻ لاءِ اکسيون وٽ ويو تہ هن هڪ ڪڏ ۾ هرندڙ انگار وجهي چڏيا ۽ فريب سان ايونيس کي ان ۾ کيرائي چڏيائين، جنهن ۾ سڙڻ سبب ايونيس مري ويو. هن ڏرتيءَ تي انسان جو اهو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ ۽ پهريون خون هو. اکسيون کان ڪٿي بہ ان گناهہ جو داغ ڏو ڇڏي نہ سگهيو. پر جيئن تہ سندس زال ديا جي سونهن تي زوس ديوتا عاشق هو، ان ڪري زوس ديوتا اکسيون کي آسمانـي ديوتائن جـي گادي اولمپس ۾ گهرائي هڪ ديوتا جو درجو ڏنو ۽ ان لاءِ هڪ جشن ڪيو ويو. اتي اکسيون، هيرادِيويءَ کي ڏسي مٽس ڇتو ٿي ڇيو ۽ هيرادِيويءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ لڳو. هيرادِيويءَ زوس ديوتا کي‌دانهن ڏني زوس ديوتا اکسيون کي ڪجهہ بہ نہ چيو، پر ان کي آزمائڻ لاءِ هيرا ۾دران هوبهو ان جهڙي صورت هڪ ڪڪر مان ٺاهيائين. اکسيون، هيرا ديويءَ کي ڪانئس ڇرڪڻ ۾دران هڪ هنڌ ويڻل ڏسي هن (ڪڪر) سان جنسي ميلاپ ڪيو، ائين ڪندي زوس وڃي ڪيس جهليو ۽ انهي الزام هيٺ تہ هن مهمان ٿي ڪري ميزبان جي امانت ۾ خيانت ڪئي، سزا طور اکسيون کي تاتار جي اوڙاهہ ۾، سدائين گول ڦرندڙ ڇڻ ڪنڊن واري گول ڇڪري ۾ بند ڪري چڏيائين. يوناني ڏند ڪٿائن مطابق اکسيون اڄ سوڌو اوڙاهن ۾ ڦري ڇڪر کائي رهيو آهي. زوس ديوتا، اکسيون کان ويرونڻ لاءِ سندس راڻي ديا سان ميلاپ ڪيو جنهن مان ديا کي پرٿيائوس نالي پٽ ڄائو.

* زوس ديوتا ديوين ۽ عـورتن کـان سواءِ ڪيترين ئـي جل پرين سان بہ همبستري ڪئي هئي، انهن مان ايجينا بہ هڪ هئي. زوس ديوتا جڏهين ان کي درياءَ جي ڪڏيءَ تي ڏٺو تـہ هڪدم پاڻ عقاب ڀڪي ايجينا کي چنبن ۾ کڻي سمنڊ ڏانهن اڏامڻ لڳو. ڀڄيان ايجينا جي پيءُ اسوپس گهٽي گولا ڪئي پـر

ايجينا جو پٽو نہ ٿيو. آخر وات تي ڪارنٽ جي بادشاهہ پيسي ڏس ڪيس ڏس پٽو ڏنو. جڏهين هو زوس جي ويجهو پهتو تہ زوس ديوتا ڪيس پنهنجي وچ ۾ گوڙ پيدا ڪندڙ لٽ جا ڏڪ هڻي پڇائي ڪڍيو. ٿوءِ ايجينا کي ڪٽي زوس ديوتا اوئينوسي ٻيٽ تي پهتو ۽ اتي ايجينا سان نويڪلائي ۾ عيش ڪرڻ لڳو. ان جي نتيجي ۾ ايجينا ايڪس نالي هڪ پٽ ڄڻيو. اوئينوسي ٻيٽ تي ٿوءِ ايجينا جو نالو ٿيو.

* هڪ ٻي جل پريءَ ايڪس Aex (ايڪري) سان بہ زوس ديوتا جنسي تعلق رکيو جنهن جي نتيجي ۾ ايجيپان پيدا ٿيو. جنهن ٽائفون ديو سان جنگ ۾ زوس ديوتا جي مدد ڪئي.

زوس ديوتا جو رومي تصور

ڪائنات ۽ پهرين عورت جي تخليق:

رومي ڪٿا مطابق، جوپيٽر ديوتا [زوس جو رومي نالو] ڪائنات جي پهرين عورت پنڊورا (Pandora) کي آسمان تي خلقيو. ان عورت کي سڀني ديوتائن، مختلف خوبيون عطا ڪيون. جهڙوڪ: وينس (افروڊائيٽ) ديويءَ عورت کي حسن سان نوازيو. مرکري ديوتا (هرمز) هن کي ڪشش ۽ من موهڻ جا جذبا عطا ڪيا ۽ اپالو ديوتا هن کي راڳ ۽ موسيقي ڏني. انهن سڀني خوبين سان نوازجڻ کان پوءِ، عورت کي زمين تي لاهي "ايپي ميٿيس" جي حوالي ڪيو ويو. ايپي ميٿيس جي گهر ۾ هڪ برٽي رکيل هئي، جنهن ۾ کي شيون بند هيون. (اها برٽي کولڻ لاءِ پنڊورا کي منع ٿيل هئي) پر ڪائنات جي هن پهرين عورت کي وَر وَر ڏني سن ۾ سونجهہ ٿيڻ لڳي. هن چاهيو ٿي تہ هوءَ اها برٽي کولي ڏسي تہ ان ۾ ڇا بند آهي. نيٽ هن اها برٽي کولي وڌي. اهڙي

طرح، ان برٹيءَ ۾ بند، ڪئين مصيبتون عذاب ڏک، بغض، حسد ۽ انتقام جا جذبا ٻاهر نڪري دنيا ۾ ڪاهي پيا. پنڊورا فوري طور ان برٹيءَ مٿان ڍڪ رکڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر، سواءِ "اميدن" جي باقي ڪابہ شئي برٹيءَ ۾ نہ بچي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾، سڀني مصيبتن، ڏکن ۽ عذابن جي باوجود انسان وٽ اڄ بہ "اميد" جو جذبو پرپور طور موجود آهي. هو هر تڪليف جي باوجود اميد تي زنده رهندو آهي.

* هڪ ٻي روسي ڪٿا مطابق، جوپيٽر ديوتا (زوس) انسان کي فيض بخشڻ لاءِ پنڊورا عورت کي ڌرتيءَ تي لاٿو. هن کي شاديءَ جا گهڻ گٽا ۽ هڪ صندوق ڏنسي ويئي، جنهن ۾ سڀني ديوتائن دعائون برڪتون، اميدون، ڏک، عذاب ۽ تڪليفون رکيون هيون. هڪ ڏينهن پنڊورا ٻي خيالي‌ءَ ۾ ان صندوق کي کولي وڌو. نتيجي ۾ سڀئي برڪتون ۽ دعائون تہ اڏامي ويون، باقي "اميدون" رهجي ويون، جن جي سهاري اڄ بہ انسان جيئرو آهي.

زوس ديوتا جو هندي تصور

هندي ڏند ڪٿائن تحت زوس کي دياس، ديوس يا ديوس پتر (Dyaus or Dyaus-Pitri) سڏجي ٿو، جيڪو آڳاٽن آرين جو آسماني خدا هو. ديوس جي "ويدڪ دؤر" ۾ اهميت گهٽجي ويئي. هو ڌرتي ديوي پرٿويءَ جو مڙس ۽ اندر جو پيءُ هو.

پوزيڈون (نيپچون) ديوتا

Poseidon (Neptune)

پوزيڈون ديوتا جون صفتون

سمنڊن، دريائن، چشمن ۽ پاڻيءَ جو مکيہ ديوتا، ڪرونس ديوتا ۽ ريئا ديويءَ جو پٽ، زوس ۽ هئڈيز ديوتائن ۽ هيرا، هيسٽيا ۽ ڊميٽر ديوين جو ڀاءُ- گھوڙن جو ڏاڍي، ڌرتي ڏوڏي زلزلا آڻيندڙ، ہرندڙ جبلن جي لاون ۽ تيرکي ڪرڻ ڪان بچائيندڙ، پنهنجي مرضيءَ موجب هرڪا شڪل تبديل ڪرڻ تي قادر- زبردست انتقام پسند، هڪ ڪامياب عاشق، سامونڊي جهاز راني ۽ سامونڊي ڪنڈيءَ تي مندرن جو سرپرست- ڏروجن جنگ ۽ ڏاڍ وارن جي

خلاف يونانين جو وڏو مددگار، يونان جـي هارهن اهم اولمپيائي ديوتائن منجهان، زوس ڪانپوءِ، هڪ اهم ديوتا.

پوزيڊون ديوتا جا نالا

پوزيڊون ديـوتا کي سوٽر (Soter) (بچائيندڙ)، گائيوچوس Gaieochos (ڌرتيءَ کي چوڌاري جهلينڊڙ)، اينوسيچٿان Enosichthon (ڌرتي ڏوڙيندڙ)، نمفيجيٽيز Nymphagetes (چشمن ۽ رهندڙ جل پرين جو مهندار)، هپيوز Hippios، (آڏامندڙ جنگي گهوڙن جو ڏٽي) ۽ فزيشن (ويڇ) جي لقبن سان سڏيو ويو آهي.

گهوڙو، ڀالفن (سامونڊي مڇي)، صنوبر جو وڻ (جنهن جي ٽارين سان اسٽميا جي فاتحن جـي تاجپوشي ڪئي ويندي هئي.) سندس خاص نشان آهن.

پوزيڊون ديوتا جا عشق، شادي ۽ اولاد

✳ ناڪسوس ٻيٽ وٽ پوزيڊون ديوتا هڪ سامونڊي جل پري ائمفيٽرائيٽ کي ناچ ڪندي ڏٺو ۽ مٿس عاشق ٿي پيو. ائمفيٽرائيٽ کي جڏهن اها خبر پئي تہ هن پڇي ويچي انلس ديوتا وٽ ٻناهم ورتي. پوزيڊون ديوتا سمنڊ جي مخلوق کي سندس ڳولا جو حڪم ڏنو. آخرڪار ڊبلفن نالي هڪ مڇيءَ وچي ائمفيٽرائيٽ کي سمجهايو ۽ ڪيس پوزيڊون سان شادي ڪرڻ تي آماده ڪيو. ائمفيٽرائيٽ کي هن ديوتا سان ٿي پار ٽرائيٽن، رهوڊ ۽ بينٽي سيڪائيم پيدا ٿيا.

✳ پوزيڊون ديوتا جو پاڻ هنڊيز پنهنجي ٻيٽ ڊيمٽر جي ڌيءَ پرسي فون کي پڇائي پاتار ڪٽي ويو. ڊيمٽر ديـوي پنهنجي ڌيءَ جي ڳولا ۾ اولهپس ڇڏي هن ڌرتيءَ تي هيڏانهن هوڏانهن ٻڪرڻ

لڳي. جڏهن هوءَ آرڪاڊيا وڃڻ اڇي لنگهي تہ وات تي پاڻس پوزيڊون ديوتا کيس ڏسي ورتو ۽ ساڻس زوري ڪرڻ جو خيال ڪيو. اهو ڏسي ڊيمٽر ديوي پنهنجي صورت مٽائي گهوڙيءَ جي شڪل اختيار ڪئي، پر پوزيڊون ديوتا وري پاڻ کي نر گهوڙي جي شڪل ۾ آندو ۽ ان حالت ۾ ساڻس ميلاپ ڪيو. جنهن سان ڊيمٽر ديويءَ کي آريون نالي هڪ آسماني گهوڙو ۽ ڊيسپوئينا ديوي پيدا ٿيا.

* ميڊوسا نالي هڪ حسين ڪنواري دوشيزه اٿينا ديويءَ جي پوڄاري هئي، پوزيڊون ان کي اٿينا جي مندر ۾ ڏٺو ۽ مٿس عاشق ٿي ويو ۽ انهيءَ مندر ۾ ساڻس ميلاپ ڪيو، جنهن سان ڪرائيسار ۽ مشهور اڏامندڙ گهوڙو پيگاسس پيدا ٿيا. اٿينا ڪنواري ديوي هئي، پاڻ سان ڪنواريون دوشيزائون گڏ رکندي هئي. جڏهن ميڊوسا جو ڪنوارپڻو ختم ٿيو تہ اٿينا ڏسرجي سندس شڪل اهڙي تہ ڀوائتي بنائي ڇڏي جو جيڪو بہ ميڊوسا ڏانهن ڏسندو هو تہ پٿر ٿي ويندو هو.

* آرگوس جي شهر جو اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هن ديوتا هيرا ديويءَ سان مقابلو ڪيو. ان ۾ هيرا ديويءَ کٽيو. تنهن تي هن ديوتا ڪاوڙجي ندين جا پيٽ سڪائي ڇڏيا. لبيا جي بادشاه دانائس پنهنجي ۵۰ ڌيئن کي پاڻيءَ جي ڳولا ۾ روانو ڪيو. اميموني بہ انهن منجهان هئي. پاڻيءَ جي ڳولا ڪندي وات تي ان شهزادي هڪ سٽائر (اڌ گهوڙو اڌ انسان) کي، پُل وچان تير سان ڇڪي وڌو. ان تي سٽائر ڪاوڙ ۾ اچي کيس جهليو ۽ ساڻس زوري ڪرڻ تي هو تہ پوزيڊون ديوتا اوچتو مٿان اچي نڪتو. هن ديوتا ان شهزاديءَ کي سٽائر ديو کان بچايو، پر پاڻ بہ مٿس هرکي ڀيو ۽ اتي جو اتي ساڻس ميلاپ ڪيائين، جنهن سان نائو پليس نالي مشهور ملاح پيدا ٿيو. هن ديوتا اميموني‌ءَ کان خوش ٿي کيس لونا وٽ پاڻيءَ جو هڪ چشمو ڳولي ڏنو.

* هن ديوتا پنهنجي ڏاڏيءَ کي ٻه نم چڏيو. ان مان ٻہ کيس انتائيس نالي ديو پيدا ٿيو.

* ٽيسيلي ۾ ڏوشن ملک جي بادشاهہ ٽريوپس جي ڏيءَ انيميديا جي شادي الوئس سان ٿي هئي، پر هوءَ پوزيڈون تي عاشق ٿي پئي ۽ سدائين سامونڊي ڪناري تي سمنڊ ۾ پير وجهيو ويٺي هوندي هئي. نيٺ پوزيڈون ديوتا ساڻس اتي وڃي ميلاپ ڪيو. جنهن مان اوٽس ۽ ايفيالٽيس ٻہ ديو پيدا ٿيا.

* ايليوسس جي بادشاهہ سرڪيون جي ڪنواري ڏيءَ ايلوپي تي هي ديوتا عاشق ٿي پيو ۽ ساڻس گڏهہ گوهہ ۾ ملندو رهيو. ان مان شهزاديءَ کي پيٽ ٿي پيو ۽ هپوٿائوس نالي پٽ ڄڻيائين. جنهن کي ريڊارن گهوڙين جي کير تي پالي وڏو ڪيو ۽ اڳتي هلي هو ايليوسس جو بادشاهہ ٿيو. سرڪيون بادشاهہ جي غضب کان بچائڻ لاءِ پوزيڈون ديوتا، ايلوپيءَ کي هڪ پاڻيءَ جي چشمي ۾ بدلائي چڏيو.

* پوزيڈون ديوتا ٽوسا نالي هڪ جل پريءَ سان ٻہ تعلق رکيو هو، جنهن مان پوليمس نالي هڪ سائيڪلوپ (هڪ اک وارو ديو) پيدا ٿيو.

* ٻيٽينا ۾ بيبريڪس جي شهر جو بادشاهہ اميڪس ٻہ هن ديوتا جو پٽ هو. جيڪو هر آيل ساٿوءَ سان زوري ٽونشيبازي (باڪسنگ) ڪندو هو ۽ هارائيندڙ کي ٻوڙي ماريندو هو. اميڪس کي اگرونات پوليڈيوس باڪسنگ ۾ ماري چڏيو.

* ايلس جي بادشاه جي ڏيءَ "ٽائرو" جي ماءُ مري وئي ۽ هوءَ نڍڙڪي ٿي پئي ۽ سندس مائيجي ماءُ سائيڈيرو مٿس ڏاڍو ظلم ڪيو. ٽائرو، سائيڈيرو کان پاسو ڪري پر واري ندي‌ءَ جي

ڪناري تي اڇي گهمندي هئي جتي، اتي جو دريائي ديوتا اينيپيئس مٿس عاشق ٿي پيو. هڪ ڏڪا پوزيڊون ديوتا درياهه جي ڪناري تي ڪيس ڏسي دل هاري ويڻو ۽ پاڻ اينيپيئس جي شڪل اختيار ڪري ٽائرو کي درياهه ۾ وڃي ويو ۽ پاڻي ۾ ساٿس ميلاپ ڪيائين. جنهن سان پيلياس ۽ نيليس ۾ جاڙا پٽ پيدا ٿيا. ٽائرو پوءِ وري پنهنجي چاچي ڪريٿيس، آيولڪس جي بادشاهه سان شادي ڪئي. ان سان به ڪيس ٽي پٽ ٿيا جن سان هڪڙو ايسن هو، جو مشهور آرگونات "جئسن" جو ٻيءُ هو. ڪريٿيس جي مرڻ کان پوءِ پيلياس ايسن جو حق دٻائي پاڻ آيولڪس جو بادشاه بنجي ويو هو.

* ٽيسيلي جو بادشاهه ايلاٿس جي سڌي ڏيءَ ڪائينس، جنهن سڄي جمار ڪنواري رهڻ جو عهد ڪيو هو، تنهن کي پوزيڊون ديوتا سامونڊي ڪناري تي ڏسي ورتو ۽ ان تي ڇتو ٿي پيو. پوزيڊون ديوتا ڪائينس کي ڏسڻ شرط ساٿس ميلاپ ڪيو ۽ خوشيءَ وچان هن کي چيائين ته "گهر جيڪي گهرٿو اٿئي؟" ۽ شهزاديءَ جي مرضيءَ تي ڪيس مرد بنائي ڇڏيائين.

* هن ديوتا پنهنجي هڪ سريت ميسٽرا کان خوش ٿي ڪيس پنهنجي مرضيءَ موجب شڪل مٽائڻ جي ذات بخشي.

* جل پرين ۽ ديوين کانسواءِ هن ديوتا جو تعلق ڪيترين ئي عورتن سان به هو. جن سان مصر جي بادشاهه ايپافوس جي ڏيءَ ليبيا (جنهن تان ليبيا ملڪ جو نالو پيو) مشهور آهي. پوزيڊون جي ميلاپ سان ليبيا کي به جاڙا پٽ پيلس ۽ ايجينار ۽ ٽيون پٽ ليليڪس پيدا ٿيا. ايپافوس جي هاري ۽ چيو وڃي ٿو ته هو زوس ديوتا جو آئي او ديوي منجهان پٽ هو.

* هن ديوتا ليبيا کان سواءِ سندس پٽ لائيسياناسا سان به

جنسي تعلق قائم ڪيو. جنهن سان ڪيس هڪ پٽ ٻيوسيريس ڄائو جيڪو پنهنجي نالي، ايپائس جي مرڻ کانپوءِ مصر جو بادشاه ٿيو. جنهن ڏکارين ڏينهن ۾ مينهن پوڻ لاءِ، هيءَ رسم جاري ڪئي هئي ته جڏهن به غيرملڪي ساڻهو ملڪ ۾ هوندا هئا، انهن کي زوس جي نالي ۾ ڪهي قربان ڪندو هو. مصر ۾ انسان جي قرباني جي اها رسم حضرت عمر رضه جي ڏينهن ۾ بند ڪرائي وئي.

* ائينس جي عظيم هيرو ٿيسيئس لاءِ ڇيو وڌيڪ ٿو ته هو به پوزيڊون ديوتا جو پٽ هو.

* پوزيڊون ديوتا هڪ ڇوڪر سان به عشق ڪيو. اهو ڇوڪر ليريا جي ظالم بادشاهه ٽانٽالس جو پٽ پيلوپس هو. پوزيڊون ديوتا، پيلوپس کي اولمپس ۾ وٺي ويو. جڏهن ٽانٽالس جو ظالمانه دور ختم ٿيو، تڏهن هن ديوتا پيلوپس کي سهٽن پرن سان آڏامندڙ گهوڙن جو هڪ ڏٺ ڏني، وڏي شان شان سان موڪلائي سندس ملڪ ليريا موڪليو.

پوزيڊون ديوتا جا انتقام

* مشهور يوناني هيرو اوڊيسيس پنهنجي سفر تان موٽندي جڏهن سسليءَ جي هڪ غار ۾ پناهه وٺڻ چاهي ته اتي پوزيڊون جي پٽ پولي فيمس (هڪ اک واري ديو) کيس غار ۾ بند ڪري ڇڏيو. اوڊيسيس انڪل سان کيس شراب پياري باهه جي آڙ سان سندس اک انڌي ڪري آئي ڀڳو، پولي فيمس مري ويو. اها خبر جڏهن پوزيڊون ديوتا کي پئي، تڏهن هن اوڊيسيس کي سخت سزا ڏني. هن ديوتا فائيشيا جي ماڻهن کي به سزائون ڏنيون، جن اوڊي سيس جي مدد ڪئي هئي.

* پوزيڊون، اپالو ديوتا سان گڏجي ٽراءِ جي قلعي جون پٽيون وڌيون هيون، پر وعدي موجب اتي جي بادشاهه لائوميڊان هنن کي اجوري جي هوليل رقم نه ڏني. ان تان کاوڙجي هن ديوتا هڪ سامونڊي بلا ٽراءِ ڏانهن ڇڪي هئي، جنهن اتي وڏو هراس ڦهلايو ۽ شهزادي هسيوني ذري گهٽ ان بلا جو ٻک ٿيڻ تي هئي، پر کن سڀن کري پوزيڊون ديوتا ٽراءِ وارن جو اهو ڏوهه درگذر کيو. ٽروجن جنگ ۾ به هن ديوتا انهيءَ سبب ٽراءِ جي خلاف يونانين جي مدد ڪئي.

* لوڪرينش جي بادشاهه آئيلس جي پٽ ايڪس، ائينا ديويءَ جي مندر ۾ ٽراءِ جي بادشاهه پريام جي ڌيءَ ڪئسينڊرا سان زوري زنا کيو، ان تان ائينا ديويءَ کي ڏاڍي کاوڙ آئي، ان جي ڦوڙ تي پوزيڊون ديوتا ايڪس کي ماري ڇڏيو.

* ڪريٽ جي بادشاهه مينوس، هن ديوتا کان سندس نالي ۾ قربان ڪرڻ لاءِ، هڪ سهڻو سامونڊي سان (ڍڳو) ورتو ۽ لالچ ۾ ان کي قربان نه کيو پر پاڻ وٽ رکيائين. انهيءَ تان کاوڙجي پوزيڊون ديوتا، مينوس بادشاهه جي راڻي پاسيفاءِ جي دل ۾ ان ڍڳي سان ميلاپ ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي. راڻيءَ ان مقصد سان مشهور يوناني کاريگر وادي ڊانيڊالس هٿان ڪاٺ جي هڪ اڙي گهٽون ٺهرائي جا هوبهو اصل جهڙي هئي ۽ ان گهٽون جي اندر ويهي راڻيءَ ان ڍڳي کي جنسي ميلاپ لاءِ آماده کيو. ڍڳي سان ميلاپ جي نتيجي ۾ راڻيءَ کي مينوٽور نالي هڪ پٽ ڄائو. جنهن جو منهن ڏڙ ڍڳي جهڙو ۽ هيڻيون ڏڙ مائهو جو هو.

* پوزيڊون ديوتا هن ڌرتيءَ جي ڪيترن علائقن تي پنهنجي تسلط جون دعوائون ڪيون. خاص ڪري ائينس ۽ ٽروئيزان جي شهرن تان سندس مقابلو ائينا ديويءَ سان ٿيو ۽ آرگوس جي شهر تان سندس هيرا ديويءَ سان تڪرار ٿيو. ائينس ۾ هن ديوتا،

پنهنجي ڻن سُنهن واري بٽڻي هٿي هڪ چشمو پيدا ڪيو، پر ان جو پاڻي کارو نڪتو. سندس مقابلي ۾ اٿينا ديوي هڪ زيتون جو وڻ اتي جو اتي پيدا ڪيو. ظاهر آهي ته اٿينس جي ماڻهن کي کاري پاڻيءَ بدران زيتون وڻيڪ وڻيو هوندو. سو اهڙيءَ طرح اٿينس تي اٿينا ديويءَ جو ٿالو پيو ۽ هن ديوتا ان تان هٽ ڪنيو.

* آرگوس جي شهر تان سندس ٽڪر هيرا ديويءَ سان ٿيو. ان مقابلي ۾ آرگوس جي آسپاس جي سمورن درياهي ديوتائن هيرا ديويءَ جو ساٿ ڏنو، ان ڪري پوزيڊون ديوتا کاوڙ ۾ اچي آرگوس وٽ سموري زمين کي ساموندي کاري پاڻيءَ سان ڀري ڇڏيو ۽ دريائن جا پيٽ سڪائي ڇڏيا. ليبيا جي شهزادي اميموني هن ديوتا کي اتي ملي هئي.

* ڪارنٿ جي ملڪ تان وري سندس ٽڪرار هيليوس (سورج) ديوتا سان ٿي پيو، پر ان ۾ پوزيڊون ديوتا سو پارو ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪارنٿ جو ساموندي ڪنارو سندس تسلط هيٺ آيو.

* پوزيڊون ديوتا انتقامي جذبي سان گڏ هڪ مهربان ۽ فياض دل جو مالڪ هو. هن پنهنجي سريتن ۽ محبوبائن تي مهربانيون ڪرڻ کانسواءِ ڪيترن ساٿين توڙي ديوتائن سان به مهربانيون ۽ مددون ڪيون.

* ٽيسيلي جو ملڪ جيڪو اڳي پاڻيءَ ۾ هڪ وڏي ڍنڍ هئي، اتي هن ديوتا هڪ زلزلو آڻي، پاڻي ختم ڪري، هڪ نئون ملڪ بنايو.

* هن انو ديويءَ کي سندس پٽ سميت ٻڏڻ کان بچايو.

* ملاحن کي ساموندي طوفانن کان بچائڻ لاءِ هن ديوتا کي ستر

ء ٻولي ڊيوسز کي ملاحن جو محافظ بنائي، انهن کي طوفان روکي سمنڊ کي مائو ڪرڻ جي ذات ڏني.

* زلزلن اچڻ وقت ماڻهو هن ديوتا کان مدد لاءِ دعا گهرندا هئا. ڪيس امفاليوز (هرندڙ جبلن جي لاوي ۽ ترکڻ ۽ ڳچڻ کان بچائيندڙ) جي لقب سان سڏيو ويندو هو.

* هن ديوتا ميسينا جي بادشاهه جي پٽ آئڊاس کي مار پيسا ماڻڻ ۾ مدد ڪئي. مار پيسا جي بيءَ ايونش گهوڙي گاڏين جي ڊوڙ جو مقابلو ڪرايو ۽ اهو اعلان ڪيو هو ته جيڪو به اها ڊوڙ کٽندو ان کي مار پيسا جو سڳ ملندو. پوزيڊون ديوتا آئڊس کي سهڻن پرن وارن اڏامندڙ گهوڙن سان گاڏي ڏني، جنهن ۾ هو مار پيسا کي پڇائي ويو. اهڙا ئي گهوڙا هن ٽريس جي بادشاهه رهيسس کي به ڏنا. جن گهوڙن لاءِ پيشن گوئي ڪيل هئي ته جيڪڏهين انهن ڏاڻ جي ميدانن مان گاهه پٽو، چنو يا اسڪامينڊر نديءَ جو پاڻي پيتو ته يوناني ڪڏهين به ٽرائي فتح نه ڪري سگهندا. ان ڪري اوڊي سيس ۽ ڊايوميڊس وڃي وڏي رهيسس کي ماري سندس گهوڙا چورائي ويا.

* انجيما جي شهزادي پيليس کي به سمڊس ٽيٽس ديوي‌ءَ سان شاديءَ ۾، پوزيڊون ديوتا اهڙا ئي به لافاني ۽ لاثاني گهوڙا ايڪسانٽس ۽ باليٽس نالي سوڪڙي ڪري ڏنا هئا.

* پوزيڊون ديوتا نه فقط پنهنجي مرضيءَ موجب ڪهڙي به شڪل اختيار ڪرڻ ۾ قادر هو، پر هن کي اها به طاقت هئي جو ڪنهن کي به اهڙي ذات ڏئي ٿي سگهيو. هن پنهنجي پٽ پيري ڪلائي مينس ۽ پنهنجي سريت ميسترا کي به اهڙي ڪرامت ڏني هئي.

* سمائن کي مچيءَ جو ڏس ڏيڻ لاءِ سامونڊي ڪناري تي

هن ديوتا هڪ ڏڳو بيهاري چڏيو هو. ان ياد ۾ ڪورسائرا پٽ جا ماڻهو هن ديوتا جي پوڄا ۾ پتل جو هڪ ڏڳو پيش ڪندا هئا.

* ديلفي مندر ۾ ٽيل ٻيشن گوئيءَ موجب، ماڻهو پنهنجي شڪار جو عشر (ڏهون حصو) هن ديوتا جي نالي ۾ ڪيندا هئا.

* هن ديوتا کي اسڪميا ۾ پوڄيو ويندو هو ان کان سواءِ بوئيشيا ۽ ديلفيءَ ۾ به سندس عبادت ڪئي ويندي هئي. سندس مجسمن ۾ ڪيس ڏڳهو قداور ۽ ڏاڙهيءَ سان هڪ وزنائتو جوان ڪري ڏيکاريو ويو آهي. روم جا ماڻهو ڪيس نيپچون سڏيندا آهن.

هئڊيز (پلوٽو) ديوتا

Hades (Pluto)

هئڊيز [ديـوتـا] جـون صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ ريئا ديويءَ جو پٽ ۽ زوس ۽ پوزيڊون ديوتائن ۽ هيرا ۽ هيسٽيا ۽ ڊيميٽر ديوين جو ڀاءُ ۽ ڪائنات جي ٽئين حصي جو مالڪ، زير زمين (پاتار) جي دنيا جو ديوتا، مئل دنيا جو بادشاهه .

نالا ۽ لقب

هئڊيز اڪر جي معني آهي اڻ ڏٺل . هن ديوتا کي ڊس Dis (شاهوڪار)، يوبوليئس (Eubouleus) (سٺو صلاحڪار)،

ڪلائي مينوس Klymenos (وڏي نالي وارو)، پالي ڊيگمن Polydegmon (مهمان نواز)، پائي لارٽيس (Pyartes) (دربان) ۽ اسٽائي جيروس Stygeros (نفرت انگيز) جي لقبن سان سڏيو ويو آهي. سندس هڪ لقب زوس ڪٿاچٿونيئس Zeus Katachthonios (پاتار جو زوس) به آهي.

مرڻ کان پوءِ

مرڻ کان پوءِ سڀني ساهوارن جا روح زنده سمجهيا ويندا هئا ۽ ڏرتيءَ تي ساهه ڇڏڻ کان پوءِ سندن لاش روحاني پاڇا سمجهيا ويندا هئا ۽ مرڻ شرط انهن کي پاتار ۽ اماڻيو ويندو هو جتي هئڊيز ديوتا جي بادشاهي هئي. اتي بنا رت جي سندن مجهول ۽ وساڻل جسم هڪ عجيب مڪانڪي زندگي گذارينداهئا.

مرڻ کان پوءِ سمورن ساهوارن جي پاڇن ۽ روحن کي گڏ ڪري هرمز ديوتا جي نگرانيءَ ۾ دريا جي ٻئي پار پڙيءَ ۾ موڪليو ويندو هو. ان پڙيءَ جو ناڪئو جهونو ملاح چارون هوندو هو. جيئن پيڙي رواني ٿيندي هئي، تيئن سربي رس نالي هڪ ڪتي جهڙي بلا انهن مُردن تي بيهي ڪهن واپس نه موڙڻ لاءِ درڪا ڏيندي هئي. جڏهين اها پڙي اسٽائڪس دريا جي ٻئي پار پهچندي هئي تہ سڀني مسافر مُردن کي او بولوس (Obolos) نالي هڪ سڪو ڏيڻو پوندو هو. اهو پاڙو پري وري سمورا مُردا آتشي منصفن مينوس رهدا منٽائيس ۽ ايا ڪس جي اڳيان پيش ٿيندا هئا. انهيءَ پچاڻي ڪانپوءِ سڀني کي اسفوڊيل (Asphodel) نالي هڪ اونداهي ٻٽ ۾ ڇڏيو ويندو هو. اسفوڊيل جو ميدان سڄي دنيا کان ڪٽيل هڪ ويران ۽ پڙپاڻگ ميدان سمجهيو ويندو هو.

پاتار جي ٻنهه تر ۾ ٽارٽارس جو هڪ ابدي اونداهي علائقو هو جتي ڏوهارين کي قيد ۾ رکيو ويندو هو.

ٽلهي ليکي پاتار جو تصور هڪ دوزخ جو تصور هو ۽ اهو هڪ اهڙو جهنمي قيد خانو هو، جنهن جو جيلر هئڊيز ديوتا هوندو هو.

پرسي فون سان زنا

هي ديوتا، زوس ديوتا جي ڊيٽر ديويءَ سان پيدا ٿيل ڏي پرسي فون تي عاشق ٿي پيو. جيڪا سندس پائٽي به هئي تہ پيٽج به هئي. چاڪاڻ تہ زوس سندس ننڍو ڀاءُ هو ۽ ڊيٽر سندس پيٽ هئي. هن ديوتا زوس ديوتا جي مدد سان پرسي فون کي زوري پڃائي ساڻس ڪارو منهن ڪيو. ڊيٽر ديويءَ گهٽيون ڪرششون ڪيون پر هن ديوتا پرسي فون جي ڀانهن موٽائي نہ ڏني.

جڏهين ڊيٽر ديوي رنج ۽ ڪاوڙ وچان هن ڏرتي تي ڏڪار آندو، تڏهين زوس ديوتا سال جو ڪجهہ حصو پرسيفون کي مڙس وٽ ۽ باقي حصو ماءُ وٽ گذارڻ جو فيصلو ڪري دنيا کي ڏڪار کان بچايو.

پرسي فون کي مُردن جي ملڪ سڏيو ويو آهي. هئڊيز ديوتا جو ديوتائن جي دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ اهڙو خاص ڪردار ڪونهي. سندس پوڄا جو ڪو خاص مندر يونان توڙي روم ۾ نہ هو. فقط ايلوسس جي اسرار ۾ جيڪا مخفي پوڄا ٿيندي هئي. ان ۾ ڊرامي جي صورت ۾ هن ديوتا کي پرسي فون کي زوري زنا ڪرڻ کان پوءِ ڪيس زوري پڃائيندي ڏيکاريو ويندو هو.

هيسٽيا (ويسٽا) ديوي

Hestia (Vesta)

صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ رهيا ديويءَ جي ڏيءَ، زوس ديوتا جـي پيڻ، گهرو زندگيءَ جـي سرپرست، گهرو آتش دان (چُلهه) جي ديوي، قرباني جي رسمن جي مهندار، ڪائنات جي چُلهه جـي ديوي. ڪنواري. هارنهن اهم اولمپيائي ديوتائن منجهان هڪڙي.

هيسٽيا جا عاشق

هن ديويءَ جي ڀاءُ پوزيڊون ديوتا ۽ ڀائٽي اپالو ديوتا ساڻس شادي ڪرڻ جي آڇ ڪئي، پر هن ديويءَ سڄي عمر ڪنواري رهڻ جو عهد ڪري پنهنجي جند ڇڏائي.

هي ديوي گهر و چُلهه جي ديوي هئڻ ڪري هر ڪنهن گهر جي سرپرست هئي. هر ڪنهن گهر ۾ چُلهه تي هوندي آهي. ان ڪري سڄي گهرن ۾ روزانو سندس پوجا ڪئي ويندي هئي. هر ڪنهن شهر ۾ هڪ گڏيل ميڙ ٻاريو ويندو هو ۽ هن ديويءَ جا پوجاري ان ميڙ جي باهه ڪڏهن به اجهامڻ نه ڏيندا هئا. هر ڪنهن نئين جاول ٻار کي سندس ڪٽنب جو پاتي بنائڻ لاءِ ڦهريائين آن ميڙ تي آندو ويندو هو. ماني کائڻ کان اڳ ۾ هن ديويءَ جي نالي نذرانو ڪيو ويندو هو. سندس پوجارڻيون هميشه ڪنواريون رهنديون هيون. روم ۾ هن ديويءَ جي ميڙ جي باهه جي سنيال لاءِ ڇهه ڪنواريون پوجاريون هونديون هيون، جن کي ويستال ڪنواريون چيو ويندو هو. جيتوڻيڪ هيسٽيا کي ڏندڪٿائن ۾ ڪا خاص اهميت ڪانهي، پر تڏهين به سندس عبادت سموري يونان ۽ روم ۾ ڦهليل هئي. هر ڪنهن فرقي ۾ هن ديويءَ جي عبادت لاءِ هڪ گڏيل ميڙ ضرور هوندو هو، جنهن ۾ سڀني پئي باهه ٻرندي هئي.

هيرا (جونا) ديوي

Hera (Juno)

هيرا ديويءَ جون صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ رهيا ديويءَ جي ڏيءَ، زوس، پوزيڊون ۽ هئڊيز ديوتائن جي ڀيڻ، زوس ديوتا جي زال، آسمان جي ديوتائن جي راڻي ليزبين Lesbean (هم- جنس پرست) عورتن جي ميلي جي اڳواڻ، هڪ حاسد ۽ ويرُ وڻندڙ عورت، ڪلن جي راڻي، ٻُڌل (ويم ڪيل) زالن جي محافظ، شادي ۽ گهرو زندگيءَ جي ديوي.

هيرا ديويءَ جا نالا

هيرا جو نالو لاطيني اکر هيروس (سورسي) مان نڪتل آهي، جنهنجو مذڪر هيرو (سورسو) آهي.

* هيرا ديويءَ کي ايليٿائيا Eileithyia (هارن جي جم جي ديوي) سڏيو ويو آهي.

* عورتن جي زندگيءَ جي مختلف مرحلن جي نسبت سان، هيرا ديويءَ کي سلسليوار الڳ الڳ نالن سان منسوب ڪيو ويو آهي جهڙوڪ :

پارٿينوس Parthenos (ڪنواري)، ٽيليئا Teleia (جوءِ - زال) ۽ چيرا Chera (رن زال يا طلاقيل). انهيءَ لاءِ هينئن چيو ويو آهي ته هيرا ديوي هر سال ڪٿنائس جي هڪ خاص چشمي ۾ وهنجڻ سان نئين سر ڪنوار ٿي ويندي هئي. هيرا ديويءَ کي هيرا لاسينا ۾ سڏيو ويو آهي جو ڪروٿون لاسينا ۾ سندس عبادت جو هڪ وڏو مندر هوندو هو.

* گئون هن ديويءَ لاءِ هڪ مقدس جانور هو. ان ڪري هيرا ديويءَ کي گئون جي مهانڊي واري Cow-Faced يا وڏين اکين واري Large-Eyed جي نالن سان به سڏيو ويو آهي. هيرا ديويءَ جي نالي ۾ گئن جي قرباني به عام هئي. هن ديوي جي ڏينهن تي وڏي تعداد ۾ ڏيگهي گاڏين جو جلوس ڪڍبو ويندو هو. ان ڏس ۾ ڪيس ڏيگن جوڙڻ جي پانچارين جي ديوي Lady of the yoke به ڪوٿيو ويو آهي.

* گئون کانسواءِ پکين ۾ ڪوئل ۽ مور به سندس پاڪ جانور ليکيا ويا آهن. ڏاڙهون ۽ صوف هن ديوي لاءِ مقدس ميوا آهن.

هيرا ديويءَ لاءِ چيو ويو آهي ته هوءَ ساموس شهر ۾ ڄائي هئي. هوءَ جڏهين پيءُ جي پيٽ مان نڪتي تڏهن کيس ٽائيٽن گهراڻي جي اوشيانس ديوتا ۽ ٽي ٿائس ديويءَ پالڻي نهائي وڏو ڪيو. هيرا ديوي جي جم، نهاڻ ۽ زوس ديوتا سان سندس شادي جي باري ۾ ڪيترين ئي هڪ ٻئي جي آهڙ روايتون آهن.

هيرا ديويءَ جي شادي

* هيرا ديوي آرگوس جـي پرسان جهنگ ۾ ٻئي گهمندي هئي. هڪ دفعي زوس ديوتا کيس اتي ڏسي ورتو ۽ مٿس عاشق ٿي پيو. زوس ديوتا پنهنجي ڪرامت سان هٿرادو مينهن واڇ پيدا ڪئي ۽ پنهنجي شڪل مٽائي ڪوئل پکي بنجي، پاڻ کي ڪٽي هيرا ديويءَ جي ڪڙن ۾ اڇلايو. ان کان پو ۽ زوس ديوتا پنهنجي اصلي صورت ۾ ٽڪري ظاهر ٿيو ۽ ڪٽي هيرا ديوي کي ٻاڪرن ۾ جهليائين. پو ۽ زوس ديوتا هيرا ديوي سان شادي ڪرڻ جو وچن ڪيو.

* هڪ اي روايت ۾ چيو ويو آهي ته سندن ٻهرين ملاقات يونانيا جي ملڪ ۾ ٿي هئي ۽ زوس ديوتا هيرا ديويءَ کي اتان ڇڪائي سائيٿيران جبل جي هڪ غار ۾ وڻي ويو. ٻڌيان هيرا ديوي جي سنيال ڪندڙ هانهي ماڪرس به سندن پيرو ڪٽي اچي ان غار وٽ منهن ڪيو. پر سائيٿيران جبل وٽان هڪ آواز ۾ ڪيس اڳتي وڌڻ کان منع ڪئي وئي. ڪيس اهو ٻڌايو ويو ته زوس ديوتا غار ۾ ليٽو ديويءَ سان گڏ ستل آهي، پر ائين نه هو. اندر ليٽو نه، پر هيرا ديوي زوس سان گڏ ستل هئي.

اڙيءَ طرح هيرا ديويءَ جي شادي زوس ديوتا سان ٿي.

هيرا ديويءَ کي زوس ديوتا سان شاديءَ جي موقعي تي سندن ڏاڏيءَ گائيا ديوي سونا صوف ڏاج ۾ ڏنا.

هيرا ديويءَ جو اولاد

هيرا ديويءَ کي زوس ديوتا مان ٽي ڌار پيدا ٿيا، جن مان هڪ پٽ ايريز (جنگ جو ديوتا) ۽ ڌيون الي ٿائيا (ٻارن جـي جم جي ديوي) ۽ هيبي (جوڀن جي ديوي) هيون. انهن کانسواءِ

هيرا ديويءَ پنهنجي مڙس جي مدد کانسواءِ هڪ پٽ "هيفائسٽس" نالي ڄڻيو.

هيرا ديويءَ جا سندس پهاڃين کان انتقام

شاديءَ کان پوءِ زوس ديوتا هيرا ديويءَ سان وفادار نہ رهيو ۽ سندس عشق هوس جون ڪارروايون اڳي کان بہ اڳريون ٿيڻ لڳيون. هن ڪيترين ئي ديوين، جل پرين ۽ عورتن سان جنسي تعلقات قائم ڪيا. جنهن تان هيرا ديويءَ ۽ سندس اولاد جو بہ زوس ديوتا سان تڪرار ۽ جهيڙو متل هوندو هو. هيرا ديويءَ کي جڏهن بہ زوس ديوتا جي ڪنهن نئين ڪارگذاريءَ جي خبر پوندي هئي تہ هوءَ ترت زوس جي سريتن کي سيڪتون ڏيندي هئي، ايتري قدر جو انهن جي اولاد کي بہ سندس ويرو روڳ جو نشانو ٿيڻو پوندو هو. هن سيميلي، الڪميني ۽ ڪالسٽو نالي پنهنجي پهاڃين سان وڌا وئل ڪيا.

* هيرا ديويءَ کي جڏهن خبر پئي تہ سندس مڙس هڪ پوڃارڻ دوشيزہ 'آئي او' تي عاشق ٿي پيو آهي تہ هن آءِ او کي هڪ اڇي "وهڙي" (ڳئون) بنائي ڇڏيو ۽ وري ان تي وڌين ڪين (ڳهين) جا ڪٽڪ ڇاڙهيائين، جن پنهنجي ڏنگن سان آئي‌او کي هڪ هنڌ ٻيهڻ نٿي ڏنو. هيرا ان ڳئون تي پهرو ڏيڻ لاءِ آرگس نالي هڪ سئو اکين واري بلا، پهري تي بيهاري ڇڏي. جڏهن زوس ديوتا آئي او کي هڪ ڳئون (وهڙيءَ) جي صورت ۾ سڃاڻي وڃي هٽ ڪيو، تڏهن هن پنهنجي پٽ هرمس ديوتا کي ٻڌيو، جنهن سُرندن سازن ۽ گيتن سان آڪاٽيون ٻڌائي، ان سئو اکين واري بلا کي سمهاري ڇڏيو ۽ پوءِ متل حالت ۾ ان کي ماري سندس اکيون ڪڍي ڇڏيائين. اهڙي طرح آئي او هيرا جي قيد مان آزاد ٿي، زوس جي حوالي ٿي. آرگس جون اهي

هڪ سئو اکيون ڦوندي هيرا ديويءَ پنهنجي پياري سور پکيءَ جي پرن ۾ لڳايون. ڇيو وڃي ٿو تہ آرگس جون اهي اکيون اڄ بہ سور جي پرن ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

زوس ديوتا جيڪا بہ سريت رکندو هو ان کي هيرا ديوي نہ ڇڏيندي هئي، چاهي ان جـو ڪوبہ ڏوهہ نـہ هجي يا ان ڏوهہ ۾ هوءَ بي وس ڇو نہ هجي. پر هيرا ديوي ان کي سخت سزا ڏيندي هئي.

* زوس ديوتا جي هڪ سريت ليٽو ديويءَ کي جڏهن زوس مان پيٽ ٿي پيو تہ هيرا ديويءَ هن کي هن ڏرتي تي ويہ ڪرڻ نڏي ڏنو ۽ سندس سپ واهون بند ڪري ڇڏيائين. آخر زوس ديوتا جي ڇوڻ تي سندس ٻاءُ پوزيڊون ديوتا ليٽو ديويءَ جي ويہ ڪرڻ لاءِ هڪ خاص ٻيٽ ڊيلوس تخليق ڪيو.

* زوس ديوتا جون بيشمار سريتون هيون. سيني سان هيرا ديوي ساڙ رکندي هئي. زوس جي فقط هڪڙي سريت هرمز ديوتا جي ماءُ مايا هئي جنهن سان هيرا ديويءَ کو بہ ويڙ وروڌ نہ رکيو.

زال مڙس جا تعلقات

زوس ديوتا جون ڪيتريون ئي ديويون، جل پريون ۽ عورتون سريتون هيون پر سندس زال جو درجو فقط هيرا ديويءَ کي حاصل هو. هيرا ديوي زوس ديوتا جي پٽ راڻي هئي. پنهنجي پڌاڻن لاءِ سندس حسد ۽ ساڙ انتها درجي تي هو. هيرا ديويءَ جي انتقامي ڪارروائين ۾ ڪڏهن ڪڏهن زوس ديوتا بہ دست اندازي ڪندو هو، پنهنجي سريتن يا انهن جـي اولاد کي بچائڻ لاءِ وچ ۾ ٽپي پوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هو هيرا ديويءَ کي سخت سزائون بہ ڏيندو هو. جڏهن هيرا ديويءَ زوس جي پٽ هرڪيولس کي ساڙ

وچان سمنڊ ۾ ٻوڙڻ ٿي چاهيو ۽ ان مقصد لاءِ وڏو طوفان برپا ڪيائين تہ زوس ديوتا اها گالهہ سهي نہ سگهيو ۽ هيرا ديويءَ کي سمورن آسماني عهدن ۽ اختيارن کان خارج ڪري ڇڏيائين.

ان ڪاڦوءَ هيرا ديويءَ جي پيرن ۾ سندڻ وجهي کيس ڇوکنيو ٻڌي اولمپس جبل جي اٽاهين چوٽيءَ تي لٽڪائي ڇڏيائين.

* ٽراءِ جو شهزادو "پئرس" جنهن "مقابلہ حسن" ۾ هيرا ديوي کي رد ڪري، افروڊائيٽ کي ڪائنات جي حسين ترين ديوي قرار ڏنو. جيتوڻيڪ هيرا ديويءَ پئرس کي هن ڏرتيءَ جي بادشاهي ڏيڻ جي آڇ ڪئي، ان جي باوجود پئرس افروڊائيٽ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. ان تان ڪاوڙجي هيرا ديويءَ مشهور ٽروجن جنگ ۾ ٽراءِ وارن جي خلاف يونانين جي مدد ڪئي. پوزيڊون ديوتا ۽ ان ڏس ۾ ساٿس هٿن ٻيلي ٿيو جو ان کي ۽ ٽراءِ وارن تي خار هٿا. زوس جو ڏيان جنگ تان هٽائڻ لاءِ هيرا ديويءَ، افروڊائيٽ ديويءَ کان سندس چيلهہ پٽو مڱي ورتو، جنهن ۾ اهڙا ڪرامت رکيل هئي تہ جنهن ۽ عورت کي اهو پاتل هوندو تہ هوءَ جنهن کي ۽ چاهيندي تہ پنهنجو ڪري سگهندي.

هوءَ زوس کي سوني ڪکر ۾ وٺي وڃي اتي هو ٻئي عيش عشرت ۾ لڳي ويا.

اهڙيءَ طرح هيرا ديوي اهو طلسمي ڪمربند پائي زوس ديوتا کي پنهنجي موهہ ۾ اهڙو موهت ڪري ڇڏيو جو جنگي صورتحال جو زوس ديوتا کي ڪوبہ سماءُ نہ رهيو. حالانڪ زوس ديوتا جو دلي لاڙو ٽراءِ وارن ڏانهن هو. اٿينا جي چڪر ڪري پوزيڊون ديوتا کي ۽ وجهہ ملي ويو. جنهن جنگ ۾ يونانين جو پاسو ڳرو ڪري ڇڏيو.

* هيرا جو امتحان وٺڻ لاءِ زوس ديوتا هڪ ديو پروفائيرون جي دل ۾ هيرا ديويءَ سان ميلاپ ڪرڻ جو خيال پيدا ڪيو. جڏهين اهو ديو هيرا ديويءَ سان ميلاپ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪاميابيءَ جي قريب ٿيڻ تي هو تہ زوس ديوتا ان کي پنهنجي وڇ ۽ گوڙ جي لٽ سان ساري ڇڏيو. ايفيالٽس نالي ديو ہ هيرا جي لڄ لٿڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ان کي آرٽيمس ديويءَ ماري ڇڏيو.

* هيرا ديويءَ زوس ديوتا جي عشق جو هڪ نئون قصو ٻڌو. ان گالهہ تان ڪاوڙجي هيرا ديويءَ زوس ديوتا کي ڇڏي ڏنو. حالانڪ، ان قصي ۾ ڪابہ حقيقت نہ هئي. قصو هيئن ٿيو تہ هڪ بادشاهہ سائيٿائيرون جي صلاح سان زوس ديوتا، ڪاڪ جي هڪ عورت ٺهرائي ۽ ان مٿان برقعو چاڙهي، انکي هڪ گاڏي ۾ رکايو ۽ اهو مشهور ڪرايو تہ هيءَ زوس ديوتا جي نئين ڪنوار سائيٿائيرون بادشاهہ جي ڏيءَ پلاٽائيا آهي. اهو ٻڌي ڪاوڙ مان هيرا ديوي اتي پهتي ۽ ان ڪاڪ جي بوٽي کي پنهنجي پهڇ سمجهي هٿي ڌاهي رکيائين. پر پوءِ جڏهين ڏٺائين تہ گالهہ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هو تہ ڏاڍي ڏکي ٿي ۽ ٻئي زال مڙس ڪلي ڪلي ڪيرا ٿي ويا ۽ پوءِ پاڻ ۾ ڪيرڪنڊ ٿي ويا.

* حق شرع ڪندي زال مڙس سان وڌيڪ مزو ڪنهن کي ٿو ملي؟ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ زوس ۽ هيرا جو هڪ ٻئي سان ٽڪرارٿي ٻيو زوس چوي تہ زالن کي وڌيڪ مزو ٿو اچي. هيرا چوي تہ نہ مردن کي وڌيڪ مزو ٿو اچي. اهڙيءَ طرح ٻئي ٽائيريسياس نالي هڪ شخص وٽ ويا، جو ڪنهن بد دعا سبب مرد مان ڏري، ستن سال عورت ٿي رهيو هو. ان ڪري هن کي زال ۽ مڙس ٻنهي جو ڪيفيتن جي خبر هئي. ٽائيريسياس ٻنهي زال مڙسن کي اهو ٻڌايو تہ ميلاپ ۾ عورت کي مرد جي مقابلي ۾ نٽو (۹) دفعا وڌيڪ مزو ايندو

آهي. ٽائيريسياس هيرا ديويءَ جي ڳالهه ڪئي، ان تان ڪاوڙجي هيرا ديويءَ ان کي انڌو ڪري ڇڏيو. زوس پنهنجي زال جو فيصلو نه بدلايو باقي ٽائيريسياس تي اها مهربائي ڪيائين جو کيس وڏي عمر ماڻ ڪڍ، پيشن گوئي ڪرڻ جي ذات ۽ بخشي ڇڏيائين.

* سموري آڳاٽي يوناني دنيا جون عورتون هيرا ديويءَ جي عبادت ڪنديون هيون.

* روسي، هيرا ديوي کي الي ٽائيا ليوسينا سڏيندا هئا ۽ پوءِ هن کي جونو ليوسينا سڏڻ لڳا.

* اسٽائيم فالس (آرڪاڊيا) ۾ هيرا ديويءَ کي عورتپڻي جي جدا جدا روپن جي نمائنده حيثيت ۾ 'ڪنواري چوڪري'، 'زال' ۽ 'رن.زال' جي نالن سان پوڄيو ويندو هو.

عام روايتي شاديون هن ديويءَ جي مخصوص مهيني گاميليون (مئي) ۾ ٿينديون هيون. ڪنوارين کي ڏاڙهون ڏنا ويندا هئا جيڪي هن ديوي لاءِ پاڪ ميوا سمجهيا ٿي ويا. ڪاڪ ماڻ ٽهيل ڪهوت ڪنوار جي مورت زوس ۽ هيرا ديويءَ جي شاديءَ جي يادگار طور رکي ويندي هئي.

آڳاٽي يوناني دنيا ۾ زالن کان سواءِ بادشاه ۽ امير به هن ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا. چاڪاڻ ته هيرا ديوي ڪيترين جنگين ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو ۽ ڪيترن ئي يوناني سورمن جهڙوڪ جئسن وغيره جي ڪهٽي مدد ڪئي هئي.

ڪيتيءَ ۾ جيڪي ڍڳا هر ۾ جوٽيا ويندا هئا انهن ۾ پهريون ڍڳو هن ديويءَ جي نالي مخصوص ڪبو هو. هن ديويءَ جي نالي ۾ جيڪي ميلا لڳندا هئا، انهن ۾ ڍڳي ڪاڌين جا جلوس به ڪڍيا ويندا هئا.

هيرا ديويءَ جي تصويرن ۾ ڪيس وٽندڙ مهانڊي سان شاهي تاج پاتل يا گلن جي تاج سان گڏ ، هٿ ۾ شاهي لٺ سميت ڏيکاريل آهي.

آرگوس هن ديويءَ جو مقدس شهر هو جنهن تان سندس مقابلو سندس ڀاءُ پوزيڊون ديوتا سان ٿيو هو ، پر سمورن پروارن درياءِ ديوتائن هن ديويءَ جو ساٿ ڏئي ڪيس ڪامياب ڪرايو.



اٿينا (منروا ديوي)

Athena (Minerva)

اٿينا ديويءَ جـون صفتون

زوس ديوتا جي ڌيءَ، جنگ، طوفان ۽ جنگي گهوڙن جي ديوي، بانسري، هر ۽ ٻين ڪيترن ئي هنرن جي موجد، ماڻهن کي ڳڀا جوڙڻ ۽ گهوڙي سواري سيکارينڊڙ، سمورن هنرن ۽ فن جي سرپرست، اٿينس جي شهرين کي زيتون جـو وڻ عنايت ڪندڙ، جهازسازي، سونارڪي ڏنڊي ۽ زالن جي گهرو هنرن ۾ گهٽو چاه ولندڙ، قانون سازيءَ کي ترقي ولائيندڙ، جيوري سسٽم جاري ڪندڙ، يوناني شهرن جي محافظ، فتح آڻيندڙ، اٿينس جـي سمورن ڪٽنبن جي اڳواڻ، انساني زندگي جي سڃاڻ، Intellectual حصي جي ديوي. ٻارهن اهم اولمپيائي ديوتن ۽ ديوتائن منجهان هڪ ديوي،

اٿينا ديويءَ کي پالاس يا پالاس اٿيني سڏيو ويو آهي. اهو اکر يوناني هوليءَ جي پالا Pallake (ڪنواري دوشيزه) مان نڪتل آهي. ان کان سواءِ کيس پارٿينوس Parthenos (ڪنواري)، ٽريٽوجينا Tritogenia (پاڻيءَ مان ڄاول)، گلائوڪوپس Glaucopis (چمڪندڙ اکين واري)، ارگيني Ergane (پورهيت)، چئنلٽس Chaniltis (لغام جهليندڙ)، ڊماسيپوس Damasipos (گهوڙن جي سئيس)، اگلائوروس ۽ پانڊروسوس (ماڪ سان ڏرتي کي زرخيزي ڏيندڙ)، هپيا Hippia (جنگي گهوڙن جي ديوي)، اريئا Arreia (جنگجو)، به سڏيو ويو آهي ٿو. هوءَ ڪٿنبن ۽ گهراڻن جي ميڙن (پٺڀرائن) جي اڳواڻ هئي، ان ڪري کيس اپاتوريا، فريٽريا ۽ اگورايا Agoraia جي لقبن ڪانسواءِ جنگ ۾ فتحمنديءَ جي علامت طور نائيڪي فوروس (فتح آڻيندڙ) به چيو ويندو آهي.

مجسمن ۾ اٿينا ديوي کي مٿي تي تاج ۽ بدن تي زرهه، پاتل آهي. جنهن تي ايجس ڍال ۽ ميڊوسا گارگون جي سسي ڏيکاريل آهي.

هٿ وارو نيزو، زيتون جي وڻ جي ٽاري، چپ (آلو)، نر ڪڪڙ ۽ نانگ سندس خاص نشان آهن، جيڪي سندس مجسمن ۾ به نظر اچن ٿا.

اٿينا ديويءَ جو جنم

زوس ديوتا پنهنجي ٽائيٽن ڪٽنب جي هڪ ديوي "ميٽس" تي عاشق ٿي پيو ۽ وڏي جا کوڙ کان پوءِ سندس شادي ٿي. جڏهن ميٽس ديوي پيٽ سان ٿي ته زوس کي مائٽن چتايو ڏنو ته هاڻي سندس پيو جيڪو به هار ٿيندو سو توکان وڌيڪ سگهارو

ٹيندو. ان ڊپ کان زوس پنهنجي حاملہ زال کي گڙڪائي ڇڏيو. ميڊس زوس جي پيٽ ۾ حاملہ حالت ۾ پئي هئي ۽ سندس هار اندر ئي اندر وڌو ٹيندو رهيو، تان جو هڪ دفعي جڏهن هيفائسٽس زوس جي منڊي ۾ کهاڙيءَ جو ڏڪ هنيو تہ اٿينا، جواني جي حالت ۾، هٿيارن پنهوارن سميت، زرهہ پاتل، سندس ٻيءُ جي نراڙ مان نڪري نروار ٿي.

هن ديويءَ کڏهن شادي نہ ڪئي ۽ نہ وري کنهن سان جنسي ميلاپ ڪيائين، ان ڪري سندس لقب "ڪنواري" ب هو. ڇيو وڃي ٿو تہ هيفائسٽس (افروڊائيٽ جي مڙس) اٿينا جي لڄ لٽڻ لاءِ منس هلان ڪئي، پر اٿينا پاڻ کي بچائي وئي. ان ڪشمڪش ۾ هيفائسٽس جا ڇر وارا جزا زمين تي ڪري پيا، جنهن مان پوءِ هڪ ديو "ايڪري ٹونياس" يعني (زمين جو پٽ) پيدا ٿيو.

* اٿينا ديويءَ کيترن باهمت جنگجو ديوتائن ۽ انسانن جي مدد ڪئي. جهڙوڪ: هرڪولس، پرسيئس، بيليروفون، جئسن، ڊائوميڊس ۽ اوڊي سس. هوءَ اوڊي سس تي تہ توڙ تائين مهربان رهي.

* ٽراءِ واري جنگ ۾ هوءَ سموري يوناني فوج جي محافظ بٹيل رهي.

* اٿينا ديويءَ، ميڊوسا جهڙي سهڻي گارگون جي شڪل اهڙي تہ پيانڪ ڪري ڇڏي جو جيڪو ب ڏانهس نهاريندو هو سو پٿر ٿي ويندو هو. آخرڪار پرسيئس ميڊوسا کي ماري سندس سسي لاهي اڇي اٿينا کي پيش ڪئي جنهن ان کي پنهنجي زرهہ جو سينگار بنايو.

* اٿينس جي عدالتن ۾ اٿينا ديويءَ جيوري سسٽم جي ابتدا ڪئي.

* يونان ۾ اٿينا ديويءَ پرڏيهي ماڻهن جي مهمان نوازي جي روايت وڌي.

* اٿينس شهر تي قبضو جمائڻ لاءِ اٿينا ديويءَ جو سندس چاچي پوزيڊون ديوتا سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ اٿينا ديويءَ کي ڪاميابي حاصل ٿي.

* اٿينس ۾ پوزيڊون ديوتا پنهنجي ڪرامت سان هڪ ڪاري پاڻيءَ جو چشمو پيدا ڪيو. ان جاءِ تي اٿينا ديويءَ زيتون جو وڻ پيدا ڪيو. يونان جي ماڻهن، ڪاري پاڻيءَ بدران زيتون کي وڌيڪ ڪارائتو سمجهيو. اهڙيءَ طرح يونانين اٿينا کي پنهنجي ديوي ڪري مڃيو ۽ سندس شان ۾ سڀ کان وڏو مندر اٿينس ۾، پارٿينان وٺ جوڙايو.

هن ديويءَ جي عبادت جو دستور يونان کان مٽگنا گريشيا تائين رائج ٿيو جتي سندس عبادتگاهون وجود ۾ آيون. روم ۾ ڪيس منروادیوي سان مشابهت ڏني وئي.

اٿينا ديويءَ جا جيڪي مجسما ٺاهيا ويا آهن انهن مان ٽن مجسمن کي خاص طور شهرت ملي. (۱) پارٿينا ۾ رکيل "اٿينا پارٿينوس". اهو سون ۽ هاڻيءَ جي ڏندن مان ٺهيل فوٽ ڏگهو بت آهي. (۲) اٿينا پروماچوس Promachos نالي هڪ ٻيو زبردست بت. (۳) اٿينا ليمنيا Lemnia اهو مجسمو اٿينس جي هڪ نوآبادي ليمناس ٻيٽ جي آبادگارن ڏانهن منسوب ڪيل آهي جنهن ۾ اٿينا هڪ حسين ڪنواري دوشيزه جي دلڪش روپ ۾ نظر اچي ٿي.

اپالو (ديوتا)

(Apollo)

پالو ديوتا جون صفتون

الهام ۽ پيشن گويون ڪندڙ ديوتائن جو اڳواڻ، سج جي ديوتائن مان هڪ، ڏکهي چمار ڏينڊڙ، ڏرتيءَ کي زرخيزي، شادابي ۽ روشني بخشيندڙ، دوائن جو محافظ، وبائي مرض پکيڙيندڙ ۽ انهن کان ڇوٽڪارو ڏيارينڊڙ، جوانسي ۽ هيڊاپڻ ڏينڊڙ، فصاحت، شاعري ۽ فنون لطيفه جو ديوتا، طب ۽ صحت جو ديوتا، پاڳين ۽ ڏاڙڻ جو نگهبان، بکهڙن جو ديوتا، خوفناڪ انتقام وٺندڙ، بي رحم تيزانداز، بستين ۽ شهرن کي وسائيندڙ ماڻهن جو محافظ، ناڪام عاشق ۽ ڊيلفي مندر جو باني.

ڇهن تارن وارو ساز (سرندو)، تيرڪمان ۽ لاريل گل جء هوڻو (جنهن جا پن چمڪندڙ هوندا آهن). سندس خاص نشان آهن.

اپالو ديوتا جا نالا

اپالو ديوتا کي "سول"، "هيليوس"، "هيليئس" (سورج ديوتا)، "هائي پيرين" ۽ "فيلس" (چمڪندڙ) به سڏيو ويو آهي. ڊيلوس ٻيٽ ۾ جنڻ ڪري ڪيس "ڊيليئن اپالو" به چئجي ٿو.

اپالو ديوتا جو جنڻ

زوس ديوتا پنهنجي اباڻي گهراڻي ٽائيٽن جي هڪ ديويء "ليٽو" تي عاشق ٿي پيو ۽ ان سان جنسي تعلق قائم ڪيائين، جنهنجي نتيجي ۾ ليٽو ديويء کي پيٽ ٿي پيو. جڏهن سندس ويم جا ڏينهن ويجها اچي پيا تہ زوس جي زال هيرا ديويء کي به ڪاوڙ چڙجي وئي، تنهن ليٽو ديويء جي ويم ڪرڻ جي راهہ ۾ چوطرف رندڪون وجهي ڇڏيون. هوءَ زوس جي ڪنهن به ٻي زال، سريت يا محبوبہ جو اولاد برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. ليٽو ديوي، ويم ڪرڻ لاءِ، هن ڌرتيءَ جي ڪنڊڪڙ ۾ در بدر رلڻ لڳي، مگر ڪيس ڪو به اجهو نہ ملیو. هيرا ديويء جي ڊپ ڪان زمين جي ڪابہ ٻيٽي، ڪابہ جاءِ، هن کي پناهہ ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي، هن جي ويم لاءِ سڀني جاين ناڪار ڪئي. آخرڪار زوس ديوتا پنهنجي محبوبہ کي ان مصيبت مان نجات ڏيارڻ لاءِ تيار ٿيو. هن "بوريياس" ديوتا کي حڪم ڏنو تہ ليٽوديويء کي ڪٽي وڃي "پوزيڊون" (زوس جي ڀاءُ) ديوتا جي حوالي ڪري. پوزيڊون، ليٽو جي ويم لاءِ هڪدم سمنڊ جي وچ ۾ "ڊيلوس" نالي هڪ ٻيٽ ٺاهيو جتي ليٽو ديوي جاڙا هار ڇٽيا. اهي هٿ: اپالو ديوتا ۽ سندس جاڙي ڀيڻ آرٽيمس ديوي.

اپالو ديوتا جڻ شرط ٿورن ٿي ڏينهن ۾ وڏي جوان ٿي ويو ۽ پنهنجي لاءِ جدا عبادت گاهه (دارالاستخاره) ٺاهڻ جي خيال کان ڊيلوس ڇڏي يونان ڏانهن روانو ٿيو. وات تي پائيٿان نانگ کي ماريائين ۽ ٿيل فوسا جل پريءَ جو چشمو، (جيڪو هڪ دارالاستخاره) هو) جبل جي وڏين ڇپن سان ڍڪي ڇڏيائين. هو جڏهن ڊيلفي پهتو، تہ اتي پنهنجي لاءِ هڪ شاندار مندر (دارالاستخاره) ٺهرايائين.

اپالو ديوتا هڪ دلير ۽ مرد ميدان جنگجو هو. ٿروجن جنگ ۾ سندس جنگي ڪردار تمام گهڻو مشهور آهي.

هن پنهنجي پيٽ آرٽيمس سان گڏجي ٽيٽيئس ديو کي مارڻ کان پوءِ ڪيس دائمي عذاب ڏيڻ لاءِ هميشه لاءِ "ٽارٽارس" جي اوڙاهه ۾ رکيو.

هن "نيٿوبيءَ" کي سندس ڪيترن ئي ٻارن سميت ماري ڇڏيو. جنهن اها ٻڌڪ هنئي هئي تہ هن اپالو جي ماءُ ليٽو کان وڌيڪ ٻار ڄڻيا آهن.

پنهنجي پٽ "اسڪلي پيز" جي موت جو بدلو وٺڻ لاءِ هن "سائيڪلو پيز" کي ماري ڇڏيو جنهن زوس ديوتا لاءِ وڄ لٽ ٺاهي هئي. جنهن جي لڳڻ سان اسڪلي پيز مري ويو هو.

اپالو ديوتا ڪيترن ئي ماڻهن، ديون، ديوتائن کي عذاب ڏنا. هڪ 'سئٽائر' ديو (اڌ گهوڙو، اڌ انسان) جنهن کي پنهنجي ساز تي ناز هو. تنهن اپالو سان موسيقي جي شرط رکي مقابلو ڪيو. اپالو ديوتا اهو موسيقيءَ جو مقابلو کٽي ورتو ۽ شرط موجب هارائيندڙ سئٽائر جي کل لاهي ڇڏيائين.

هن ڪلائيٽم نيسٽرا ۽ سندس عاشق "اجي ٿس" کي سزا ڏيڻ لاءِ ڪلائيٽم نيسٽرا جي پٽ "اوريسٽس" کي آپاريو، جنهن پنهنجي ماءُ ۽ سندس عاشق کي قتل ڪري ڇڏيو.

* اپالو ديوتا، حسن، جواني، سگهه ۽ آسماني قوتن ۽ مرتبن جي ميدان ۾ جيترو خوشنصيب سمجهيو ويڇي ٿو، اوترو ئي هو عشق جي ميدان ۾ ناڪام ۽ نامراد رهيو.

* "لوڪوٿي"، "ڊئفني"، "آئي سا"، "پولينا"، "ڪورونس"، "ڪلائي سيني"، "ڪئسٽاليا"، "ڪلائي ٽي"، "سائي اينٿي"، "ڪي اوني" ۽ "ڪئلوپي" سڀني تي عاشق هو پر ڪنهن به کيس قبول نه ڪيو.

* ٽراءِ جي شهزاديءَ "ڪئسينڊرا" تي عاشق ٿي، کيس رشوت ۾ پيشگوئي ڪرڻ جي ذات ڏنائين، پر جڏهن ڪئسينڊرا محبت جو جواب محبت ۾ نه ڏنس تہ کاوڙجي اهو پاراتو ڏنائينس تہ سندس سچيءَ پيشگوئي تي به ڪوبہ ماڻهو نه وسهندو ۽ ٿيو به ائين جو هن جڏهن ٽروجن جنگ جي اڳواڻ اڳڪٿي ڪئي تہ ماڻهن ان تي يقين نه ڪيو.

* اپالو ديوتا، ڪيوپي واري مندر جي خوبصورت پُجارڻ "سبل" تي به عاشق ٿي ٿيو. سبل جڏهن اپالو ديوتا جي اڳيان آئي .تڏهن سندس ٻنهي هٿن جون مُٺيون واريءَ سان پريل هيون. عشق جي پور ۾ اچي اپالو ديوتا سبل کي واريءَ جي هڪ هڪ ذري جي برابر هزارين سالن جي هڪ تمام ڏکوئي (جواني جي حالت ۾) حياتي ڏني، پر جڏهن نياڳي پوڄارڻ ٻنهنجي بزرگ ديوتا جي محبت ڏکرائي ڇڏي، تڏهن کاوڙ ۾ اچي اپالو ديوتا سبل کي هڪ هزار سالن تائين پوڙهي عورت جي شڪل ۾ حياتي گذارڻ جي سزا ڏني.

* ڪئسٽاليا جل پري تي به اپالو عاشق ٿيو هو، هن

پريءَ اپالو جي ور چڑهڻ کان اڳ، پاڻ کي هڪ چشمي ۾ اهلائي ڇڏيو.

* ڏڦني نالي هڪ جل پري، جنهن تي اپالو عاشق ٿيو هو، تنهن اپالو جي محبت جي جواب ۾ شڪل مٽائي لاريل جو هڪ ٻوٽو ٿيڻ پسند ڪيو.

* "مارپيسا" نالي هڪ دوشيزه تي اپالو عاشق ٿيو هو. ان ڇوڪريءَ سان بادشاهه جو پٽ آئڊاس به عشق ڪندو هو. نتيجي ۾ هي ٻئي پاڻ ۾ وڙهي پيا. آخرڪار، زوس ديوتا فيصلي جو اختيار ڇوڪريءَ کي ڏنو جنهن اپالو کي رد ڪري آئي داس کي پنهنجو مڙس چونڊيو.

* اپالو ديوتا سائي نوپي ديويءَ سان به عشق ڪيو پر هن ساٿس وڏي ڏڪي ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب نه ٿي. "سائي نوپي" عشق جي قبوليت لاءِ پنهنجي هڪ خواهش اڳواٽ ئي ڄڻائي ڪاڻ اپالو کان واعدو ورتو جنهن تي اپالو عمل ڪيو. ان خواهش تحت 'سائي نوپي' مرڻ ڪنڊيءَ تائين ڪنواري رهڻ جي آرزو ڏيکاري، اهڙي طرح اپالو هن ديويءَ کي به حاصل نه ڪري سگهيو.

* اپالو ديوتا ڪيترن سهڻن ڇوڪرن سان به عشق ڪيا جهڙوڪ: هياسنٿس وغيره.

* اپالو ديوتا انسانن جي غلاميءَ ۽ نوڪري ۾ به رهيو آهي. سندس پهريون انساني آقا ٽيسيليءَ ۾ فراءِ ملڪ جو بادشاه آڊميٽس هو.

* اپالو جي دعا سان آڊميٽس بادشاهه جي، سمورين، ڏکين گهڙين، جاڙا ڪر ڇٽيا. ان کان سواءِ اپالو ديوتا آڊميٽس کي اها پڪ به ڏني ته هو سدائين جيئرو رهندو.

اپالو ، پوزيڏون ديوتا سان گڏجي اجوري تي ٽراءَ جي قلعي جون ديوارون ٺاهيون. هڪ ٻي چوٽي اها آهي تہ قلعي جون پٽيون فقط پوزيڏون وڏيون ۽ اپالو "لائو ميڊان" بادشاهہ جو چوپايو مال ڇاريو. آخرڪار جڏهن ڪم پورو ٿيو تہ لائوميڊان بادشاهہ پنهنجي قول تان ڦري ويو ۽ ان ڪري اپالو ديوتا ڪاوڙجي ٽراءَ جي شهر ۾ وبا پکيڙي ڇڏي.

اپالو ديوتا جي اعزاز ۾ ڊيلفيءَ وٽ راندين، پهلوانيءَ جي ڪرتبن، ڪسرت ۽ گهاٽي وڇائڻ جا مقابلا ٿيندا هئا. جن کي "پائيٿين گيمز" سڏبو هو.

ڊيلفيءَ جي مندر کان سواءِ ڊيلوس ۽ انليءَ ۾ "ڪيوسي" وٽ بہ اپالو ديوتا جا مندر قائم ڪيا ويا.

افروڊائيٽ (وينس ديوي)

Aphrodite (Venus)

صفتون

حسن ۽ عشق جي ديوي، جنسي جذبن جي علامت، وفاداريءَ
کان اڻ جاڻ، ملاحن ۽ مهاڻن جي ديوي، سموري نباتات زرخيزي
جي ديوي، جانورن ۾ جنسي ڪشش ۽ ڇڪ پيدا ڪندڙ، ماڻهن
جي ڇڻ، شادي ۽ گهريلو زندگيءَ جي اڳواڻ، باغن جي ديوي،
زمين ۽ آسمان مان پيدا ٿيندڙ زرخيزيءَ جي علامت، عشق حقيقي
۽ عشق مجازي بخشيندڙ، عام انسانن ۾ محبت ۽ جنسي ڪشش
پيدا ڪندڙ، ڪنهن کي ڪنهن سان به عشق ۾ ڦاسائڻ تي قادر،

عاشقن ۽ معشوقن جي مددگار ، سڀني ديوين ۽ حسين ترين، بيحد انتقام پسند، ڀارهن اولمپيائي ديوين ۽ديوتائن منجهان هڪڙي.

آرسي، گلاب جو گل، پوست جو ٻوٽو ، ميندڙ جو وڻ ، صوف جو ميوو ، هنج ۽ گيرو پکي، ڊولفن مڇي ۽ کهيڙو ، سنڊس مقدس نشان آهن . قبرص ٻيٽ ۽ پيفاس جو شهر به هن لاءِ مقدس آهي .

افروڊائيٽ ديويءَ کي سنڊس ڄمڻ جي لحاظ کان انڊايوسيني (سمنڊ مان اپرندڙ)، سائيٿيريا، پيجين ۽ سئپرس (قبرصي) جي نالي سان سڏيو ويو آهي. کيس يوپلويا Euploia (سٺائو ساموندي سفر بخشيندڙ) ۽ گالينايا Galenaea (سٺائي واءُ جي ديوي) جي نالي سان به سڏجي ٿو. افروڊائيٽ کي روم جا ماڻهو "وينس" جي نالي سان ياد ڪن ٿا .

افروڊائيٽ جي پيدائش

افروڊائٽ کي، يوناني شاعر هومر ، زوس ديوتا جي ڌيءَ ڄاڻايو آهي ، جيڪا کيس ٽائيٽن زال ڊائيونيءَ مان پيدا ٿي . افروڊائيٽ جي جم بابت، هومر جي ان نظريي کي عام طور قبول ٿو ڪيو وڃي. يوناني شاعر هيسيئڊ جي چوڻ موجب، افروڊائيٽ سمنڊ جي گجيءَ مان پيدا ٿي. سمنڊ جي گجيءَ کي يوناني ٻولي ۾ افروس Aphros چون ٿا . افروڊائيٽ جو نالو به افروس اکر مان نڪتل آهي. هيسيئڊ جي ڪٿا مطابق، ڪرونس ديوتا، پنهنجي پيءُ "يورانس" کان آسمانن جو اقتدار ڦرڻ لاءِ جنگ جوئي. آخر هن، پنهنجي پيءُ کي گرفتار ڪري، سنڊس ڪجها عضوا وڍي، قبرص يا سائيٿيريا جي پيفاس شهر ويجهو سمنڊ ۾ اڇلايا. يورانس جي جي ڪجهن عضون ڪرڻ شرط، سمنڊ ۾ ڪجي پيدا ٿي ۽ پوءِ ان گجيءَ مان افروڊائيٽ، حسن ۽ جوبن جي جوت ۽ جڳ مڳ ڪندي

ڪندي اگهاڙي اگهاڙي، نڪري نروار ٿي. جڏهن هوءَ ترندي خشڪيءَ تي آئي تہ سندس گس ۾، هرطرف گل ڦل ڦڙي پيا.

افروڊائيٽ جي حسين ترين هڻڻ بابت پئرس جو فيصلو
(Judgement of Paris)

ڪائنات جي حسين ترين ديوي ڪير آهي؟ ان ڳالهہ تان افروڊائيٽ، اٿينا ۽ هيرا ديوين ۾ جهيڙو ٿي پيو. آخر اهو معاملو زوس ديوتا جي آڏو آندو ويو. هن حڪم ڏنو تہ اهو فيصلو 'پئرس' نالي هڪ حسين جوان ڪان ڪرايو وڃي، جيڪو ٽراءَ جي بادشاه 'پريام' جو پٽ آهي ۽ ايدا جبل وٽ ريڍون چاري رهيو آهي. زوس ديوتا جي خواهش مطابق، هي ٽئي حسين ترين ديويون، هرمس ديوتا سان گڏجي، پئرس وٽ پهتيون ۽ پنهنجو فيصلو ڪرائڻ جي خواهش ظاهر ڪيائون. فيصلو ٽيڻ ڪان اڳ، هيرا ديويءَ پئرس کي لالچ ڏني تہ، اگر ڪيس حسين ترين قرار ڏيندو تہ هو سڄي روءِ زمين جي بادشاهي سندس حوالي ڪندي. اها حالت ڏسي، اٿينا ديوي پئرس کي ذهانت، عظمت ۽ جنگ ۾ فتحمنديءَ جي ڏات ڏيڻ جي آڇ ڪئي. افروڊائيٽ ڏٺو تہ هو ٻئي ديويون پنهنجي حق ۾ فيصلو ڪرائڻ لاءِ لالچ ڏئي رهيون آهن، تہ هن پئرس کي دنيا جي خوبصورت عورت 'هيلن' ڏيڻ جو واعدو ڪيو، جيڪا اسپارٽا جي بادشاهہ جي زال هئي. پئرس ان آڇ تي ڌيرو ٿي پيو. ۽ افروڊائيٽ کي "ڪائنات جي حسين ترين ديوي" قرار ڏنائين. درحقيقت، هوءَ ان اعزاز جي لائق پڻ هئي.

پوءِ، واعدي مطابق افروڊائيٽ، اسپارٽا جي بادشاهہ جي زال 'هيلن' کي ڀڄائڻ ۾ پئرس جي مدد ڪئي. پئرس دنيا جي ان حسين ترين عورت کي اغوا ڪري، پنهنجي رياست "ٽراءِ" ۾ڪئي آيو. اسپارٽا جو بادشاهہ پنهنجي زال هيلن واپس وٺڻ لاءِ، زبردست يوناني فوجن سميت ٽراءِ تي ڪاهي آيو. هتن ٻنهي ڌرين ۾ خوفناڪ

جنگ لڳي، جا ڏهه سال جاري رهـي. (هيءَ جنگ ٽروجن وار Trojan war جي نالي سان سڃي دنيا ۾ مشهور آهي.) ٽراءِ وارن کي زبردست شڪست نصيب ٿي. اسپارٽا جو بادشاهه پنهنجي زال واپس وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن ڪاوڙ ۽ نفرت وچان، ٽراءِ جي شهر کي باهيون ڏئي مڪمل طور ساڙائي ڇڏيو. ٽراءِ جي بادشاه کي پٽن ۽ ڏيئرن سميت قتل ڪيو ويو. خـود پئرس به جنگ دوران سخت زخمي ٿيو ۽ آخر مري ويو.

افروڊائيٽ جي شادي ۽ هنجا عشق

* سونهن، سوپيا ۽ محبت جي هن ديويءَ جي شادي هيرا ديويءَ جي پٽ 'هيفائسٽس' نالي هڪ ديوتا سان ٿي، جيڪو بيڍڪ شڪل وارو ۽ پيرن کان منڊو هـو. هيفائسٽس جڏهن پيدا ٿيو هو تہ هن جي ماءُ ڪيس سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ هو شڪل صورت جو تمام پوائتو هو. هيفائسٽس لاءِ ڇيو ويـي ٿو تہ هو زوس جو ناجائز پٽ هو.

* افروڊائيٽ، ڪيترن ئي ديوتائن ۽ انسانن سان عشق ڪيا ۽ انهن سان جنسي تعلقات قائم ڪيائين. زوس ديوتا جـي پٽ 'ايريز' ديوتا سان ڪري پيئي. ان ڪالهه جـي سنٽس، سج ديوتا هيليوس، سندس مڙس هيفائسٽس کي ڏنـي. جيڪو پنهنجي پلنگ تي لوهي چار لڳائي، لڪي ويهي رهيو. پوءِ جيئن ئي افروڊائيٽ ۽ ارس ديوتا پاڻ ۾ عيش عشرت ڪرڻ لڳا تہ هيفائسٽس کين قابو ڪري، بيحيائيءَ واري حالت ۾، سڀني ديوتائن اڳيان ڪٽي آيو تہ جيئن هو به اهو تماشو ڏسن. آخر، زوس جي پاڻ ٻوزندڙ ديوتا وچ ۾ پئي، ارس تي ڏنڊ وڌو. اهڙيءَ طرح افروڊائيٽ تان انها خواري ختم ٿي. افروڊائيٽ ديويءَ کي ايريز ديوتا سان ٽـي پار هار-سونيا، فوبوس ۽ ڊيموس پيدا ٿيا.

* زوس ديوتا جو پٽ 'هرمز' به افروڊائيٽ ڏي عاشق ٿي ويو، پر افروڊائيٽ هن جي قبضي ۾ نه آئي. آخر زوس ديوتا پنهنجي پٽ جي مدد ڪرڻ لاءِ سندس عقاب پکيءَ کي موڪليو جيڪو افروڊائيٽ مان جٽائي کڻي آيو. زوس اڳ جائي هرمز جي حوالي ڪئي، افروڊائيٽ جائي حاصل ڪرڻ لاءِ پنڌ طور، پاڻ کي هرمز جي حوالي ڪرڻ لاءِ راضي ٿي، هن ڏاڍي جنسي ڪاتاڻ قائم ڪيل نتيجي طور ڪين 'هرم' افروڊاس پيدا ٿيو، جيڪو هڪ ڏي ڏاڍ غريب ۽ مرد هو.

* افروڊائيٽ ديوي ۽ هن انسان انڊونس ۽ انڪائيسس سان به جنسي تعلقات قائم ڪيا، انڪائيسس مان ڏس ڪلاد به ڄائو، جن روم شهر جو بنياد وڌو.

* افروڊا پنهنجي ڏوس جي ڀيڻ 'ڊائيونيسس' سان به سخت ڪاوڙ، جنهن ماڻهن کي 'پراڻي پس' ڏانهن پٽ جائو. ڊائي ايس ڏاڍو وڏو ٿو به هن افروڊائيٽ کي ڊائيونيسس مان نه ٻڌڻ ڏيڻ سان پيدا ٿيل هو.

* افروڊائيٽ روس جي ٻاڻ "ويزيدون" سان به سخت ڪاوڙ ۽ سائس جنسي تعلقات رکيائين. نتيجي طور، هن کي 'ريڪ' تالي پٽ جائو.

* افروڊائيٽ جو ڪيترن ديوتا سان به عشق ٿيو ۽ ان سان به جنسي تعلقات رکيائين.

افروڊائيٽ ـ انتقام وٺندڙ ديوي

افروڊائيٽ ديوي، بيحد انتقام وٺندڙ هئي، جيڪي سندس نافرماني ڪندا هئا، يا پاڻ کي وڏيڪ سمجهو سڏائندا هئا، تن کان ڪير نه ڪير بدلو ڪندي هئي.

* قبرص جي بادشاهه 'سائنيراس' جي ڌيءَ "مرها" پاڻ لاءِ افروڊائيٽ کان به وڌيڪ خوبصورت هئڻ جي هام هنئي. هن افروڊائيٽ جي بندگي به ڪرڻ ڇڏي ڏني. ان ڳالهه تان ڏسرجي افروڊائيٽ مرها کان انتهائي ڀوائتو ۽ لڳ ڪانڊارينڊڙ انتقام ورتو. هن مرها کي سندس پيءُ جي عشق ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح، پيءُ ۽ ڌيءَ پاڻ ۾ ناجائز جنسي تعلقات قائم ڪيا. نتيجي طور، هن کي ائڊونس Adonis نالي پٽ ڄائو، جيڪو انتهائي خوبصورت هو. هن ديوي ان ڪار کي ڪٽي وڃي پرسي فون ديويءَ وٽ لڪايو. ائڊونس جڏهن جوان ٿيو ته پرسي فون ديوي ۽ افروڊائٽ ٻئي هن تي عاشق ٿي پيون. ان ڇڪ ڇڪان سبب هنن ٻنهي ديوين ۾ سخت ويڙهه ٿي. آخر زوس ديوتا، فيصلي لاءِ ميدان ۾ آيو. هن ٻنهي ڏرين جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ، فيصلو ڪيو ته ائڊونس سال جا چار مهينا پرسيفون وٽ ۽ ٻيا چار مهينا افروڊائيٽ وٽ گذاريندو. باقي چار مهينا ائڊونس تي ڇڏيائين ته، هو جنهن وٽ به چاهي، ان سان رهي. ائڊونس باقي چار مهينا به افروڊائيٽ وٽ ئي گذاريندو هو.

* هن ديوي، سپ کان وڌيڪ انتقام هپوليٽس کان ورتو، جنهن اها ٻڌاڪ هئي ته مڙس کنهن جي به محبت جو جادو نڙو هلي سگهي. هن ديوي هپوليٽس جي مائيجي ماءُ فائيدرا کي سندس محبت ۾ قابو ڪري ڇڏيو. هپوليٽس پنهنجي ماءُ سان ناجائز تعلقات قائم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. نتيجي طور سندس ماءُ مڙس اڳ لڳائي جو الزام هڻي خودڪشي ڪري ڇڏي. هپوليٽس جي پيءُ کي جڏهن اها خبر پئي ته هن پنهنجي پٽ کي پاراتو ڏئي ملڪ مان نيڪالي ڏني ڇڏي. هپوليٽس جي پڇاڻي ڏاڍي دکدائڪ ٿي.

* هن ديويءَ تان "ڪليو" نالي هڪ ميوز چٽرون ڪندي

چيو تہ هوءَ ديوي ٿي ڪري هڪ انسان "ايڊونس" جي عشق ۾ ڦاسي پيئي آهي. هن ديوي، جوابي ڪارروائي ڪندي، ان ميوز کي "پي رس" نالي هڪ انسان جي عشق ۾ قابو ڪري ڇڏيو.

* هن ديويءَ، پوزيڊون ديوتا جي وڏي پٽ تي، قبرص جي راڻي "پيسيفي" کي هڪ ڏاڍي جي عشق ۾ مبتلا ڪيو. جنهن مان ان راڻيءَ کي "منوٽور" (اڌ ڏاڍو، اڌ انسان) پيدا ٿيو.

* هن ديوي، گلاڪس کي بہ سزا ڏني، جنهن پنهنجي گهوڙين کي وياڻ نٿي ڏنو، افروڊائيٽ جي چُرچ تي، گهوڙين گلاڪس کي جيئرو ئي ڪچو کائي ڇڏيو.

* جڏهن ليمناس ٻيٽ جي زالن، هن ديوي جي بندگي ڪرڻ ڇڏي ڏني تہ هُن سندن جسم ۾ تمام بيڍڻي ڏپ پيدا ڪري ڇڏي. نتيجي طور هتي جا مڙس پنهنجن زالن کان پري رهڻ لڳا. ان تان ڪاوڙجي، هن ٻيٽ جي عورتن، پنهنجا سمئي مڙس ماري ڇڏيا.

* هن ديويءَ، پره ڏٺيءَ جي ديوي "اوس" کي ٻن انسانن 'سيليفيس' ۽ 'ٽيٽانس' جي عشق ۾ ڦاسائي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ، اوس ديوي، افروڊائيٽ جي محبوب ايريز سان ستي هئي. هن هيليوس سان ٻہ ساڻي جٽ ڪئي ۽ ان کي ٻہ هڪ عورت 'ليوڪوٿي' جي محبت ۾ گرفتار ڪيو، ڇاڪاڻ تہ، هيليوس افروڊائيٽ جي مڙس وٽ چغلي هنئي هئي.

* افروڊائيٽ ديوي، ديوتائن کي چيڙائيندي ۽ سڏن چڙون ڪندي هئي. زوس ديوتا، سندس انهن حرڪتن سبب، کيس سزا ڏيڻ لاءِ فاني انسانن جي محبت ۾ مبتلا ڪيو، جن ۾ "ايڊونس ۽ اين ڪائيسس" جا نالا قابل ذڪر آهن.

افروڊائيٽ، محبت ۽ جنسي ڪشش جي علامت هئي. وڏن اهڙو طلسمي چيلهه - پٽو هو جنهن کي پائڻ سان هوءَ ڪنهن به عورت يا مرد کي پنهنجي وس ڪري سگهندي هئي. هوءَ ڪنهن کي، ڪنهن جي به، محبت ۾ مبتلا ڪري ٿي سگهي. (سواءِ اٿينا ۽ آرٽيمس ديوين جي). هڪ دفعو هيرا زوس کي ٻروجن جنگ ڪان پاسو ڪرائڻ جي ارادي سان پنهنجي موهه ۾ موهت ڪرائڻ جي خاطر، هن ديويءَ کان اهو چيلهه جو پٽو اڌارو ورتو. هوءَ عاشقن جي مددگار هئي. ايتري قدر جو پنهنجي پٽ اينياس کي به ڪارٿيج جي راڻي ڊائيڊو جي محبت ۾ ڪامياب ڪرڻ لاءِ مدد ڪيائين. هن ائٽلانٽا سان عشق ۾ ميلانين جي مدد ڪئي. جئسن کي ميڊيا جي عشق ۾ ڪامياب ڪيو. هيلن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پئرس جي ٽوڙ تائين مدد ڪئي.

شروعات ۾ ملاح ۽ مهاڻا سندس پوڄا ڪندا هئا. پوءِ يوناني دنيا ۾ سندس عبادت ٻن حيثيتن سان ڪئي وئي: هڪ افروڊائيٽ يورينيا يعني آسماني ديوي ۽ ٻي افروڊائيٽ پنڊي موس يعني عوامي افروڊائيٽ. ان کان پوءِ هوءَ عشق حقيقي ۽ عشق مجازيءَ جي ديويءَ جي مختلف روپن ۾ سامهون آئي.

يونان جي اوائلي ادب ۾ افروڊائيٽ جو روپ هڪ بي رحم ۽ مضحڪه خيز ديويءَ وارو آهي ۽ ان جي ابتڙ رومين وٽ هوءَ سنجيده ۽ رحمدل ديوي هئي.

افروڊائيٽ جا جيڪي ٻت ٻاهيا ويا، تن ۾ ڪيس ڏايڊي من موهيندڙ، مرڪندڙ، پرڪشش عورت جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. هن ديويءَ جو 'ڊيميلو' نالي مشهور مجسمو پئرس جي عجائب گهر ۾ رکيل آهي.

ايرز (مارس) ديوتا

Ares (Mars)

صفتون

هيرا ديويءَ ۽ زوس ديوتا جو پٽ، جنگ، طوفان ۽ سچ جي روشنيءَ جو ديوتا، ماڻهن لاءِ خوشحالي ۽ تباهي آڻيندڙ، جنگ ۽ جهيڙي جو ڪوڙيو، يوناني ڏند ڪٿائن ۾ هن ديوتا کي هٽاکي، پٿردل، بي رحم، خوني ۽ بزدل هڏايو ويو آهي ۽ ان جي ابتڙ رومي ڏند ڪٿائن ۾ ڪيس مارس جي نالي سان هڪ بهادر جنگي جوڌو سڏيو ويو آهي. جنهن جي ميدان ۾ اچڻ سان جنگي جوڌن ۾ نئو ولولو پيدا ٿي ويندو هو. رومي هن ديوتا کي ملڪ جو محافظ ديوتا تصور ڪندا هئا ۽ جيوپيٽر (زوس) ديوتا کان پوءِ ٻئي

نمبر ٽي ڏن ديوتا کي ئي اهم سمجهيندا هئا. هي ديوتا يونانين اهم ارلمپائي ديوتائن سڏجي ٿو.

نشان

پکڙن ۽ ڪاڪ ڪڙ (هُدهُد) ۽ گجهه ۽ جانورن ۽ ڪنو ۽ بگهڙ هن ديوتا لاءِ مقدس هنا ۽ پرندڙ ۽ مشعل ۽ نيزو سندس نشان هنا.

جنم

يوناني ڪٿا ۽ سندس جنم ڀرسن ۽ پڌايو وڃي ٿو جتي جا مانهو ڏاڍا ظالم هنا.

عشق ۽ اولاد

هن ديوتا شادي نه ڪئي پر ڪيترن ديوين ۽ عورتن سان جسمي تعلقات قائم ڪيائين، سندس خاص محبوبه افروڊائيٽ ديوي هئي. هن ديوتا کي افروڊائيٽ ديوي ۽ سان ۽ جاڙا پٽ ٿوبوس (دشمن) ۽ ڊيموس (ڊپ) ۽ هڪ ڌيءَ هارمونيا پيدا ٿيا.

* هن ديوتا اڪلارس نالي هڪ عورت سان به عشق ڪيو هو ۽ اڪلارس کي هڪ ڌيءَ السيسٽ هن ديوتا سمجهان ڄائي هئي.

* پراوپيا سان هن ديوتا کي سائڪنس نالي پٽ ڄائو.

* سائريني نالي جل پريءَ سان سندس ميلاپ جي نتيجي ۾ بائيوميڊس پيدا ٿيو جيڪو پوءِ جو بادشاهه ٿيو.

جنگي ڪردار

ٽروجن جنگ ۾ هن ديوتا پنهنجي محبوبه افروڊائيٽ سان گڏجي يونانين جي برخلاف، ٽرائه وارن جو پاسو ورتو. اهوئي سبب

آهي جو يوناني مورخن ۽ شاعرن هن ديوتا ۽ سندس محبوبہ افروڊائيٽ جي گهٽتائي ڪري سندن ڪردار کي غلط رنگ ۾ پيش ڪيو آهي. هوڏانهن وري رومي مورخن مارس (ايرز) ۽ وينس (افروڊائيٽ) کي ساراهيو آهي ڇاڪاڻ ته رومي اصل ٽراءِ جا هئا ۽ ٽراءِ جي تباهيءَ کان پوءِ اتي جا ماڻهو پنهنجو ملڪ ڇڏي وڃي روم ۾ رهيا هئا ۽ انهن روم شهر جو بنياد وڌو هو.

ٽروجن جنگ ۾ هن ديوتا پنهنجي پٽ ايرس ۽ پنهنجي ٻن پٽن سان گڏ ٽراءِ وارن طرفان حصو ورتو، جنگ جي ديويءَ اين يو به ساڻس گڏ هئي. هن ٽراءِ جي فوجن جي صف بندي ڪئي ۽ ڪين همٿايو. سندس ماءُ هيرا ديوي ۽ پوزيڊون ديوتا ۽ ايٿينا ديويءَ يونانين جي طرف هئا. پر زوس ديوتا غيرجانبدار رهيو، جيتوڻيڪ دلي طرح سندس لاڙو ٽراءِ وارن ڏانهن هو. هن جنگ ۾ ايرز ديوتا سخت زخمي ٿي پيو هو.

* پوزيڊون ديوتا جي هڪ ٻٽ هن ديوتا جي هڪ ڏيءَ السيپي سان ايڪروپولس وٽ زوري زنا ڪيو. هن ديوتا ان کي اتي جو اتي ماري ڇڏيو. پوزيڊون ديوتا مٿس ديوتائن جي عدالت ۾ فرياد ڪيو. پر ديوتائن ايرز ديوتا کي حق تي سمجهي ڇڏي ڏنو.

* جڏهن هرڪيولس ڊيلفيءَ ڏانهن ٿي ويو تہ وات تي ايرز جي پٽ سائڪنس سندس اڳ جهلي ساڻس وڙهيو. ان ويڙهہ ۾ هرڪيولس سائڪنس کي ماري وڌو. ايرز ديوتا ويڙ وڻ لاءِ هرڪيولس سان جنگ ڪئي پر ايٿينا ديويءَ جي مدد سان هرڪيولس کيس زخمي ڪري وڌو.

* ايٿينا جنگ جي ديوي هئي ۽ وڏي چالاڪ ويڙهو هئي. هن جو پنهنجي پاءُ ايرز سان سدائين جهيڙو هوندو هو. هڪ دفعي ايٿينا ہن ديون اوٽس ۽ الوڊائي جي هٿان ايرز کي ٻڌائي پٽل جي

هڪ وڏي مٿ ۾ قيد ڪرائي ڇڏيو. هيرا ديويءَ پنهنجي پٽ جي ڏاڍي ڳولا ڪئي پر پتو نہ پيس ۽ هي ديوتا سڄا سارا تيرنهن مهينا انهيءَ مٿ ۾ قيد رهيو. تان جو هرمس ديوتا ڳولا ڪندي اچي ڪيس اتان ڇڏايو.

۵ صدي ق. م ڪان اڳ هن ديوتا جا جيڪي مجسما آهن انهن ۾ هن کي ڏاڙهيءَ سان هٿيار بند جوان جي صورت ۾ ڏيکاريو ويو آهي.

ان کانپوءِ هن ديوتا جا جيڪي مجسما ٺاهيا ويا تن ۾ هن کي بنا ڏاڙهيءَ جي هڪ جانڪي جوان جي روپ ۾ ڏيکاريو ويو هو جنهن ۾ ڪيس مٿي تي هيليمٽ پاتل آهي.

هن ديوتا جي عبادت لاءِ روم ۾ ڪيترائي مندر هئا. يونان ۾ ڪو خاص هنڌ سندس عبادت لاءِ مقرر نہ هو فقط سندس ٻالي تي هڪ ٽڪري Hill of Ares مقدس سمجهي ويندي آهي.

هيفائسٽس (ولڪن) ديوتا

Hephaestus (Vulcan)

هيرا ديوي جو پٽ، اولمپس جو ٻيو وڏو ديوتا، مختلف ذاتن مان ديوتائن لاءِ هٿيار ۽ اوزار ٺاهيندڙ ڪاريگر، لوهار جو ديوتا، هٿرندڙ سمهن جي ٻاري جو ديوتا.

جنم ۽ ٻيهر

هي ديوتا زيوس ۽ هيرا ديوي جي پٽ مان ٻيو ڪهڙو ٻارڙو تخم جي جائز هو، پر يونانين شاعر هومر ڪيس زيوس ۽ هيرا جو پٽ ليکيو آهي. جيو وڃي تو تہ هيرا ديوي پنهنجي

هن ڌار کي جنم ڏيڻ کان پوءِ جڏهن ڪيس شڪل جو ڪوجهو
ٻ ٽنگ کان سنڌو ڏانو تہ نفرت وچان ان کي ديوتائن جي آسماني
ديس اولمپس مان هيٺ اڇلائي ڇڏيو ۽ هو اڇي سمنڊ ۾ ڪريو
جتي سمنڊ ۾ رهندڙ ٻن جل پرين ٿيٽس ۽ يورينوم کي مٿس رحم
اچي ويو ۽ تن هن کي مرڻ کان بچايو. ٿيٽس ۽ يورينوم اتي
هڪ سامونڊي غار ۾ هن ديوتا کي ڏهو سالن تائين نپايو. جيو
وهي ڏو تہ اتي ئي هو لوهارڪو ڪم سکيو هو.

اولمپس ڏانهن موٽڻ

هن ديوتا کي پنهنجي ماءُ هيرا ديويءَ تي ڏاڍا خار هئا.
ماٽس کان ويرونڊ لاءِ هن هڪ سونو تخت ٺاهي هيرا ديويءَ
ڏانهن موڪليو. ان سوني تخت ۾ هيفائسٽس ڳجهيءَ طرح هڪ
ڦيرڻ ٺاهي رکي هئي، هيرا ديوي ان تخت تي وهڻ شرط هيفائسٽس
جي ٺاهيل شڪنجي ۾ ڦاسي وئي. پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هيرا ديويءَ
ڏاڍا زور لاڳا پر ان ڦاهي مان نڪري نہ سگهي. پوءِ اولمپس جي
ٻين ديوتائن ۽ ڏاڏو پاڻ پتوڙيو پر هيرا ديوي ان تخت ۾ ڦاسا
لوهر لڳي وئي. آخر ديوتائن هيفائسٽس کي اولمپس تي گهرايو
۽ کيس ڏاڏو سمجهايو پر هن ماٽس جي جند ڇڏائڻ کان صاف
انڪار ڪيو. تڏ سنڊس خاص ديوتا ڊائيونيسس کيس شراب
جي نشي ۾ الوٽ ڪري، کانس انهيءَ ڦيرڻ جي ڪنجي هٿ
ڪري هيرا ديويءَ کي اڻائي ڇڏايو.

شادي ۽ اولاد

جيو ڏي ٿو تہ هن ديوتا جي شادي افروڊائيٽ ديوي سان
ٿيل هئي جيڪا سڀني ديوين کان سونهن ۾ سرس هئي. هي ديوتا
پنهنجي ڪوجهي شڪل ۽ سڀني ٽنگ جي ڪري سڀني ديوتائن
جي لاءِ ڪل جر باعث هوندو اها شادي نہ هئي پر هن لاءِ هڪ

خواري هئي. سندس زال جي بيوفائين جا داستان ڏڳها ٿيندا رهيا ۽ ان جي عاشقن جو تعداد به وڌندو رهيو.

افروڊائيٽ ديوي پنهنجي ڏير ارس ديوتا سان به ڪريل هئي. هيفائسٽس کي جڏهين اها خبر پئي ته هن پنهي کي سيکت ڏيڻ لاءِ پنهنجي بستري مٿان هڪ پنجوڑ لڳائي ڇڏيو ۽ پاڻ گهران موڪلائي نڪتو ته وڃان ٿو ليمناس ٻيٽ ڏانهن پر اوڏانهن نه ويو ۽ لڪي ويهي رهيو. جڏهين افروڊائيٽ ديوي۽ ڏٺو ته مڙس ڪونهي ۽ ميدان صاف آهي ته هن پنهنجي يار ارس ديوتا کي گهرايو. جڏهين پئي ڇٽا پلنگ تي ويهي عيش عشرت ۾ مشغول ٿيا ته پلنگ جي لوڏن تي مٿان لڳل جار ۾ وکوڙجي ويا. اهو ڏسي هيفائسٽس به نڪري نروار ٿيو ۽ ڪاوڙ ۾ وڌلندو، جوٽس ۽ سندس يار کي بدشڪل گهالهائڻ لڳو. پوءِ سڀني ديوتائن کي گهرائي اهو خواري۽ جو تماشو ڏيکاريائين. افروڊائيٽ ديوي ۽ ارس ديوتا پئي اگهاڙا هئا. نيٽ پوزيڊون ديوتا وچ ۾ پئي پنهي ڏرين جو نبيرو ڪيو. هن ارس ديوتا تي ڏنڊ رکيو جيڪو هن هيفائسٽس کي پري ڏنو. انهي۽ تي مس مس وڃي هي مڙس لڙيوه

افروڊائيٽ ديوي۽ کي ارس ديوتا مان ڏي هار ٿيا. ڪيس ٻين يارن مان به ڪاڦي اولاد ٿيو پر پنهنجي مڙس هيفائسٽس مان ڪيس ڪو به اولاد نه ٿيو.

هيفائسٽس ديوتا، زوس ديوتا جي ڏي۽ اٿينا ديوي۽ جي سونهن سوڀيا تي مست ٿي سائس زوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جنڪجهو ديوي۽ وڏن زورن سان تريون هٽي، ڏڪا ڏيئي پاڻ بچايو. ان حالت ۾ شهواني غلبي سبب هن ديوتا جي ڳجهي عضوي مان منيء جا ڦڙڪا اڇي زمين تي پيا ۽ زمين ۾ ملڻ سان ان مان ايرچ ٿونس (منيء مان جاول) نالي هڪ ديو پيدا ٿيو.

جنهن کي اٽينا ديويءَ پالي وڏو ڪيو ۽ آخر ۾ ايرچ ٿونس اڳتي هلي اٽينس جو بادشاهه ٿيو.

آرگونات پالائيمون، پيري فيڊس ۽ آرڊالس لاءِ اهو ڇيو وڃي ٿو ته هن ديوتا جا ٻار هئا.

ڪاريگري ۽ ڪارناما

اولمپس ۾ سوڀي اڇي هن ديوتا پنهنجي لوهارڪي ڪم جو ڪارخانو لڳايو. جتي هن، ديوين ۽ ديوتائن لاءِ زرهون، زنجيرون، اوزار ۽ ڪيترائي هٿيار ٺاهيا. هن زوس ديوتا لاءِ وڄ ۽ گوڙ پيدا ڪندڙ لٽ آرٽيمس ديويءَ ۽ اپالو ديوتا لاءِ تير ٺاهيا ۽ پنهنجي دائيءَ ٿيٽس جي پٽ اڪيليز لاءِ ۽ پنهنجي زال افروڊائيٽ جي پٽ اينيئس لاءِ زرهون ٺاهيون. اينيئس جو پيءُ اين ڪائسز هو.

اولمپس ۾ هن ديوتا جو سندس ماءُ هيرا ديويءَ سان پرچاءُ ٿي ويو. هڪ ڀيري جڏهن هيرا ديويءَ جو زوس ديوتا سان تڪرار ٿي پيو ته هن ديوتا ماٽس جو پاسو ڪٽي زوس ديوتا سان گالهائيندي تکو ٿي ويو. ان تي زوس ديوتا هيفائسٽس کي ٽنگ مان جهلي آسمان مان ڪٽي هيٺ اڇلايو ۽ هو اڇي سمنڊ ۾ ڪريو. اتي پاڻيءَ ۾ ٽلندو ٽلندو وڃي ليمناس ٻيٽ مان نڪتو، جتي سن‌تيان قوم سندس پرڪهور ڪئي. هن ديوتا اتي جي ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي، ڪين ڏاتن مان اوزار ٺاهڻ جو هنر سيکاريو. ان ڪري ليمناس جا ماڻهو ڪاريگريءَ ۾ يونانين کان به وڌي ويا.

* هن ديوتا ڪيترن ئي ديوتائن جي مدد ڪئي. ٽراءِ واري جنگ ۾ اڪيليز جڏهين اسڪامينڊر درياءُ ۾ ڪري ٻڏڻ تي هو ته هن ديوتا، باهه جي شعلي سان دريا کي سڪائي اڪيليز کي بچايو هو.

* ٽائيٽن جنگ ۾ هن ديوتا، زوس ديوتا جي مدد ۾ مهماس ديو کي پگهريل لوهه هلي ڪيرايو هو.

ڏرتيءَ جا ساهوارا ۽ باهه

زوس ديوتا هن ڏرتيءَ کي ٻيهر ڪارڻ لاءِ پرومٿيس ۽ ٻئي ايپي ميٿيس ديوتائن تي لاءُ ڪم رکيو تہ هو انسانن ۽ جانورن جي تخليق ڪن. جن مٿي ۽ ٿيءَ سان انسانن ۽ ٻين ساهه ڌارن جي جوڙت جوڙي. ننڍن انسانن ۽ جانورن کي ديوتائن جهڙو بڻايو. پرومٿيئس انسانن کي جانورن کان ممتاز ڪرڻ لاءِ انسان کي باهه پيدا ڪرڻ جي قوت ڏني پر ڪنهن هن هيفائسٽس ديوتا جي ڏنوٿيءَ سان چورائي انسانن ۾ حوالي ڪيا. جيتوڻيڪ ان جي ڪيس منع ڪيل هئي تہ باهه ديوتائن جو شان آهي ۽ ٻين ساهوارن کي نہ ملڻ گهرجي. پر پرومٿيئس ديوتا کي پنهنجي تخليق ڪيل انسانن سان پيار هو ان ڪري هن، زوس ديوتا جي انهيءَ حڪم جي تعميل نہ ڪئي.

زوس ديوتا، جڏهين ئي ڏرتيءَ تي روشنيءَ جون لاٽون ڏٺيون تہ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي هيفائسٽس ديوتا ۽ پنهنجي ٻن نوڪرن ڪراٽوس ۽ بيا کي حڪم ڏنائين تہ پرومي ٿيئس کي گرفتار ڪيو وڃي. هيفائسٽس جي ناهيل لوهي زنجيرن سان پرومٿيئس کي هڏي ڪوهہ قاف جبلن ۾ قيد ڪيو ويو.

ڪائنات جي پهرين عورت

انسانن کي باهه جي طاقت ڏيڻ ڪري پرومي ٿيئس کان زوس ديوتا ڏاڍو ڏمريل هو ۽ هن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هن هيفائسٽس ديوتا کي هڪ عورت جي تخليق جو حڪم ڏنو. هن ديوتا ڇيڪيءَ مٽيءَ سان هڪ عورت "پنڈورا" تخليق ڪئي. جنهن

ڪي اٽينا ديوياءَ زالائيون وصفون ڏنيون ، اپالو ديوتا ڪائڻ وياري جي ڏات ڏني، هرمز ديوتا زباني ناز نخرا سيکاريا. پاڻ ورتا جو حسن ڏسي سيئي ديوتا دنگ ٿي ويا.

هن ديوتا جو تصور ايشيا مان ورتل آهي ۽ اتان يڪوجي يورپ ۾ پهتو. ايشيا مائنر ۾ ڪاريا ۽ لائي ديا ۾ مندس عبادت ڪئي ويندي هئي. ايٿنس ۽ ٻين هن ديوتا جي عبادت ڪئي ويندي هئي

آرٽيمس ديوي

Artemus

صفتون

زوس ديوتا ۽ ليٽو ديويءَ جي ڏيءَ، اپالو ديوتا جي جاڙي ڀيڻ، شڪار ۽ تيراندازيءَ جي ديوي، جهنگ جي سمورن جانورن جي محافظ، ٻارن ۽ هيٺن شين جي نگهبان، چند ۽ فطرت جي پاڪ ديوي، زرخيزي آڻيندڙ، نون جاول ساهوارن جو بچاءُ ڪندڙ، هڪ زبردست انتقام پسند، ڪنوارين دوشيزائن ۽ سندن ڪنوار ڀٽي جي محافظ، عورتن کي اوچتو طبعي موت ڏيندڙ. ٻارهن اهم اولمپيائي ديوتائن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.

نالا ۽ لقب

هن ديويءَ کي ڊيلوس ٻيٽ ۾ سنڀ جبل وٽ پيدا ٿيڻ ڪري ڊيليا ۽ سنٿيا جي نالن سان سڏيو ويو آهي. هن جون خاصيتون سندس ٻاڻ اپالو سان ٺهڪندڙ هيون، ان ڪري هن کي اپولو جي لقبن فيبي ۽ پائيٿيا ۾ سڏيو ويندو هو. هن کي ڪالسٽي Kalliste يعني تمام سهڻي جو ۾ لقب ملهل آهي.

تيرڪمان ۽ تيرن جي ٻڌي (ترڪش)، سرءُ جو ڏڻ ۽ سمورا جانور خاص ڪري هرڻي ۽ ڪتو سندس مقدس نشان آهن.

آرٽيمس جي پيدائش

زوس ديوتا، ليٽو ديويءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ ساڻس ميلاپ ڪيائين، ان مان ليٽو ديويءَ کي پيٽ ٿيو. زوس جي پٽ راڻي هيرا ديويءَ، ليٽو ديويءَ کي هن ڌرتيءَ تي ويهر ڪرڻ نٿي ڏنو. هن سندس سڀ گهٽ ۽ ٻيٽيون بند ڪري ڇڏيون. ان ڪري ليٽو ديوي هن ڌرتيءَ تي دربدر، ڪنهن اڇي جي ٻولا ۾ ٽڪڻ لڳي. آخر زوس پنهنجي محبوبه جي مدد لاءِ ڪيس پنهنجي ٻاڻ پوزيڊون ڏانهن اماڻيو، جنهن هن جي ويهر لاءِ ڊيلوس نالي هڪ خاص ٻيٽ تخليق ڪيو، جتي ليٽو ديوي ٻن جاڙن ٻارن اپالو ۽ آرٽيمس کي جنم ڏنو.

آرٽيمس ـ انتقام وٺندڙ ديوي

* نيوبي ديويءَ ٻڌاڪ هئي تہ هن کي ست ڏيئون آهن ۽ ليٽو کي فقط ٻہ ٻار آهن. ان تي هن ديوي پنهنجي ٻاڻ اپالو سان گڏجي نيوبي کي سندس ٻارن سميت ماري ڇڏيو.

* اپالو ديوتا جي پوڻي اکٽيون پنهنجي ڪتن سان گڏ شڪار ڪندي هڪ دفعي هن ديويءَ کي هڪ چشمي ۾ وهنجندي اگهاڙي حالت ۾ ڏٺو. ان حالت ۾ هن ديوي جڏهن ڪنڊ ڪٽي اکٽيون کي ڏٺو تہ سخت سزا ڏيڻ جي خيال کان، هن کي ماٺهو ۽ ڀيرائي هڪ ڏاڙهو بنائي ڇڏيائين، جنهن کي اتي جو اتي سندس ئي ڪتن چيري ڦاڙي کائي ڇڏيو.

* هڪ ڪٿا مطابق، هن ديويءَ جو هڪ شڪاري ديو "اورين" سان عشق ٿي پيو، جيڪو خود به وڏو عشق باز هو ۽ کيترين عورتن سان سندس تعلق هئا. هن آرٽيمس جي هڪ ڪنواري جل‌پري اوپس سان زوري زنا ڪيو. ان کان سواءِ ٽائيٽن ۽ هائيپيرين ۽ ٽائمن ٽيا جي ڏيءَ ايوس (پرهم ڦٽي) جيڪا هيليوس (سج) سيليني (چنڊ) جي پيڻ هئي سا اورين تي عاشق ٿي پيئي ۽ هن کي آرٽيمس وڻان پچائي ديلوس ٻيٽ ۾ وڻي وئي، جتي هي ديويءَ جائي هئي.

هن ديويءَ اورين جي انهن حرڪتن تي حسد ۾ اچي ڪيس ماري ڇڏيو. پر ڪن ڪتابن ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ هن ديويءَ اورين سان شادي ڪرڻ واري هئي تہ اپالو ديوتا، حسد وچان دوکو ڪري آرٽيمس جي هٿان هن کي مارائي ڇڏيو.

* آرٽيمس سان، اوٽس ۽ ايفيالٽس ٻن جاڙن ديون، زوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اپالو ديوتا کيڏ سان ٻنهي وڇ ۾ هڪ هرڻ ڇڏيو جنهن ٻنهي ڀائرن آهون سامهون تير هنيا. هرڻ وچان نڪري ويو ۽ ٻنهي جا تير وڇي ڪين آهون سامهون لڳا ۽ سري ويا.

* ڪاليڊون جي بادشاهہ اوئينس هڪ دفعي لاباري جي مند ۾ هن ديويءَ جي نالي قرباني جي رسم ادا نہ ڪئي. ان تي هن ديويءَ ڪاوڙجي هڪ خوفناڪ سوئر ڪاليڊان کي تباہ ڪرڻ لاءِ موڪليو.

* فيراءِ جي بادشاهه آڊيمس کان به اڳڙي ڀل ٿي. هن پنهنجي شاديءَ ۾، هن ديويءَ جي عبادت نه ڪئي. نتيجي ۾ هن سندس شادي واري بستري کي نانگن سان ڀري ڇڏيو.

* ڪاسٽو جل پري جيڪا آرڪاڊيا جي بادشاهه جي ڌيءَ هئي ۽ هن ديويءَ جي پوڄارڻ هئي. ان سان زوس ديوتا، اپالو يا آرٽيمس جي روپ ۾ اچي ميلاپ ڪيو، ان ڪري سندس ڪنوارپڻو ختم ٿي ويو. اها ڳالهه هن ديويءَ لاءِ ناقابل برداشت هئي. هن ڪالسٽو کي هڪ ريڇ بنائي، پنهنجن تيرن سان ڪمس پڇائي ڪڍيو.

* هن ديويءَ، پنهنجي پوڄاري ڪنوارين جل پرين جي ٽولي سان گڏ جبلن ۾ گهمندي هئي ۽ سڀني ساهوارن جي پرڳڻو لهندي هئي.

ڪريٽ جون ديويون بريٽومارس ۽ ڊڪٽينا، سيبيلي (چنڊ) جي ديوي، افجينا ۽ انليءَ وارن جي ڏاڻا ديوي، هن ديويءَ سان مشابهت رکن ٿيون.

افيسس ۾ هن ديويءَ جو هڪ زبردست مندر قائم ڪيو ويو هو جيڪو آڳاڻي دنيا جي عجائبات منجهان ليکيو ويندو هو. ان مندر ۾ انتهائي بي حيائي واريون حرڪتون ٿيندڙون هيون.
ڪڏڻا به هن جي پوڄا ڪندا هئا.

افيسس جي مندر ۾ رکيل مجسمي ۾ هن ديويءَ جي ڇاتيءَ ڪيترائي ارهم ڏيکاريا ويا هئا.

ڊميٽر (سيريس) ديوي

Demeter (Ceres)

صفتون

ڪرونس ديوتا ۽ رهيا ديويءَ جي ڏيءَ، زوس، پوزيڊون ۽ هئڊيز ديوتائن ۽ هيرا ۽ هيسٽيا ديوين جي ٻيڻ- زراعت، گهوٽاڻي زندگي ۽ شاديءَ جي ديوي. جَون جي ديوي، ڏرتي ۽ اناج جي ديوي، زرخيزيءَ جي سرپرست، ايليوسس جي پراسرار عبادتن جي ديوي.

نالا ۽ لقب

ڊميٽر ديويءَ کي جدا جدا حوالن سان ڪيترن ئي نالن ۽ لقبن سان منسوب ڪيو ويو آهي، جن مان مکيه هي آهن:

ان ماتا، وڏي ڌرتي ماتا، ايرينس Erinys ويرونو، ملائينيا Melainia (ڪاري) ڊيمٽر، چلوءِ Chloe سائي ڊيمٽر ۽ ٽيسمو فوروس (قانون لاڳو ڪندڙ)، ايليوسينيا Eleusinia.

جنسي تعلقات ۽ اولاد

* ڊيمٽر ديويءَ جو پهريون جنسي تعلق سندس ڀاءُ زوس ديوتا سان ٿيو جنهن مان هن کي هڪ ڌيءَ پرسي فون نالي پيدا ٿي. جنهن کي ايليوسس جي پراسرار عبادت ۾ ڪوري Kore يعني ڪنواري سڏيندا هئا.

* هن ديويءَ جي ڌيءَ پرسي فون سندس ڀاءَ هئڊيز زوري پڄائي ڪٽي ويو هو. هوءَ پنهنجي ڌيءَ جي گولا ۾ ڊربدر ٿي هن دنيا جي ڪنڊڪڙ ۾ ڪيس گهمڻ لڳي. جڏهن هوءَ آرڪاڊيا ملڪ ۾ پهتي تہ اتي سندس ٻئي ڀاءُ "پوزيڊون" هن کي ڏسي ورتو ۽ هن سان زوري ڪرڻ جي ارادي سان ڊانهس ورڊيو، پر هن، ان جي نيت کي سمجهي ورتو. اتي جهنگ ۾ آرڪاڊيا جي بادشاهہ اونسيئس جي گهوڙين جي ڏاڍ ٻڌي چڪو. هن پنهنجي پنهنجي شڪل مٽائي پاڻ کي هڪ گهوڙيءَ جي روپ ۾ آندو ۽ انهن گهوڙين ۾ وڃي چرڻ لڳي. پوزيڊون اهو ڏسي پاڻ کي نر گهوڙو بنايو ۽ مادي گهوڙيءَ جي شڪل ۾ آيل ڊيمٽر تي ٽپو ڏنو. هن پهرين تہ ڪاوڙ ۾ اچي چال ٿي ڏني، پر پوءِ مات ڪري بيهي رهي. ان ڪانپوءِ هن لاڊون ڏيءَ ۾ وهنجي پاڻ کي پاڪ ڪيو. انهيءَ ميلاپ جي نتيجي ۾ هن ديويءَ کي ڊيسپوئنيا نالي هڪ ڌيءَ ۽ آريون نالي هڪ نر گهوڙو ڄاوا. ان واقعي ڪري هن کي ڪاري ڊيمٽر سڏيو ويو.

* ٽيسيس جي بادشاهہ ڪادمس جي هارمونيا سان شاديءَ ۾ گهٽو ڪري سمورا ديوتائون شريڪ ٿيا هئا. اتي ايايسين Iasion

نالي هڪ ٿاهوڪي انسان کي ڏسي ڊيمٽر هن تي هرکي پيئي. هو ٻئي شاديءَ جـي هنگامن مان نڪري هڪ ڪيٽ ۾ پهتا، جنهن کي ٽي دفعا هر ڏنل هو، اتي ميلاپ ڪيائون. زوس ديوتا کي جڏهين اها خبر پئي ته هن وچ گوڙ واري لٽ هٽي ايلسين کي ساڙي ساري ڇڏيو. ايلسين مان هن کي پلوٽس (دولت) ۽ فلوميلس نالي پٽ جاوا.

* هئڊيز ديوتا، زوس ديوتا جي مرضيءَ سان هن ديوي جي ڏيءَ پرسيفون کي زوري ڀڄائي ويو هو. پنهنجي ڏيءَ جي گولا ۾ هيءَ انساني ويس ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رلڻ لڳي. جنهن به سندس سڏو آدر ڀاءُ ٿي ڪيو ان کي پوک ۽ ڪيتيءَ جو هنر ٿي ڏنائين ۽ جنهن به هن کي ڏسي ٻوٽ ٻڇڙو ٿي بنايو، ان کي سزا ٿي ڏنائين.

ايليوسس شهر وٽ هوءَ هڪ ڏکويل پوڙهي عورت جي شڪل ۾ هڪ ڪوهه جي پر ۾ اچي ويٺي. اتي جـي بادشاهه سيليئس Celeus جون ڏيئون ڪوهه تي پاڻي ڀرڻ آيون. اهي هن پوڙهيءَ تي رحم کائي ڪيس گهر وٺـي آيون. راڻي ميٽانيرا سندس سڏو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ سندس هر طرح سان خدمت ڪئي ۽ پنهنجو پٽ ديموفون سندس سنڀال ۾ ڏنو.

نيٽ هڪ ڏينهن ڊيمٽر پنهنجي اصل صورت ۾ اچي سيليئس بادشاهه ۽ سندس گهر وارن کي پنهنجي اصل نسل کـان آگاهه ڪيو. هن بادشاهه کي سندس عبادت لاءِ هڪ مندر ٺاهڻ جـو حڪم ڏنو. پوءِ کين پنهنجي عبادت جي مخفي ۽ پراسرار رسمن جو طريقو سيکاريـو. اهڙيءَ طرح ڊيمٽر جي عبادت جي پراسرار رسمن جو بنياد ايليوسس ۾ پيو.

انهيءَ عبادتگاهه ۾ ڊيمٽر کي هارهن مهينا لنگهي ويا. هن کنهن به ديوي ديوتا، سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هيءَ

پوک کيتيءَ ۽ زرخيزي جي ديوي هئي. سندس گوشہ نشين ٿيڻ کري هن ڏرتيءَ ۾ هڪ خوفناڪ ڏڪار اڇي منهن ڪيو. زوس اهو ڏسي ڀٽيءَ ۾ اچي ويو ته ڏڪار ۾ ماڻهو ۽ جانور مري ويندا، پوءِ ڪير ديوتائن لاءِ قربانيون ڏيندو. اهو سوچي هن آئرس ديويءَ کي ٻيئر ڏانهن اماڻيو، پر ٻيئر سندس گالهہ ۾ نہ ٻڌي ۽ اهو چيائين ته جيستائين سندس ڏيءَ پرسي فون هن کي موڪي نہ ملي آهي تيسين هوءَ هي ڪاڏہ گالهہ نہ ٻڌندي.

آخر زوس پاڻهن موڪلائي ڏيارڻ جو وعدو ڪيو پر هڪ شرط تي، تہ ان وچ ۾ پرسي فون پاتال ۾ هئڊيز وٽ جي ڪجهہ ۾ نہ کاڌو هوندو تہ ڪيس ٻيئر جي حوالي ڪيو ويندو. زوس پنهنجي ٻٽ هرمس جي هٿان پرسي فون کي گهرائي ورتو. وڃڻ وقت هئڊيز پرسي فون کي هڪ ڏاڙهون ڏنو. جنهن جا هو ٻي داڻا هن کاڌا. اها خبر وڻي زوس فيصلو ڪيو تہ پرسي فون سال جو ٽيون حصو (يا اڌ حصو) هئڊيز وٽ گذاريندي ۽ باقي وقت پنهنجي ماءُ وٽ رهندي. پوءِ جيڪو عرصو هوءَ هئڊيز وٽ هوندي آهي ڏرتيءَ تي ڏڪار رهندو آهي ۽ باقي پوک کان وڻي لاباري تائين وارو عرصو هوءَ ماءُ وٽ ايندي آهي تہ سُڪار هوندو آهي.

سزائون

ٻيئر، پنهنجي در بدر حالت ۾ انيڪا ۾ هڪ ماڻهوءَ سميءَ جي گهر وئي. اتي هن کي رب ڏنائون جيڪا هن تکڙو تکڙو پيتي. اهو ڏسي سمي جو ٻٽ ائسڪئليپس هن تي ڪاوڙ لڳو ٻيئر کي ڪاوڙ وڻي وئي ۽ باقي بچيل رب ڪٽي ان جي منهن تي هاريائين، تنهنڪري هو ماڻهوءَ مان ڏري سانڍو ٿي ويو.

* سيليئس بادشاهہ جي زائيميٽانيرا هن ديويءَ کي هڪ غريب

ٻڌي عورت سمجهي مڙس رحم ڪاڏو ۽ ڪيس پنهنجي پٽ ڊيموفون جي دائي بنايو. ڊيمٽر، ڊيموفون کي دل جان سان سانڍيو ۽ لافاني بنائڻ لاءِ ڏينهن جو امرت ڪاڏو ۽ امرت رس پيارينديءَ هئي ۽ رات جو ڪيس‌باهه تي رکندي هئي. هڪ ڏينهن اهو سندس ڪير ڏسي ورتو ۽ هن کان رڙ نڪري وئي. اهڙا حالت ڏسي ڊيمٽر کي الٽو ڪاوڙ لڳي وئي، هن خارن ۾ اڇي ڪٽي ڊيموفون کي پٽ تي اڇلايو.

* ٽيسيلي ۾ ڊيمٽر ديويءَ شاهه بلوط جي وڻن سان ڄاڻيل هڪ هٽي هئي. ايري سڄڻون نالي هڪ شخص ڊيمٽر جي منع ڪرڻ جي باوجود ان هٽيءَ جا وڻ ويڙ شروع ڪيا. هن پنهنجي لاءِ هڪ ڪاڏوڪائڻ جو ڪمرو ٺاهرايو. ڊيمٽر ڪاوڙ ۾ اچي انکي اهڙي تہ ورهاد (بک) ڏني جو جيڪي به هوڪائيندو هو سو اتي جو اتي هضم ٿي ويندو هو ۽ وري بک هن کي ورائي ويندي هئي. ان ڇتي بک وگهي هو ڪائي ڪائي ڪنگال ٿي ويو. نيٺ پنهنجي هڪ ڌيءَ ميسٽرا کي به وڪڻي ڇڏيو. ميسٽرا کي هڪ ملاقات ۾ خوش ٿي، پوزيڊون ديوتا پنهنجي شڪل مٽائي ڪابہ شڪل اختيار ڪرڻ جي ڪرامت ڏني‌هئي، انڪري ايري سڄڻون هن کي روزانو نئين شڪل ۾ وڪٽندو هو، تہ به سندس پيٽ نہ پريو هو. هوءَ جانورن جون شڪليون مٽائي پنهنجي پيءُ جي ڪاڏي جو بندوبست ڪندي هئي. ڀر پٽس جي بک اهڙي ڇتي هئي جو ڇا به ڪائي تڏهين به اڻڙي جو اهڙو. نيٺ ايري سڄڻون پنهنجو ماس ڪائڻ لڳو ۽ ان وگهي مري ويو.

* زوس ديوتا پنهنجي ماءُ رهيا کي ڊيمٽر ڏانهن موڪلائي هن کي پرچائي ڏيو ڪيو ۽ ڪائنس انسان ذات تي مهربان ٿيڻ جو واعدو ورتو.

* ڊيمٽر، ڪور سائرا ٻيٽ جي هڪ غار ۾ رهندڙ هڪ جابلو پريءَ ماڪرس تي مهربان ٿي سندس ملڪي ماڻهن کي ان ٻيٽ تي اناج جي پوک ۽ لاڀاري جي ڪرت سيکاري.

* هن انيڪا ملڪ جي ماڻهن کي ڪڇيءَ جو وڻ ڏنو.

* ايليوسس ۾ هن ديويءَ سي ليس بادشاهه جي پٽ ٽرپٽوليمس Triptolemus کي زرعي هنر جي سکيا ڏني ۽ ايليوسس جا اسرار سمجهايا تہ جيئن آئندہ ان مخفي طريقي سان هن ديويءَ جي عبادت ڪيندي رهي.

* ٽرپٽوليمس کي هن ديويءَ جادوءَ جي زور سان هڪ اڏامندڙ گاڏي ۾ ڏني، جنهن کي اڏامندڙ پرن وارا نانگ اڏائيندا هئا. جڏهين ٽرپٽوليمس کي سيليس بادشاهه بچڙائي جي الزام ۾ مارڻ چاهيو تہ هن ديويءَ هن کي بچايو ۽ سيليس کي تخت تان هٽ ڪٽائي ان جي جاءِ تي ٽرپٽوليمس کي ايليوسس جو بادشاهه بنايو. جنهن هن ديويءَ جي عبادت کي زور وڌايو.

* ٽرپٽوليمس کان پوءِ يومولپس Eumolpus نالي هڪ يوناني‌ءَ هن ديويءَ جي عبادت کي زور وڌايو. يومولپس لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو هڪ حراسي ٻار هو جنهن کي ماڻس سمنڊ ۾ اڇلايو اتان پوزيڊون ديوتا هن‌کي ڪيپو ۽ پنهنجي ڏيءَ کي سانڊيڻ لاءِ ڏنو. ڪن سورخن هن‌کي پوزيڊون جو پٽ سڏيو آهي. هن کي حبش جي بادشاهه پنهنجي ڏيءَ جو سنگ ڏنو اتان هن‌کي پنهنجي سالي‌ءَ سان زوري ڪرڻ جي الزام هيٺ ڪڍيو ويو. حبش مان هو ٽريس آيو. اتي جي بادشاهه هن کي پناهه ڏني، پنهنجي ڏيءَ هن سان پرڻائي. يومولپس کي پنهنجي سهري کي تخت تان لاهڻ جي الزام هيٺ ٽريس مان ٻ ڪڍيو ويو. اتان هو ايليوسس ۾ آيو جتي هن ڊيمٽر ديويءَ جي پراسرار عبادت کي زور وڌايو. يومولپس

هرڪيولس سورمي هن پساڪ ڪري انهن مخفي رسمن ۾ شريڪ ڪيو. هو ائينس ۽ ايليوسس جي وچ ۾ لڳل جنگ ۾ مري ويو.

* يومولپس ڪان پوءِ هن ديويءَ جي عبادت جو انتظام سندس ڪٽنب يومول پدائي هلائيندو هو.

ڊيمٽر ديويءَ ڪي جدا جدا نالن سان دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پوڄيو ويندو هو، رومي هن ڪي اناج جي ديوي سيريس جي نالي سان، مصري هن ڪي آئيسس Isis جي نالي سان، فرجيا وارا سبل Cybele جي نالي سان سندس عبادت ڪندا هئا.

هن ديويءَ جي اعزاز ۾ ڪيترائي زرعي ميلا ٿيندا هئا، جن ۾ سندس عبادت جون مخصوص ۽ پراسرار رسمون ادا ڪيون ويندیون هيون.

ميلا

هالوئا Haloa (اناج گاهن):

هي ميلو لاباري ڪان پوءِ اناج ڪي گاهڻ واري مند ڪٽيءَ ۾ ٿيندو هو. اهو ميلو پوزيڊون جي مهيني (ڊسمبر) ۾ شروع ٿيندو هو. انهيءَ ۾ ڊيمٽر سان گڏ نباتات جي ديوتا پوزيڊون ۽ شراب جي ديوتا ڊايونيسس جي به پوڄا ٿيندي هئي. هن ميلي ۾ مستاءَ يعني مذهبي رسمون ادا ڪندڙ فقط عورتون هوندیون هيون. انهيءَ عبادت ۾ فحش حرڪتون، چرچا پوڳ ۽ لنگ پوڄا شامل هوندا هئا.

هن ميلي ۾ ماڻهو گاهن، ولين ۽ وڻ جي پهرين ڦر وارا ميوا ايلوسس پهچائيندا هئا. قرباني جي مانيءَ ۾ ماس يا رتوڇاڻ ٿيل ڪابه شئي استعمال نه ڪئي ويندي هئي. ڏاڙهون ماکي ۽ بيضن واپرائڻ جي به منع هئي.

چلوئيا Chloeia (سرسبزي) :

هي ميلو بهار جي منڊ جي منهن ۾ ڊيميٽر چلوه (سائي ڊيميٽر) جي اعزاز ۾ ملهايو ويندو هو ان ڪري جو ڊيميٽر وڻندڙ ساوڪ ۽ سرسبزيءَ جي ديوي هئي.

پروئي روسيا Proerosia (ڪيڙ):

هي ميلو زمين کي هر ڏيئي ڪيڙن کان اڳ ملهايو ويندو هو. ايٿنس ۾ جڏهن ڏڪار پيو ته ديلفي مندر مان الهام ٿيو ته سڄي ملڪ مان سمورا پهريان ميوا ايٿنس ۾ آڻي ديويءَ کي پيڏا رکيا وڃن. اهڙيءَ طرح هي ميلو ڏڪار لاهي سُڪار آڻڻ لاءِ ملهايو ويندو هو. هن ميلي جي خاص مقدس رسم هئي زمين کي ٽي دفعا هر ڏيڻ.

ٿالوسيا Thalusia (ٽورا مچڻ):

هي ميلو سرءُ جي موسم ۾ هن ديويءَ جي شڪر ادائي ڪرڻ لاءِ ملهائيو هو.

ڊيميٽريا Demetria :

هي ميلو ايٿنس جا ماڻهو ڊيميٽر ديويءَ جي اعزاز ۾ ملهائيندا هئا. انهيءَ ميلي ۾ ماڻهو وٽن جي وڻيل ڇوڪرن مان ڪاهيل ڇهڪن سان هڪ ٻئي کي سڏيندا هئا ۽ فحش حرڪتون ڪيون ويندیون هيون.

ٿيسموفوريا Thesmo phoria (پوڄا):

هي نج ٻج زالن جي مخصوص عبادت هئي، جنهن ۾ ڪوبه مرد يا غلام عورت (ڄاڻي) شامل نه ٿي سگهندي هئي. آڪٽوبر جي ڇيڙيءَ ۾ ٻج پوکڻ جي منڊ ۾ لڳندڙ ميلي ۾ اها عبادت ڪئي ويندي هئي. هن عبادت جي رسمن ۾ هيجان انگيز فحش

ناچ ۽ فحش حرڪتون ڪيون ويندیون هيون. انهن رسمن ۾ لنگ پوڄا سان گڏ تشبيهن ۽ لنگ جو فحش استعمال به شامل هو.

ايليوسس جا اسرار Eleusinian Mysteries

ايليوسس Eleusis جو آگاٹو شهر يونان جي ڪاديءَ جي هنڌ ايٿنس کان اتر اولهندي ۱۲ ميل پري آهي. اهو شهر ڊيمٽر ديويءَ جي اعزاز ۾ ٿيندڙ تاريخي ميلن ۽ هن ديويءَ جي عبادت جي پراسرار رسمن کان مشهور آهي. انهيءَ عبادت ۾ شريڪ ٿيندڙ اميدوارن کي پهريائين ايٿنس جي ويجهو اگراءِ وٽ ٿيندڙ ڪنهن مذهبي ميلي ۾شريڪ ٿي، مخصوص ڪجهين رسمن جي ابتدائي تربيت وٺڻي پوندي هئي. اگراءِ جو ميلو بهار جي موسم ۾ ٿيندو هو. کان پوءِ کين پهرين درجي جي گهٽ اهميت واري عبادت ۾ شريڪ ڪيو ويندو هو. ان لاءِ کانئن باقاعدي پڇاڻو وڻي رازداري جو قسم کڻائي پوءِ شامل ڪيو ويندو هو. هرڪنهن هار ۽ هيڊي توڙي جوان عورت ۽ مرد کي انهيءَ عبادت ۾ داخل ٿيڻ جو حق هو. غلامن کي به شموليت جو حق هو. روسي شهنشاهه به انهي عبادت ۾ شامل ٿيڻ پنهنجي لاءِ وڏو شرف سمجهندا هئا.

پهرئين درجي جي عبادت ۾ شريڪ ٿيل ماڻهن کي مستاءِ Mystai سڏبو هو. (جيئن حج ڪيل مسلمان پاڻ کي حاجي ٿا سڏائين) انهن جي اڳواڻ يا سونهي کي مستگاگ Mystagogue سڏبو هو. ان کان پوءِ کين آخري عبادت ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق ڏنو ويندو هو. پئي درجي جي آخري ۽ اعليٰ عبادت ۾ شريڪ ٿيندڙ کي ايپوپتاءِ Epoptai سڏبو هو.

عبادت جا چار درجا هئا: (۱) شروعاتي پاڪائي ۽ صفائي، (۲) عبادت جي رسمن جي قاعدن قانونن جي ڄاڻ، (۳) مقدس گاله‌ڙهن کي ظاهر ڪرڻ، (۴) آخري مرحلو مستاءِ جي تاجپوشي يا ڪيس گلن جا هار پهرائڻ.

ايليوسس واري اهـا پراسرار عبادت حضرت عيسيٰ جي جنڻ کان اڳ ستين صدي ق . م ۾ شروع ٿي هئي. اها عبادت يونان جي قديم هيليني Hellenic دور کان به آڳاڻي عتيق Attic تهذيب واري دور ۾ رائج ٿي هئي .

عتيق مهيني بوئيڊ روميون (سيپٽمبر) جي ۱۹ تاريخ ڊيمٽر جا پوڄاري ۽ زائرين گلن جا هار پائي اٿينس جي ايفيبي Ephebi مندر ۾ جمع ٿيندا هئا. اتان ايڪس Iacchus ديوتا جو بت کڻي هڪ وڏو جلوس ڪيڊي ايليوسس ڏانهن روانا ٿيندا هئا (ايڪس کي باخس Bocchus يا ڊائيونيسس به سڏيو ويو آهي). وات تي جلوس ايڪس جا نعرا هٿندو رستي ۾ مقدس جاين جا سلام پريندو ويندو هو .

يوناني ڊرامه نگار ارسٽوفئن Aristophanes ايڪس ديوتا کي هڪ حسين ۽ نوجوان ديوتا سڏيو آهي. يوناني مورخ اسٽرابو Strabo ان کي ڊيمٽر جو روح سڏيو آهي. دراصل ايڪس اٿينس جو ديوتا هو ۽ اٿينس وارن ايليوسس ۾ ٿيندڙ عبادتن ۽ پنهنجي ديوتا جي عبادت کي به گهڻي ڇڏيو هو.

اٿينس ۽ ايليوسس جي وچ ۾ سيفي سس جي پل ٽپي شام جو اهو جلوس اچي ايليوسس پهچندو هو. اتي اڌ رات جو ايڪس ديوتا جي عبادت ڪئي ويندي هئي. ٻئي ڏينهن ۲۰ تاريخ تي ايليوسس مان مقدس امانتون کڻي اهو جلوس واپس اٿينس موٽندو هو. اهي مقدس امانتون دراصل قديم ديوين جا ننڍڙا بت ۽ تشبيهون هونديون هيون .

ايليوسس مان زائرين جو جلوس واپس اٿينس ايندو هو ۽ اتي سمورا مستاءِ فاليرم وٽ وهنجندا هئا ۽ سوئر جو رت پنهنجي بدن تي مکي پاڻ کي پاڪ ڪندا هئا. پوءِ وري اهو جلوس

"ايا ڪس! ايا ڪس!!" جا نعرا هڻي مقدس امانتن سان گڏ وري ٻه ايليوسس ڏانهن ويندو هو. اتي وڃي سمورا مستاءِ (پوڄاري) عبادت جون مخصوص ۽ مخفي رسمون ادا ڪندا هئا.

جنهن هال ۾ اهي عبادت جـون پراسرار رسمون ادا ڪيون ويندڙيون هيون، ان کي ٽيليسٽيرين Telesterian سڏيو هو. اهو هڪ وڏو ۱۷ چورس فوٽن جـو هال هو. اهـو هال هڪ جاڀلو ٽڪريءَ کي وڏي ٺاهيو ويو هو. ان جي چوطرف ٽڪريءَ کي ڪٽي ان ۾ ڪيترائي درجي وار وهڻ جون پڙانئيون جـايون ٺاهيل هيون. اها عبادتگاه هڪ روسي آرينا وانگر ٺاهيل هئي.

عبادت جي آخري ۽ اعليٰ مرحلي ۾ تربيت ورتل ۽ پـاڪ ڪيل زائرين ايليوسس جي مندر ۾ داخل ٿيندا هئا. انهيءَ عبادت جو مهندار هيروفانٽ Hierophant سڏيو هو. هيروفانٽ، يومولپس جي خاندان يومول پدائي Eumolpidai مان چـونڊيو ويندو هو. ان جو اصل ڪالو وڻڪ گناهه سمجهيو ويندو هـو. هيروفانٽ پهرين سڀني جي اڳيان خطبو پڙهندو هـو. پوءِ هرڪنهن شريڪ مستاءِ (زائر) کان سوال پڇيا ويندا هئا.

اڄ تو ڇا ڪاڏو آهي؟ ـ اهو ڪـاڏو توکي ڪٿان مليو؟ ڇا تنهنجا هٿ صاف آهن؟ (گناهن کان). تنهنجو روح پاڪ آهي؟ (بدنيتي ۽ برائين کان).

انهيءَ عبادت جي عرصي ۾ عابد زائرين خاص مذهبي ڪاڏو ڪائيندا هئا. ڏاڙهون، بيدا ۽ ماکي ڪائڻ جي منع هئي.

انهن مذهبي رسمن ۾ شريڪ ٿيندڙ مستاءِ کي اهو يقين هو تہ انهن عبادتي رسمن ادا ڪرڻ کان پوءِ هو سڀني ڏوهن گناهن کان آجا ٿي ويندا. ان ڪري ڪيترائي بدڪردار ۽ ڏوهاري ماڻهو

انهن رسمن کي وڏي اهميت سان ادا ڪندا هئا ۽ پوءِ سڀڪو پوڄاري پاڻ کي ڊيمٽر ديويءَ ۽ سندس ڌيءَ ڪوري (ڪنوار) جي رحمت ۽ برڪت جو حقدار سمجهندو هو. شادي شده زالون، آئنده لاءِ پنهنجي مڙسن سان وفادار ٿي رهن ۽ پاڪ صاف زندگي گذارڻ جو قسم کڻي، اتان ستيون جتيون ٿي نڪرنديون هيون.

عبادت جون رسمون ادا ڪرڻ کان پوءِ عبادت ۾ شريڪ سڀني ماڻهن کي ٻئي جهان ۾ سڀني گناهن کان آجڪائيءَ جو يقين ٿيندو هو. آواگان (ٻي جوڻ) نظرئي جي تصور سان گڏ حيات بعد الموت جو تصور به سندن ذهن ۾ هوندو هو. پر اهي تصور ڪجهه صدين گذرڻ کان پوءِ ايليوسس جي پوڄارين جي عبادت ۽ اعتقادن ۾ داخل ٿيا، ته مرڻ کان پوءِ اهي وري ٻي جوڻ ۾ زنده ٿيندا. سندن روح وري ڪنهن انسان يا جانور جي شڪل ۾ داخل ٿي وري نئين حياتي ماڻيندا.

عبادت جي انهن پراسرار ۽ مخفي رسمن ۾ ڪنهن آگاڻي جڳ جا پراڻا ۽ اگهاڙا ناچ ٿيندا هئا ۽ ڪيون به ڪيتريون ئي عجيب غريب رسمون ادا ڪيون ويندیون هيون.

ڊيمٽر ديويءَ جو ويم، سندس ڌيءَ ڪوري (ڪنواري) جي پيدائش ۽ ڪوري جو پلوٽو (هيڈيز) ديوتا هٿان اغوا ٿيڻ ۽ سندس زوري لڄ لٽجڻ، ڌيءَ جي وچوڙي ۽ ڊيمٽر جو دربدر رلڻ ۽ آخر ماءُ ۽ ڌيءَ جو ملڻ ــ هڪ ڊرامي جي صورت ۾ ڊيڪاريو ويندو هو. ان ناٽڪ کي ڊروميئون Dromenon سڏيو هو. ڊراما جو اڪر اتان ورتل آهي.

ان ڊرامي ۾ اناج جي ديوي ڊيمٽر جي شادي آسماني ديوتا زوس سان ڪرائي ويندي هئي. ان ۾ ڊيمٽر جي پوڄارڻ (ڊيمٽر جي (پاران) ڪنوار ٿيندي هئي ۽ وڏو پوڄاري هيروفانٽ (زوس جي بدران)

گهوٽ ٿيندو هو. پر ان ۾ سندن جنسي ميلاپ فقط نالڪي يا علامتي Symbolic ٿيندو هو. هيروفانٽ هڪ ڪڙي زهريلي وڻ جو رس Hemlock پيئڻ ڪري شهوت يا مردانه قوت کان محروم ٿي ويندو هو. مشعلن جي اجهامڻ کان پوءِ گهوٽ ڪنوار جي جوڙي کي هڪ اونداهي ڪنڊ ۾ اڪيلو ڇڏيندا هئا. ان وچ ۾ پوجارين جو هجوم انهيءَ آس نراس جي ٻڌڻ ۽ اوسيڙي ۾ هوندو هو ته انهيءَ جوڙي جي ميلاپ جو ڪوڙو ٿو نتيجو ڪري. سندن عقيدي موجب سندن ڇوٽڪاري جو اهوئي وسيلو هو.

ٿوري دير بعد اهو مها پوجاري هيروفانٽ باهر نڪري ايندو هو ۽ هڪ شعلي جي سوجهري ۾ ساڻ منهءَ ۾ مڪائي جو هڪ سنگ ڪٽي اڇي ڏيکاريندو هو. پوءِ اهو اعلان ڪندو هو ته راڻيءَ ٻريمو کي پاڪ بريموس جائو آهي "هڪ زوردار هستيءَ هڪ زوراور شئي پيدا ڪئي آهي." "آن ساڻ" پنهنجي اچي آن' کي ڇٽيو آهي.

ان ساڻ ڊميٽر جي (سندس پوجارڻ جي روپ ۾) ويم جا سُور، ڊرامائي نموني ڏيکاريا ويندا هئا. اناج جي وڏيل سنگ کي ڏيکارڻ سان انهيءَ نالڪ جو آخري سين پورو ٿيندو هو.

پرومي ٿيئس (ديوتا)

PROMETHEUS

صفتون

ڪائنات ۾، سڀ کان اول، جيڪي مٿيءَ سان، انسانن جا ٻوتا خلقيندڙ — (جن ۾ اڻينا ديوين ساهم وڌو). انسانن کي نيڪي، بدي، ڪوڙ، سچ، سخاوت، بخيلي ۽ ٻيون وصفون ۽ خاصيتون عطا ڪندڙ، انسانن ۽ جانورن ۽ پکين واريون خصلتون پيدا ڪندڙ — سيني، قسمين قسمين جانورن جي ٻوتن جو خالق،

ٽيٽن Titan خاندان جو هڪ ڏاهو ديوتا، جنهن انسانن کي باهم جي استعمال کانسواءِ، لکڻ پڙهڻ، حساب ڪتاب، نجوم ۽ طب جا علم سيکاريا. ماڻهن کي گڏهن، گهوڙن اڻن، رڍن، ٻکرين، ڏڳين ۽ ٻين جانورن چارڻ، پالڻ ۽ انهن جي کير گوشت، ڪلن، وارن ۽ اُن جي استعمال جا طريقا سيکاريا.

نہ صرف ايترو، بلڪ پرومي ٿيئس ديوتا انسانن کي سمورن علمن، فنن ۽ هنرن جي بنيادي جاڻ ڏني ۽ ڏاهپ جا گس ٻڌايا.

جيئن ته، ابتدا ۾، سڀني انسانن کي، ٿيءَ ٽيندي‌ءَ جي خبر پوندي هئي، ان ڪري هو، سڀني ايندڙ مصيبتن ۽ آفتن کان اڳ ۾ واقف ٿي ويندا هئا. ايتري قدر جو، هنن کي پنهنجي موت جي اڳواڻ خبر پئجي ويندي هئي. نتيجي ۾، انسان پنهنجي مستقبل جو حال معلوم ڪري، ڊپ، خوف ۽ پريشاني‌ءَ جي زندگي گهاريندو هو. پرومي ٿيئس، انسان کي ان ڏهني ڀيڙا کان آجو ڪرڻ لاءِ، انسانن کان اڳ ڪٿي‌ءَ جي قوت کسي ورتي ۽ کين "انڌي اميد" حوالي ڪيائين ته جيئن انسان اميد جي آسري، بهتر زندگي گذاري سگهي.

پرومي ٿيئس ديوتا جو پي‌ءُ ايا‌پيٽز ۽ ماءُ ٽيمي هئي. ڪن روايتن ۾، اوشيانس جي ڌي‌ءَ ڪلائي منيءَ کي سندس ماءُ چاڻايو ويو آهي. سندس ٻي ڀائر ائٽلس، مينو ٽيس ۽ ايپي ميٿس هئا.

پرومي ٿيئس کي اٿينا ديوي‌ءَ ستارن ۽ جوتش جو علم ڏنو. ان کان علاوه، ڪيس رياضي، جهاز راني، طب ۽ ڏاتوئن ڪاهڻ جي چاڻ سان نوازيو.

پرومي ٽيئس، جيڪي به انسان جا بوتا ٺاهيا، انهن جا سڀاڻا ديوتائن جهڙا رکيائين. بوتا ٺاهي زوس ديوتا کي ڏيکارينڊو هو. پر "فائنون نالي" هڪ سهڻي چوڪر جو بوتو هن زوس کي نه ڏيکاريو. جڏهن زوس کي ان جي خبر پيئي تہ هن ان چوڪري کي جوپيٽر (مشتري) تارو بنائي آسمان ۾ ٽنگي ڇڏيو.

جانورن جي قرباني

پرومي ٽيئس، جيڪي انسان جوڙيا هئا، تن جو هڪ پيرو ديوتائن سان زبردست جهيڙو ٿي پيو. نيٺ پرومي ٽيئس وچ ۾ پئي پنهي ڏرين جو پاڻ ۾ ٺاهہ ڪرايو. ان ٺاهہ تحت، انسانن لاءِ اها سزا مقرر ڪئي ويئي تہ هو ديوتائن لاءِ جانورن جي قرباني ڪندا رهندا. قرباني جو گوشت هن حصن ۾ ورهايو ويندو، هڪ حصو ماڻهن پاڻ کڻندا، باقي حصو، جنهن ۾ آنڊا، هڏا، اوجهريءَ ۽ ڪُر، وغيره اڇي وڻ ٽا، اهي ديوتائن جي نالي ڪيا ويندا.

انسانن تائين باهہ پهچائڻ سبب

پرومي ٽيئس کي سزا

پرومي ٽيئس، انسانن لاءِ باهہ جو هڻڻ ضروري سمجهيو تہ جيئن هو رڌ پچاءُ ڪري سگهن، لوهہ پگهاري، ان مان هٿيار پنهوار ٺاهي سگهن ۽ ٻيا ڪم وڻن. ان ڪري، هن هيفائسٽس جي ڏنوٽيءَ مان باهہ چورائي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏي. اهہ ڳالهہ زوس ديوتا کي پسند نہ آئي، ڇاڪاڻ تہ زوس ديوتا جو

خيال هو تہ باهم فقط ديوتائن لاءِ مخصوص آهي، جيڪا ڏيس سائڪلوپس جي ديوتائن وٽان "سوڪڙي" طور ملي هئي. ان ڪري هن پرومي ٿيئس سان گڏ سڀني انسانن کي بہ سخت سزا ڏيڻ جي رٿا بڌائي. هن سڀ کان اول، هيفائسٽس ديوتا کي هڪ "عورت" جو بوتو ٺاهڻ جو حڪم ڏنو. هيفائسٽس تہ شاه ڪاريگر هو. هن پنل مٽيءَ مان هڪ سهڻي ۽ سهڻي عورت جو بوتو بڌايو. جنهن ۾ اٽينا ديويءَ ساهم ڦوڪي زندگي وڌي. پوءِ سڀني ديوتائن ۽ ديوين کي سڏي اها ڪائنات جي پهرين عورت ڏيکاري ويئي. زوس ديوتا جي خواهش مطابق، اٽينا ديويءَ، دنيا جي ان پهرين عورت کي سٽ مان سڀا ٺاهي، سڀا ۽ اوهاڳا ويس آڻڻ ۽ سئيءَ سان سبڻ جو هنر ڏنو.

حسن، عشق ۽ جنسي ڪشش جي ديويءَ افروڊائيٽ، ان عورت کي سونو هار ۽ ڪنهن ۾ سونا ڪڙا وجهي، اهڙو تہ سينگاريو جو ڏسڻ سان سڀ ڪنهن مرد جي دل مٿس هرکي پوي. هرمز ديوتا ان عورت کي مٺو ڳالهائڻ ۽ زالاڻا ناز نخرا، دوه ۽ چلڪي بازي سيکاري. دنيا جي ان پهرين عورت جو نالو "پنڊورا" رکيو ويو، جنهن جي معني آهي: سو ڪڙين سان نوازيل.

ان کان پوءِ زوس ديوتا جي حڪم تي، هرمز ديوتا پنڊورا کي ڪٽي اڇي هن ڏرتيءَ تي، پرومي ٿيئس جي گهر پڇايو. پنڊورا سان گڏ هڪ پيٽي يا متڪ بہ لاتو ويو جيڪو

کيس ڏاج ۾ ڏنو ويو هو. جنهن ۾ سڄي دنيا جون بيڙايون، خرابيون، بيماريون، مصيبتون ۽ ٻيا ڏک سور ۽ عذاب بند ٽيل هئا. پرومي ٿيئس ديوتا جي غيرحاضريءَ سبب، سندس بي‌سمجهه ٻاڦ ايپي ميٿئس، زوس طرفان سوکڙي طور موڪليل اها عورت قبول ڪري، ساڻس شادي ڪئي. جيتوڻيڪ، پرومي ٿيئس پنهنجي ٻاڦ کي اڳ ۾ئي سمجهائي چڪو هو ته زوس ديوتا کان پاسو ڪري ۽ ان طرفان موڪليل ڪا به سوکڙي وغيره قبول نه ڪري. مگر هو تحفي ۾ ملڻ حسين عورت کي موڪلائي نه سگهيو.

پنڊورا کي پاڻ ۾، اها خبر نه هئي ته کيس ڏاج ۾ ملڻ پيٽيءَ ۾ ڇا بند آهي. ان ڪري، جيئن ئي هن پيٽي کولي ته سموريون بيماريون، بيڙائيون، خرابيون اڏامي سڄي دنيا ۾ ڪاهي پيون ۽ انسان ذات کي وکوڙي ويون. اهڙيءَ طرح، زوس ديوتا، باهه حاصل ڪرڻ جي ڏوهه ۾، انسان کي اڻ-ڪٽ ۽ اذيتناڪ سزا ڏني.

ٻي طرف، انسانن تائين باهه پهچائڻ جي ڏوهه هيٺ زوس ديوتا، پرومي ٿيئس کي لوهي سنگهرن ۾ هڏائي ڪوهه قاف جبل جي چوٽيءَ تي ٽنگائي چڏيو، جتي زوس ديوتا طرفان موڪليل هڪ ڳڄهه روزانو پرومي ٿيئس جو جيئرو ٻئي کائيندي هئي. جيئن ته، پرومي ٿيئس ٽائٽن خاندان مان هئڻ ڪري "لافاني" هو ان ڪري، هن جو ڪاڦل جيرو ٻئي ڏينهن تي، ساڳيو اوتري جو اوترو ٿي ويندو هو. نيٺ، هرڪيولس (هيراڪليز)

ن ڳجهه ڪي تير هڻي ماري، پرومي ٿيئس ڪي ڪوه قاف جي قيد
ان ۾ آزاد ڪرايو.

هڪ ٻي روايت مطابق، زوس ديوتا، پرومي ٿيئس کي ان
شرط تي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ته هو ڪيس، سندس هڪ محبوبه
"ٿيٽس جل پريءَ" مان پيدا ٿيندڙ ٻار جي قوت بابت احوال ڏي.
ابتدا ۾، پرومي ٿيئس زوس ديوتا جي ڪابه ڳالهه نه ٻڌي ۽
ڪوه قاف جبل تي ٽنگيو رهيو. ان تان ڪاوڙجي، زوس ڪيس
پنهنجي وڄ ۽ گوڙ پيدا ڪندڙ لٽ وهائي ڪڍي. جنهن سبب
پرومي ٿيئس ان جبل جي ٻُڌيءَ سميت وڃي پاتال ۾ ڪريو.
نيٺ گهڻي وقت کانپوءِ، هن زوس جو شرط قبول ڪيو ۽ ڪيس
ٻڌايو ته ٿيٽس جل پريءَ مان پيدا ٿيندڙ ٻار کانئس کان به وڌيڪ
سگهارو ٿيندو. اهڙيءَ طرح، زوس ديوتا جو اقتدار خطري ۾ پئجي
ويندو. زوس اهو ٻڌي ٿيٽس جل پريءَ جي همٻيه لاءِ پڇر ڇڏي
ڏني ۽ واعدي مطابق پرومي ٿيئس کي آزاد ڪري ڇڏيو.

دنيا جو وڏي ۾ وڏو طوفان

پندورا جي پيٽيءَ مان نڪتل برائين سبب، سڄيءَ دنيا ۾
بيڻايون ڪاهي پيون هيون. ان ڪري زوس ديوتا به فڪر ۾
پئجي ويو. جڏهن هو پاڻ ڏرتي ڏسڻ آيو ته اتي، آرڪاڊيا جي
بادشاهه ڪيس مهماني ۾ پنهنجو غلام ڪهي انجو گوشت کارايو.
هاڻ، زوس کي يقين ٿيو ته دنيا ۾ بيڻاين جي انتها ٿيويٽي آهي. انڪري

زوس ديوتا انسان ذات کي ختم ڪرڻ لاءِ هن دنيا ۾ هڪ وڏي ۾ وڏي ٻوڏ آندي.

ان ٻوڏ کان اڳ پرومي ٿيئس جي ڇوڻ تي پٽس ديوکالين هڪ ٻيڙي ٺاهي اڳواٽ ان ۾ کاڌي پيتي جو انبار لڳائي ڇڏيو هو. پوءِ هڪ وڏو طوفان آيو ۽ وڏا ميڙهن وڻ، سمنڊ پلٽي پيا ۽ هيءَ دنيا هڪ وڏي ٻوڏ هيٺ اچي وئي جنهن ۾ سموراانسان ختم ٿي ويا پر ديوکالين ۽ پائراهه ٻئي زال مڙس بچي ويا هٿا ۽ نتو ڏينهن نو راتيون پاڻيءَ ۾ رهڻ کانپوءِ سندن ٻيڙي وڃي پارناسس جبل تي پهتي. اهو ٻ ڇيو وهي ٿو ته پرومي ٿيئس يا ان جي ماءُ ٿيمس جي نصيحت تي ٻنهي زال مڙس پٿر اڇلايا جن مان زالن مردن جو نئون انساني نسل پيدا ٿيو.

انڪا جي ملڪ ۾ ڪاريگرن جي ديوتا جي حيثيت ۾ پرومي ٿيئس جي پوڄا ڪئي ويندي هئي.

اڪليز ديوتا

Achilles

صفتون

سونهري وارن وارو، جانڻو، ڏڙتيلو ۽ سڳهارو يونان جو هي نالیرو بهادر سورمو، ڏروجن جنگ ۾ شريڪ سڀني يوناني سورمن کان مٿاهون درجو رکندڙ هو. هوسڪندر اعظم لاءِ به هڪ مثالي هيرو هو. هڪ جذباتي، خود غرض، ظالم، بداخلاق، ڪريل ۽ نيچ سورمو، هڪ وڏو زاني، عورتن ۽ ڇوڪرن سان برو فعل ڪندڙ، مئل عورتن سان به جنسي فعل ڪندڙ- سندس ماءُ ٿيٽس Thetes ڪيس آب حيات ۾ پير جي ڪُڙيءَ کان جهلي آبتو

وهنجاريو هو ان ڪري هو لافاني بنجي ويو پر سندس پير جي ڪنڙي لافاني ٿيڻ کان رهجي وئي.

نالا ۽ لقب

ماءُ پيءُ جو نالو اڪليز هو ۽ لائيڪوميڊيز جي محل ۾ ڪيس سرڪائي سيرا Sercysera ، آئيسا Aissa ۽ پائرها Pyrrha جي زنانن نالن سان سڏبو هو. هومر هن سوربي کي پودارڪيس Podarkes (تيز ڊوڙندڙ) سڏيو آهي . ڪيس پيمپٽس به سڏيو ويو آهي.

جنم

اڪليز جو پيءُ پيليس Peleus ٿيٽا جو بادشاهه هو ۽ سندس ماءُ ٽيٽس هڪ سامونڊي جل پري هئي، جنهن تي زوس ديوتا ۽ پوزيڊون ديوتا ٻئي پائر عاشق هٿا. پر پوءِ جڏهين خبر پين تہ ٽيٽس مان ٿيندڙ پٽ پنهنجي پيءُ کي تڙي ڇڏيندو تڏهين شاديءَ تان هٽ ڪٽي ويا ۽ زوس ٽيٽس جي شادي هڪ انسان پيليس سان ڪرائي. انهيءَ شاديءَ ۾ بنا دعوت جي ايرز Eris (مصيبت) ديوي گهڙي آئي ۽ اٿينا، هيرا ۽ افروڊائيٽ ديوي جي اڳيان اچي هڪ سونو صوف اڇلايائين. ان تي لکيل هو "سڀني کان وڌيڪ سهڻيءَ، لاءِ". اهو صوف نيٽ ٽراءِ جي شهزادي پيرس جي هٿان وڃي افروڊائيٽ (وينس) ديويءَ کي مليو. ان ڪري اٿينا ۽ هيرا ديوين کي وينس ديويءَ سان حسد ٿي پيو ۽ اها گالهه ٽروجن جنگ جو بنياد ثابت ٿي.

ٽيٽس کي پيليس سان ست پٽ ٿيا. جن سان ڇهه ڇٽا لافاني ٻانڀ جي خواهش ۾ باهه ۾ تپائيندي سندس هٿان مري ويا، باقي ستين پٽ اڪليز کي پيليس زوريءَ وڃي باهه مان ڪڍيو هو،

ان کري هو ڇڏي ويو ۽ ان ڳالهه تان ڪاوڙجي ٽيٽس پيليس کي ڇڏي وئي. ان کان اڳ اڪليز کي هوءَ اسٽائر نديءَ ۾ ڪُڏيءَ کان آڻيو جهلي ٽٻي ڏياري چڪي هئي، ان کري ڪُڏيءَ کان سواءِ سندس سمورو بدن لافاني ٿي چڪو هو.

پيليس اڪليز کي وٺي وڃي قنطور خيرون Centour chairon وٽ پيلين جبل تي ڇڏيو. اتي خيرون هن کي شينهن ۽ سوئر جو گوشت ۽ رڇن جي هڏين جي مڃ کارائيندو هو، جيئن منجهس سورهيائي پيدا ٿئي. کيس ڏوڙ ۾ تڪو ٽيڻ لاءِ هرڻين جي هڏين جي مڃ ۽ ما کيءَ جو مانارو به کارايو ويندو هو. خيرون کيس گهوڙي سواري ۽ شڪار سان گڏ بانسري وڄائڻ ۽ سيکاري. کيس ويڇن جي ٽڪين ۾ڪين کان به واقف ڪيو. کيلي اوپي Calliope نالي هڪ ميوز کيس وڏين دعوتن ۾ گهاٽ جو هنر به سيکاريو. ڇهن سالن جي عمر ۾ هن هڪ جهانگو سوئر جو شڪار ڪيو. پوءِ هو اڇي هريو ۽ روزانو جهنگ سان سوئر ۽ شينهن ماري خيرون جي غار ۾ آڻي، سندس وتيرو ٿي ويو. هو ايڏو تم ڏوڙ جو سگهو هو جو ڪتن کان سواءِ هرڻ به جهليو ايندو هو. آرٽيمس ۽ اٿينا ديوين کي به اڪليز جي ڏاڙتي ڏسيو ڏندين آگريون اڇيو ويندیون هيون. سندس ماڻ ٽيٽس کي اڳ ۾ ئي اهي پڙا پڻجي ويا هٿا تم ٽراءِ واري جنگ سان اڪليز جيئرو ڪونہ موٽندو. اڪليز جي تقدير ۾ اهو لکجي چڪو هو تم ٽراءِ جي جنگ ۾ وڏو نالو ڪڍي مري يا پنهنجي ملڪ ۾ خواريءَ جهڙي، وڏي جمار ماڻي. انهن ڳالهين کي ڳڻي ماٽس کيس هڪ ڇوڪريءَ جو ويس ڏيڪائي، اسڪائي روس جي بادشاهه لائيڪو ميڊيز جي حوالي ڪيو.

عشق ۽ اولاد

لائي ڪو ميڊيز بادشاهه جي محل ۾ اڪليز هڪ ڪنواري

چوڪريءَ پائڻ جي نالي ۾ رهيل هو. پر بادشاهه جي ڌيءَ ڊيڊاميا Deidameia وٽ سندس پردو ڪلي پيو. هُئي پاڻ ۾ ڏهي ويا ۽ لڪ چوريءَ پاڻ ۾ سمهڻ سهڑڻ لڳا. ڊيڊاميا کي پيٽ ٿي پيو ۽ هن نيوپٽولميس نالي هڪ پٽ جائو.

* هن جي ڏيٽا ۾ سندس هڪ دوست پٽروڪليس سان گهٽي گهرائي هوندي هئي. هن پٽروڪلس سان غيرفطري تعلقات قائم ڪيا هئا. پٽروڪلس هن کان عمر ۾ وڏو هو. ۽ هن تي عاشق هوندو هو

* پيو وڃي ٿو ته هن سورمي، افي جينيا سان به شادي ڪئي هئي.

* ٽراءِ جي بادشاهه پريام جي هڪ سهڻي پٽ ٽروئلس Troilus سان به هن ڏنعلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن انڪار ڪيو ۽ ڇڄي ويو. هن ان کي وڃي جهليو ۽ ساڻس وحشي جانور وانگر زوري غيرفطري فعل ڪرڻ کانپوءِ ڪيس ماري ڇڏيو.

* برائي زيز، ڏرلٽ جي مال ۾ سندس پتيءَ ۾ آئي هئي ان کي اگسنان وچان ڏياري ويو هو. ان ڪري اڪليز يونانين جو ساٿ ڇڏي جنگ ۾ بي طرفدار ٿي ويهي رهيو. پر پوءِ نيٽ جڏهن هو جنگ جي ميدان ۾ واپس موٽيو تڏهن ڪيس سندس سريت برائي زيز واپس موڪلائي ڏني وئي.

* پريام جي ڌيءَ پولڪزينا تي به هي عاشق هو. پر ان جي ڀاءَ هيڪٽر پولڪزينا لاءِ ڏ ڪيا ۽ بي عزتيءَ جهڙا شرط رکيا هئا، جيڪي هن پورا نه ڪيا. پوءِ وري به هن پولڪزينا کي هٿ ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پر ڪامياب نه ٿي سگهيو. هڪ روايت ۾ اهو چيو ويو آهي ته پولڪزينا جي آسري ۾ هو هڪ انڪل جو شڪار ٿي جهلجي پيو ۽ ماريو ويو.

* ٽروجن جنگ کان اڳ هو هيلن تي عاشق هو ۽ هڪ رات خواب ۾ڪيس هيلن ڏسڻ ۾ آئي ۽ ان سان خواب ۾ جنسي ميلاپ سبب ڪيس تڙ پڻجي ويو هو. ان ڪري جڏهين جنگ هلندي هن ٽراءَ جي قلعي جي پٽ تي هيلن کي جيئرو جاڳندو ڏٺو تہ چتو ٿي پيو. ڪن روايتن ۾ اهو چيو ويو آهي تہ مرڻ کانپوءِ پوئين دنيا ۾ پاتال هيلن سان سندس شادي ٻہ ٿي هئي.

* اهو ٻہ چيو ويو هو تہ عالم ارواح ۾ ميڊيا سان ٻہ سندس شادي ٿي هئي.

* ايزان راڻيءَ پينٽي سيليا ٽراءَ وارن جي مدد ۾ هن سورمي سان جنگ ڪئي. جنگ ۾ پينٽي سيليا مري وئي. پوءِ هن سورمي نهايت ذلالت سان هن راڻيءَ جي لاش سان جنسي ميلاپ ڪيو.

ٽراءَ جي جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ

ٽراءَ جو شهزادو پئرس اسپارٽا جي راڻيءَ هيلن کي پڃائي ويو هو. هيلن جي ڀائرن وڏن لاءِ يونان جي ماڻهن اسپارٽا جي بادشاهم مينيلس جي ڀاءُ اگامنان جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ وڏو ٻيڙو ٺاهي ٽراءَ تي چڙهائي ڪئي. جنهن ۾ ان دور جي وڏن وڏن يوناني ديوتائن ۽ سورمن حصو ورتو. اگامنان هن سورمي کي آٺن لاءِ اوڀي سس، سينٽر ۽ اجاڪس کي موڪليو جن اڳي بادشاهم لائي ڪوميڊيز کان موڪل وٺي سندس محل ۾ هن سورمي جي ڳولا ڪئي. اڪليز اتي پائرها جي نالي سان هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي روپ ۾ رهندو هو. اوڀي سيئس چالاڪي ڪري محل ۾ قسمين قسمين جي شين جو ڍير لڳايو ۽ محل ۾ رهندڙ سڀني عورتن ۾ هوڪو ڏنو تہ جنهن کي جيڪا ٻہ شئي وٺي سا

کٹي وڃي. ان سان گڏ اوڊيسس محل جي پٺيان جنگي توتارا، وڃائڻ ۽ تلوارن جي ٽڪرائڻ جو حڪم ڏنو. توتارن جو آواز ۽ تلوارن جو چمڪاٽ جڏهين هن سوريي جي ڪنن تي پيو تہ هن کي جوش وڃي ويو ۽ سوڪڙين جي انبار مان ڪولي وهي تلوار ۽ ڀال کنيائين، ۽ زنانو ڇولو لاهي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح گهالهه جو پول کلي ويو تہ هو چوڪري ناهي پر چوڪرو آهي. ان کان پوءِ پنهنجي سرميڙون قبيلي جي جوانن کي ساڻ ڪري خوشيءَ سان جنگ تي روانو ٿيو.

هڪ ٻي روايت ۾ چيو ويو آهي تہ اوڊي سيس ۽ نيسٽر جڏهين پيليس بادشاهه وٽ پهتا تہ هن فونڪس Phoenix جي نگرانيءَ ۾ پنهنجي پندرهن سالن جي عمر جي پٽ اڪليز کي سالن گڏي ڇڏيو. ٽيٽس ٻڌس اڪليز لاءِ هڪ سهڻي پيتي سڻ ڪپڙن ۽ قيمتي گاديلن سان پري ساڻ ڪري ڏني. هن سوريي سان گڏ سندس هڪ دوست پيٽروڪلس به هو. جيڪو عمر ۾ ڪائنس وڏو هو پر حيثيت ۾ ڪائنس گهٽ هو. هن جي پيٽروڪلس سان گهاڻي ياراني هئي. ايتري قدر جو ائين چيو ويو آهي تہ هنن جا پاڻ ۾ غيرفطري تعلقات به هئا. هن جي مهنداريءَ ۾ يوناني سامونڊي ٻيڙو يوناني فوج کي ڪٽي ٽراءِ ڏانهن روانو ٿيو وات ۾ پلجي يوناني ٻيڙي وڃي مائيشا ۾ لنگر هنيو. اتي جي بادشاهه ٽيلي فس، جيڪو هيراڪليز جو پٽ هو. تنهن يونانين کي ڏاڍو ماريو ۽ کين موڙائي سندن جهازن ڏانهن امانيائين پوءِ اڪليز ۽ پيٽروڪلس به اتي وڃي پهتا. هن سوريي نيزو هڻي ٽيلي فس کي ڌڻي وڏو. پوءِ ٽيلي فس ۽ سندس ساڻين پڄي جند ڇڏائي. وات تي اسڪائي روس ٻيٽ تي لهي ٻيا ۽ اتي لائي ڪوميڊيز بادشاهه جي ڏيءَ ديڊيميا سان هن سالن سوڻن سان شادي ڪئي. هوڏانهن ٽيلي فس جا ڏک نہ ڇٽا، تنهن کي اپالو ديوتا اهو ٻڌايو تہ اهي ڦٽ اهو ڇڏائيندو جنهن لڳايا هوندا، اهو ٻڌي هو اڪليز وٽ ويو، جنهن

هڪ ٻوڙيءَ کي سندس نيزي جي زنگ سان ملائي ٽيلي فس جي زخمن تي رکيو جنهن ڪري هو ڇڪو پلو ٽي ويو.

ان کان پوءِ وري ٻيو پيرو يوناني سامونڊي ٻيڙو اولس Aulis ۾ گڏ ڪيو ويو. اتي مشهور جوتشي (اڳڪٿيون ڪندڙ) ڪالچس Callchas اها پيشن گوئي ڪئي ته جيستائين آڪامينان پنهنجي سهٽي ڌيءَ آفي جينيا کي آرٽيمس ديويءَ جي نالي قربان نه ڪندو تيستائين سٽائو واءُ نه لڳندو ۽ ٻيڙو وڃي نه سگهندو. آڪامينان ڏکي ڪري پنهنجي زال ڪليٽيم نيسٽرا کي ڇوائي موڪليو ته آفي جينيا کي ڏياري موڪل ته سندس شادي اڪليز سان ڪرايان. آفي جينا کي جڏهن اصل گالهه جي خبر پئي تڏهن هن رضا خوشيءَ سان پنهنجي ملڪ جي مفاد لاءِ ڪٽ قبوليو. ائين ٻه ڇيو وڃي ڏو ته هن سوچي کي جڏهن خبر پئي ته سندس نالي جو ڏوهه ڪري آفي جينيا کي گهرايو اٽن ته هن کنهن طرح آفي جينيا کي مرڻ کان بچائي سائيٽيا موڪلي ڇڏيو. ائين ٻه ڇيو ويو آهي ته هن ڏيڏيميا سان نه پر آفي جينيا سان شادي ڪئي هئي جنهن سان نيوپٽوليمس ڄائو هو.

جڏهن يوناني ٻيڙو ٽراءِ جي ويجهو هڪ ٻيٽ ٽينيڊوس وٽ پهتو ته اتي جي بادشاهه ٽينيس Tenes جيڪو اپالو ديوتا جو پٽ هو. تنهن يونانين جو مقابلو ڪيو ۽ هڪ پٿر جي وڏي چپ ڪٽي يونانين کي هٽڻ تي هو ته اهو ڏسي اڪليز ٻيڙي سان ٽڪرَ تري اچي ڪناري تي پهتو ۽ نيزو هٽي ٽينيس کي ماري وڌائين. جڏهين اڪليز کي اها خبر پئي ته ٽينيس اپالو ديوتا جو پٽ آهي، ته ڪاوڙ سان پنهنجي نوڪر منيمون کي ماري وڌائين جو هن کيس اڳواڻ اهو ڇو نه ٻڌايو ته ٽينيس کو اپالو ديوتا جو پٽ هو. هن کي سندس ماءُ اڳ ئي اهو چتايو ڏنو هو ته جي اپالو جي کنهن پٽ کي ماريندين ته اپالو ويڑ نه ڇڏيندو ۽ توکي به ماريندو.

ان کان پوءِ هن ٽينيس جي پيٽ هيمي ٽيا جي لڄ لٿن لاءِ ان جي پٺ ورتي. پر قدرت سان زمين ڦاٽي پئي ۽ هيمي ٽيا زمين دوز ٿي وئي. انهيءَ ٻيٽ ٽيني ٻوس ۾ ٿي هن جو يوناني فوجن جي سڀ سالار اگاميٽنان سان جهڳڙو ٿيو هو. اڪليز جو چوڻ هو ته اگاميٽنان کيس سچيءَ دل سان ٽراءِ واري جنگ ۾ شامل ڪرڻ ٿي چاهيو.

اڪليز ٻيو يوناني هو جنهن ٽراءِ جي سرزمين تي سڀني کان اڳ قدم رکيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هو سڀني کان پوءِ اتي آيو هو. چاڪاڻ ته اها پيشن گوئي ٿيل هئي ته جيڪو حملہ آور ٽراءِ جي زمين تي پهرين قدم رکندو اهوئي سڀ کان اڳ مرندو. پروٽيسي لاس اهو پهريون يوناني هو جنهن پهرين ٽراءِ ۾ قدم رکيو ۽ سڀني کان اڳ ماريو ويو هو.

اڪليز پنهنجي جهاز کان سڌو ٽپ ڏئي اچي ٽراءِ جي ڪناري تي ٻيٺو، جتي سندس پير لڳا اتي پاڻيءَ جو چشمو ٿهي ويو، اتي لهندي شرط سڪنس Cycnus سان سندس ويڙهه ٿي، جنهن تي ڪنهن به تير تلوار يا نيزي جو اثر نٿي ٿيو. اڪليز پنهنجي خود جي ڏاڳن سان کيس ڦاهو ڏئي ماريو. اهو سڪنس پوزيڊون ديوتا جو پٽ هو. ان کان پوءِ يونانين ٽراءِ جو گهيرو ڪري پنهنجي جهازن کي ڪناري تي ٻيهاري ڇڏيو.

ٽراءِ جي فتح ٿيڻ جي باري ۾ پيشن گوئيون

* جيڪڏهين پريام بادشاهہ جو پٽ ٽروئيلس ويهن ورهين جي جمار جو ٿي ويو ته پوءِ ٽراءِ فتح نہ ٿي سگهندو.

* ٽروئيلس جو موت يونانين لاءِ ضروري ٿي پيو. ان کي هن سورمي وڏي ذلالت سان ماريو. اپالو ديوتا جي مندر جي بيحرمتي

ڪري، ان سندر ۽ ڪيس زخمن سان چور چور ڪري سائس غيرفطري فعل ڪيائين .

* مشهور جوتشي ڪالچس اها پيشن گوئي ڪئي هئي تہ آڳاميانان جي ڏيءَ آفي جينا کي ڪهي قربان نہ ڪيو ويندو تہ يونانين جي ساموندي سفر لاءِ واءُ سڏائو نہ لڳندو ۽ سفر نہ ٿي سگهندو .

* جيڪو بہ ٽراءِ جي جنگ ۽ ٽراءِ جي سرزمين تي پهرين قدم رکندو اهو سيني کان اڳ مري ويندو .

* جيڪڏهن ٽريس جي بادشاهہ رهيسس جي گهوڙن اسڪامينڈر دريا جو پاڻي پيتو ۽ ٽراءِ جي زمين جو گاهہ کاڌو تہ ٽراءِ فتح نہ ٿي سگهندو .

اوچتا حملا

* هن هڪ راتاهو هئي پريام بادشاهہ جي باغ مان سندس پٽ لائي ڪائون کي جهلي، هانهہ بنائي پٽروڪلس جي حوالي ڪيو. جنهن ڪيس يونيس بادشاهہ وٽ وڪٽي چڏيو. پر پوءِ انجي مائٽن فديو ڏئي انکي آزاد ڪرائي چڏيو .

* لائيڪون کي گهر آئي اڃا هارنهن ڏينهن مس ٿيا تہ هن سورسي وري بہ ان کي حملو ڪري ماري چڏيو .

* هن پنهنجن ڪن چونڊ ساٿين سان گڏجي ٽراءِ جي آسپاس وارن ڳوٺن ۽ ڦرمار ۽ تباهي ڪرڻ شروع ڪئي. ايڊا جبل تي هن بادشاهہ پريام جي هڪ پٽ ميسٽر کي ماري چڏيو. هڪ ٻئي شهزادي اينياس Aeneas کي سندس چوپايو مال چڏي ڇڏڻ تي مجبور ڪيائين .

* لائرينيسس جي شهرڪي تباهه ۽ ويران ڪري ڇڏيا.

* ميسٽر جو چوپايو مال ڪاهيائين.

هن هيٺين شهرن تي حملا ڪري انهن تي قبضو ڪيو.

۱- ليسبوس Lesbos ۲- فوڪائيا ۳- ڪولوفون ۴- سمرنا
۵- ڪلازومينائ ۶- سائمي ۷- ايجيالس ۸- ٽينوس
۹- ايڊراميٽيم ۱۰- ڊائڊي Dide ۱۱- اينڊيم ۱۲- لبنائيم
۱۳- ڪولون ۱۴- انٽانڊرس.

انهن ڪانسواءِ هن هيڪٽر جي زال انڊرامڪي Andromache جي پيءُ ايشن جي شهر ٽيبي تي حملو ڪري، ايشن ڪي سندس ستن پٽن سميت ماري ڇڏيو. اتي اپالو جي مندر جي پوجاري ڪرائي سس Chryses جي ڌيءَ ڪراهي سيز Chryseis ڪي به هانهي بنايو ويو. ڪراهي سيز مال غنيمت جي ورهاڱي ۾ اگاميننان جي پتيءَ ۾ آئي هئي.

ان کان سواءِ هن سورمي ٽيبي شهر مان ٻيڊاسس نالي مشهور گهوڙو به پاڻ سان آندو. اڊا جبل وٽ اڪليز جي هڪ حملي ۾ ٽراءِ جي مشهور سورمي اينيس Aeneus کي پنهنجو چوپايو مال ڇڏي ڀڄڻو پيو. هن لائيري نيسس جي شهر تي حملو ڪري ان کي برباد ڪري ڇڏيو. اتي جي بادشاهه مائي نيس Mynes ۽ سندس پاڻ مقابلي ۾ مارجي ويا. مائي نيس بادشاهه جي زال برائي سيس Briseis کي قيد ڪري اڪليز جي هانهي بنايو ويو. انهيءَ ڏک وڳهي برائي سيس جي پيءُ برائي سس Brisius غيرت ۾ پاڻ کي ڦاهو ڏئي ماري ڇڏيو. اڪليز ۽ اگاممنان جي وچ ۾ ڦوٽ جو ڪارڻ اها ئي برائي سيس هئي. اپالو ديوتا کي سندس پوجاري ڪرائي سس جي ڌيءَ ڪڇڻ جو ٻڌي ڪاوڙ وئي وني. هن اگاممنان کي حڪم ڪيو ته يڪدم هانهن موڪلائي منهنجي پوجاري

جي حوالي ڪر. اگاميننان لاچار ٿي ڪراهي سيس ڪي ان جي ٻيءُ جي حوالي ڪيو پر پاڻ وري برائيسس ڪي پاڻ وٽ وهاري ڇڏيائين. ان تان اڪليز ۽ اگاميننان جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو ۽ اڪليز يونانين جو ساٿ ڇڏي بي طرفدار ٿي ويو.

ٽراءِ جي جنگ

جنگ کي ۹ سال گذري ويا پر يوناني ٽراءِ فتح نه ڪري سگهيا. ان زماني ۾ سياري ۾ جنگ کان پاسو ڪيو ويندو هو. سپاهي جنگي ڪسرتن ۾ ڏينهن پورا ڪندا هئا.

هڪ ڏينهن پريام بادشاهه جي راڻيءَ هيڪوبا Hecuba پنهنجي سٹي ڏيءَ پوليڪزينا سان گڏ اپالو ديوتا جي مندر ۾ وئي. اتي هي سڳورو پوليڪزينا کي ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو. هن پوليڪزينا جي وڏي ٻاءُ هيڪٽر کان سنگ گهريو. هيڪٽر ڪيس چوائي موڪليو ته "جنهن ڏينهن تون يوناني ڪئمپ ڇڏي ٽراءِ ۾ اچي اسان جي لشڪر سان شامل ٿيندين، ان ڏينهن پوليڪزينا جي پاڻهن تنهنجي حوالي ڪنداسون، پر جي تون يوناني ڪئمپ ڇڏي نٿو سگهين ته پنهنجي سوٽ اجاڪس وڏي ڪي مارڻ جو قسم کڻ." پر اها پوئين گالهه هن جي ڪرڻ کان ٻاهر هئي. زيٽ ٻهار جي موسم سان گڏ جنگ جي باهه به ٻڙڪا ڪائڻ لڳي. جنگ جي ميدان ۾ اڪليز هيڪٽر جي ڪيڏ لڳو پر هيڪٽر جي ٻاءُ هيلي سس جي تيرن کيس ڪٽي وڌو. هوڏانهن پنهنجي پوجاريءَ جي ڏيءَ کڻڻ تي اپالو ديوتا به ڪاوڙ ۾ پرجي يونانين تي تيرن جو مينهن وسايو.

اهو به چيو ويي ٿو ته زوس ديوتا جو دلي لاڙو به ٽراءِ وارن ڏانهن هو، تنهن اڪليز جو يونانين سان جهيڙو ڪرائي ڇڏيو.

اهو به چيو وڃي ٿو ته پولڪزينا جي سڳ جي لالچ ۾ بادشاهه پريام کي خوش ڪرڻ لاءِ هن جنگ کان منهن موڙيو هو. هوڏانهن هيڪٽر جڏهن هن کي مقابلي لاءِ للڪاريو ته هن چيو ته آئون جنگ تان هٿ کڻي چڪو آهيان.

اڪيلز جي نه هٽڻ ڪري جنگ جي پڙ ۾ ٽراءِ وارن جو پاسو ڳرو ٿي ويو. ٽراءِ جون فوجون يونانين کي ڏکي اچي سندن جهازن تائين پهتيون. انهيءَ مايوسيءَ ۾ ڏکاڻجي اگامنان، فونڪس، وڏي اجاڪس Ajax the great ۽ اوڊيسيس کي ٻن نقيبن سان اڪيلز وٽ موڪليو ويو ته کنهن طرح کيس راضي ڪري اچن. هنن کيترين قيمتي سوکڙين سان گڏ برائي سس جي ڌانهن موڪلائي ڏيڻ جي آڇ ڪئي ۽ اهو به ويساهه ڏنائون ته اڃا تائين اگامينان برائي سس جي اوڏو به نه ويو آهي ۽ هوءَ ڪنواري آهي. ان سان گڏ هن کي اگامنان جي طرفان اهو به چيو ويو ته سندس ڌن ڏيئن سان جيڪا وٽيئي سا وهار پر سان نه ڇڏ. پر اڪيلز جي ڪاوڙ ڏري نه ٿي هن کين ڏڙو پڙو جواب ڏئي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڇتي وڙهه لڳي. ٽراءِ جي سڀ سالار هيڪٽر يونانين جي ٻچاءُ واري لائين ٽوڙي ڪين پاڻ ڪائڻ تي مجبور ڪيو. ان جنگ ۾ يونان جا ڏاهارا سورما اگامنان، ڊيوميڊيز، اوڊي سيس، سوري پلس ۽ يونانين جو وڏو ويڇ مڪائون به سخت زخمي ٿيا. ايتري قدر جو وڏو اجاڪس به پڙ ڇالهو ڪري ڇڄي نڪتو. انهيءَ جنگ ۾ اپالو ديوتا ٽراءِ وارن جي طرف هو ۽ پوزيڊون ۽ هيرا ديوي يونانين جي مدد ڪئي. اڪيلز پروٽيسي لس جي جهاز کي ڏٺو، جنهن کي ٽراءِ وارن باهه ڏئي ڇڏي هئي، اهو ڏسي هن کي پنهنجو ويڑ وسري ويو. سندس دوست پٽروڪليس سندس زرهه ۽ هٿيار ڏيکيو وڙهيو ٻڌي.

يوناني جهازن کي باهيون ڏيندڙ ٽراءِ وارن تي تيرن جو وسکارو لائي ڏنو هئائين.

يونانين جي هار تي اکليز جي دل تان ويروروڊ وسري ويو ۽ هن پنهنجي پوئلڳ مرميڊونن کي حڪم ڏنو تہ پيٽروکلس جي پوئواري ڪن. پيٽروکلس کي ٽراءِ وارن اکليز جي ويس ۾ ڏٺو هو، تن سمجهيو تہ اهو اکليز آهي، سي پوئتي هٽي ويا. پيٽروکلس همت ڪري جهازن مان باهہ وسائي ۽ سرپيڊون کي ماري وڌائين. جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ زوس يا پوزيڊون جو پٽ هو. ڪن جو چوڻ آهي تہ ان جنگ ۾ پيٽروکلس جيڪر اکيلي سر فتح ڪري وڃي ها پر اپالو ديوتا ٽي دفعا ڪيس قلعي جي پٽ تان ڪيرائي ڇڏيو. نيٽ هيڪٽر هڪ ئي ڏڪ سان پيٽروکلس کي ماري وڌو ۽ يونانين جي ڏسندي ڏسندي سندس پٽ تان اکليز واري زرهہ ۽ هٿيار لاهي ورتا. ان کان پوءِ مينيلس ۽ وڏي اجاڪس مڙسي ڪري پيٽروکلس جو لاش ڪٽي يوناني ڪئمپ ۾ پڇايو. پيٽروکلس جو لاش ڏسي اکليز ڏک وچان پٽ تي ڪري پيو ۽ ڏوڙ ۾ ليٽڻ لڳو.

ان کان پوءِ ٽيٽس پنهنجي پٽ اکليز لاءِ نئين زرهہ ۽ هٿيار هيفائسٽس ديوتا کان ٺهرائي ڪٽي اڇي هن سورسي کي ڏنا. اکليز انهيءَ زرهہ تي هٿيار لڳائي اڇي جنگ جي پڙ ۾ پير وڌو. هن ٽراءِ وارن ۾ چوطرف ڏڙڪوٽ ۽ ڏهڪاءُ وڇهي ڇڏيو. هو اڻي اسکامينڈر درياءُ ڏانهن پڳا ۽ باقي بچيل ٻين ٽراءِ جي ماڻهن ، هيسيل ۽ ڊنل هرڻين وانگر وڃي ٽراءِ جي قلعي ۾ پناهہ ورتي.

نيٽ جڏهين هيڪٽر ۽ اکليز هڪ ٻئي جي سامهون اڇي ٽيا تہ هنهي ڊرين جي فوجن پڻيان هٽي جاءِ ڏني. پهريائين هيڪٽر چا ڪيو جو اکليز کي ٽڪائڻ لاءِ ٽراءِ جي قلعي جي چوڌير ٽي ڊوڙون وڌائين پر هي نہ ٽڪو ۽ آخر هيڪٽر پاڻ ٽڪي پيو

۽ پوءِ نيزو اڇلائي اڪليز کي هنيائين پر نيزو زرهه جي ڪري نه لڳو ۽ مٿان جو اڪليز جوابي نيزي جو وار ڪيس ته هيڪٽر جي سيني مان آرپار نڪري ويو.

مرڻ وقت هيڪٽر ڪيس اها منٿ ڪئي ته سندس لاش فديو ونڊي ۽ سندس مائٽن جي حوالي ڪج پر هن انڪار ڪيو ۽ هيڪٽر جي زرهه لاهي سندس پيرن جي ڪڙين ۾ ٽنگ ڪري سندس جُثين جي ڏاڻن سان ان جا ٻئي پير ٻڌي ڇڏيائين ۽ پوءِ هيڪٽر جو لاش ٿي دفعا قلعي جي ٻاهران گهليائين. اهو ٻڌي ڏيو ڏي ٿو ته ان لاش کي ڏسڻ جي ڏُڃان ٻڌي جهازن تائين گهليندو ويو.

پيٽروڪلس کي چڪيا تي چاڙهڻ

ادا جبلن مان چڪيا لاءِ ڪاٺيون گهرائي هن سورمي ڏسڻ جي دوست پيٽروڪلس جي چتا تيار ڪئي. هن پيٽروڪلس مٿان سندس گهوڙا ۽ ٻه ڪتا ڪهي قربان ڪيا. ان کان سواءِ ٽراءِ جي قيدين مان ٻارنهن مڪيه اميرن ۽ سردارن کان سواءِ پريام بادشاهه جي ڪيترن ئي پٽن جون نڙيون وڍي انهن کي پيٽروڪلس مٿان ڪهي قربان ڪيو. هن هيڪٽر جي لاش کي ڪتن کان ڪارائڻ چاهيو ٿي، پر پوءِ افروڊائيٽ ڪيس انهيءَ ڪڌي ڪم کان روڪيو. پوءِ هو روزانو هيڪٽر جي لاش کي پيٽروڪلس جي قبي جي چوڌاري ٿي ڀيرا گهليندو هو.

بادشاهه پريام جو اڪليز وٽان هيڪٽر جو لاش ڇڏائڻ

هن سورمي هيڪٽر جي لاش کي روزانو گهلي ڪنو ڪرڻ ٿي چاهيو پر اپالو ديوتا هيڪٽر جي لاش جي سنڀال ڪئي ۽

ان کي ڪنو ٽيڻ کان بچايو. نيٽ زوس ديوتا وچ ۾ ٽپي پيو. هن پنهنجي پٽ هرمز کي حڪم ڏنو ته پريام بادشاهہ کي حفاظت سان اڪليز تائين پهچائي. پريام دل جهلي رات جو وڃي هن سورمي جي جهوپڙيءَ وٽ پهتو. هي گهري نند ۾ ستل هو. پريام جيڪر آسانيءَ سان سُتي کيس ساري وڃي ها پر پريام پنهنجي نند ۾ غافل دشمن کي دوکي سان مارڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ کيس اٺاري نماڻائيءَ سان هن کان پنهنجي پٽ جو لاش گهريو. هن سورمي کانئس هيڪٽر جي وزن جيترو سون گهريو. پوءِ لالچي يونانين ٽراءِ جي شهر جي ٻاهران ساهميءَ جا ٻہ وڏا ٻُڙ ڪڙا ڪيا ۽ هڪ ٻُڙ ۾ هيڪٽر جو لاش رکيائون ۽ ٻئي ٻُڙ ۾ پريام جي خزاني جو سمورو سون، هيرا جواهر ۽ سونيون مهرون وڌائون. پوءِ ٻہ هيڪٽر جو ٻُڙ گهرو نڪتو. ٽڏهين قلعي جي پٽ مٿان پولڪزينا پنهنجا سونا ڪنگڻ ساهمي جي ان ٻُڙ ۾ اڇلي وڌا. پولڪزينا کي ڏسي هن سورمي پريام کي چيو ته جيڪڏهين هن شهزاديءَ جو سگ سون کي ڏيو ته آئون سون تان هٽ ڪٽي ڇڏيندس ۽ جي هيلن کي موڪلائي ميني لاس کي ڏيو ته آئون ٽراءِ ۽ يونان جي وچ ۾ ٽاهہ ٻہ ڪرائي ڇڏيندس. پر پريام سون موڪلائي نہ ورتو ۽ چيائين ته هيلن تان هٽ ڪٽي، جي يوناني موڪي ويندا ته آئون توکي پولڪزينا جو سگ ڏيندس. هن چيو ته آئون ڪوشش ڪندس پر گهالهہ نہ ٿهي. پريام پنهنجي سورهيہ پٽ جو لاش ٽراءِ ڪٽي ويو.

ٽروجن جنگ ۾ ٽراءِ وارن جي مدد ۾ حبش جو بادشاهہ ميمنان ۽ اميزان راڻي پينٽي سيليا ٻہ پنهنجي فوجن سان شامل ٿيا هئا. هن جنگ کان اڳ اميزان راڻي پينٽي سيليا پنهنجي ڀيڻ کي اتفاق سان اوچتو شڪار ڪندي تير هڻي ڦٽي وڌو هو ۽ پوءِ پنهنجو ملڪ ڇڏي اچي ٽراءِ ۾ پناهہ ورتي هئائين. راڻي پينٽي سيليا وڏي بهادر ۽ ويڙهو سورمي هئي. انهيءَ جنگ ۾ هوءَ ٽراءِ جي

يونانين سان وڏي سورهيائي سان وڙهي هئي. هن يونان جي وڏن سورمن سان وڏا مهاڏا انڪايا ۽ ايتري قدر جو ڪيترائي ڀيرا هن اڪليز جا به جنگ جي پڙ ۾ پير ڇڏائي ڇڏيا ۽ هو پٺتي هٽڻ تي مجبور ٿي ويو. ايتري قدر به چيو ويو آهي ته هن سورهيه راڻيءَ هن کي مقابلي ۾ ماري ڇڏيو هو، پر ٿيٽس جي منٽ تي زوس ديوتا سندس حياتي بچائي. اڪيلز راڻيءَ تي عاشق ٿي پيو هو ۽ جڏهين هُن مقابلي ۾ هن راڻيءَ کي ماري وڌو ته ان جي لاش سان هن جنسي ميلاپ ڪيو هو. ٿيرسٽيز Therstes نالي هڪ يوناني۽ اها بي‌حيائي ڏسي اڪليز کي ٽوڪيو ان تي هن ڪاوڙجي ٿيرسٽيز کي اهڙو ته مُٺ هنيو جو هو مري پيو. انهيءَ ڪريل ۽ ذليل حرڪت ڪري يونانين ۾ هن لاءِ ڏکار پيدا ٿي ويو. ڊيوميڊيز جيڪو ٿيرسٽيز جو سوٽ هو تنهن پينٽي سيليا جو لاش گري آڻي اسڪامينڊر درياءَ ۾ ڌوڪيو. جنهن کي پوءِ اتان ڪيي هن سورمي درياءَ جي ڪنڊيءَ تي وڏي عزت احترام سان دفن ڪيو.

اڪليز جو موت

پريم بادشاهه پوءِ پنهنجي اڳي پاءُ ٽيٽونس کان مدد گهري. ٽيٽونس آشوريا جو شهنشاهه هو. هن پنهنجي پٽ ميمنان حبش جي بادشاهه کي وڏي فوج ڏئي ٽراءِ جي مدد ۾ موڪليو. ميمنان هڪ وڏو جنگي جوڌو هو. هن اچڻ شرط يوناني فوج ۾ ٽاکوڙو وجهي ڇڏيو. هن ڪيترن يوناني سورمن کي قتل ڪيو جن سان اڪليز جو دوست اينٽي لوڪس مشهور آهي جيڪو نيسٽر Nestor جو پٽ هو. ميمنان جي حبشي فوجن جي اچڻ سان جنگ ۾ ٽراءِ وارن جو پاسو زور ٿي ويو ۽ ذري‌گهٽ سمورا يوناني جهاز تباه ٿيڻ تي هئا ته رات پنجي وئي ۽ جنگ ختم ٿي وئي. پئي ڏينهن صبح جو اجاڪس سان ميمنان جو مقابلو هليو پئي ته ان کي هٽائي اڪليز پاڻ اچي ان کي سندرو ڏنو. مقابلي ۾ هن ميمنان کي

قتل ڪري سندس لاش، اينٽي لوڪس جي هرندڙ چٽاءُ تي ڪٽي رکيو. ان کان پوءِ هن سورمي، ٽراءِ جي فوجن ۾ افراتفري وڌي چڏي. اتي پئرس وجهه وٽي پنهنجي تيرڪمان سنڀالي چتائي اڪليز کي تير هنيو ۽ هي مري ويو. چيو وڃي ٿو ته هيڪٽر کي ماري پوءِ ان جي لاش تي اڪليز وڏائيءَ ۾ پرجي، جيڪي ڪٿ لفظ گهالهايا هٿا انهن تان ديوتائون ڪاوڙجي پيا هٿاڻ ۽ اپالو ديوتا پئرس کي گولي ان جي هٿان يا خود پاڻ تير هڻي هن سورمي کي ماريو هو ۽ ڪانئس ٽروئيلس ۽ سائيڪنس جي موت جو پلاند ورتو هو. جنگ هلندي اجاڪس اعظم ۽ اوڊي سيس ڏاڍي سورهيائي ڪري هن سورمي جو لاش صحيح سلامت يوناني ڪئمپ ۾ آلدو.

اڪليز جي موت لاءِ ڪن يوناني مورخن جو وري هينئن چوڻ هو ته پولڪزينا ڪانئس سندس مرڻ جو راز ورتو هو ۽ ڪيس اها خبر پئي ته ڪڙي ۾ ڏڪ لڳڻ سان هي مري ويندو. پولڪزينا جي آڏري تي ان جي ڀاءُ ڊي فوبس ڪيس اپالو جي مندر ۾ گهرائي پئرس جي هٿان مارايو هو. مرڻ وقت هن سورمي اها وصيت ڪئي ته سندس قبر تي پولڪزينا کي بہ ڪهي مٿانئس قربان ڪيو وڃي. ڪن مورخن وري هينئن چيو آهي ته ٽراءِ وارن هيڪٽر جي لاش جي منهن ۾ ڏنل سون وري يونانين کان موٽائي ورتو ۽ پوءِ اڪليز جو لاش موٽائي ڏنو هو.

اڪليز جي مرڻ تي يونانين تي مايوسي ڇائنجي وئي. سندس موت جي ماتم ۾ جل پريون ۽ ميوزز بہ شامل ٿيون. جن پٽي پار ڪيدا (نوحہ خواني ۽ مرثيہ خواني ڪئي) ۱۷ ڏينهن هن جو ماتم ڪيو ويو. جيتوڻيڪ يوناني سردارن بہ گوڙها گهاڙيا پر عام سپاهين ۾ هڙئي خوار ۽ بدنام غدار جي موت تي کوبہ ڏک ڪونہ ٿيو.

اڪليز جي لاش کي چتا تي رکي ساڙيو ويو. ۽ سندس

ڏلهيار (رڪ) پيٽروڪلس جي ڏلهيار سان گڏ هڪ سوني مٽ ۾ رکيو ويو. اهو سونو مٽ هيفائسٽس ديوتا جو ٺاهيل هوءِ ڊيونائيسس ٽيڊس کي سندس شاديءَ ۾ سوکڙي ڪري ڏنو هو. هيلسپينٽ وٽ سيڪايم جي هنڌ تي ان مٽ کي پوريو ويو. انهيءَ پٽ تي هڪ گوٽ جو نالو اڪيليم Acilleum رکيو ويو. جتي جي مندر ۾ اڪليز جو هڪ بت رکيل هو جنهن کي ڪن ۾ ايرنگ پاتل هئا.

اڪليز جي اعراز ۾ راندين جا مقابلا

اڪليز جي مرڻ تي لاش سازڻ يا ڏکڻ جون عام رسمون ادا ڪيون ويون. انهن ۾ راندين ۽ ڪسرتن جا مقابلا ٿيا، جن ۾ يوناني پهلوانن پنهنجي مهارت جا انگ ڏيکاريا. وڏي اجاڪس ٽالي اچلائڻ جو مقابلو ڪٽيو، يوميليس الن جي ڏوڙ ڪٽي ۽ ڊيوميڊيز ڏوڙ ۾ پٿر يون نمبر آيو ۽ ٽيوسر Teucer تير اندازيءَ جو مقابلو ڪٽيو.

اڪليز جون مرڻ کان پوءِ شاديون

ڇيو وڃي ٿو ته پنهنجي مرڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ هن پنهنجي ماءُ جي مدد سان هڪ خواب ۾ هيلن سان هم بستريءَ ڪئي ۽ خواب ۾ هيلن کي ڇيائين ته حقيقي زندگيءَ ۾ به پنهنجو ديدار ڪرائي. پوءِ سچ پچ هيلن ٽراءِ جي قلعي جي پٽ تان ڪيس ديدار ڪرايو ۽ ڏاڍا ناز نخرا ڪيا. اهي جلوا ڏسي هو هيلن تي عاشق ٿي ويو. ۽ مرڻ کان پوءِ هي دنيا ۾ هن هيلن سان شادي ڪئي. ان ڪري ڪيس پيمپٽس Pemptus يعني پنجون سڏيو ويندو آهي. ان کان اڳ ۾ هيلن جا چار مڙس هئا.

ائين به ڇيو وڃي ٿو ته هيءَ دنيا ۾ هن جئسن جي زال ميڊيا سان به شادي ڪئي ۽ پوءِ هو ايليوسس جي ميدان ۾ رهڻ لڳو.

ليوسي ٻيٽ ۾ اڪليز جي عبادت ڪئي ويندي هئي. هڪ الهام موجب اولمپيا جي جهوني آڪاڙي ۾ هن جي مورتي ٻيهاري وئي. اتي سج لٿي مهل ايلين جون عورتون هن سورمي جي عبادت جون رسمون ادا ڪنديون هيون. ٽيسلي جا ماڻهو ٻه هڙ سال هن جي نالي قربانيون ڏيندا هئا. اسپارٽا ۾ هڪ رستي تي هن جي هڪ ڏڙ پوڻي پراڪس Prax هڪ مندر جوڙايو هو جنهن ۾ عام ماڻهن کي وڃڻ کان منع ٿيل هئي.



هيراڪليز (هرڪيولس) ديوتا

Heracles

صفتون

يونان جو عظيم ترين هيرو- سورمو، جنگجو پهلوان، عام انسانن ۾ ديوتائن جو مددگار، رومين لاءِ فتح جو ديوتا، God of victory، زوس ديوتا ۽ الڪمينيءَ جو (ناجائز) پٽ، وڏو شرابي، عورت باز، سهڻين عورتن ۽ سهڻن ڇوڪرن جو شوقين، هڪ مهربان جنگي جوڌو، ڪاوڙ جي حالت ۾ بيحد وحشي ٿي ويندڙ، رومي واپارين جو خاص ديوتا ـ پوري پني قد بت وارو، ناهوڪو، ڪائڻ پيئڻ جو شوقين. ڪيس جسماني قوت جي ڪري ڏاڍي شهرت ملي.

هڪ روايت مطابق سندس لاءِ ڇيو وڃي ٿو تہ هو ستارن جي علم، فلسفي ۽ موسيقيءَ جو بہ ڄاڻو هو.

هيراڪليز شينهن جي کل مان ٺاهيل لباس پهريندو هو. تير ڪمان ۽ گرز سندس خاص هٿيار هئا.

روم ۾، هن سورمي جي عبادت ڪئي ويندي هئي. ان مقصد ڪاڻ "فورم بوريا" ۾ هڪ وڏو مندر "آرا ميڪسيما" نالي قائم ڪيو ويو هو. روم جا واپاري پنهنجي آمدنيءَ جو ڏهون حصو (عشر) نذراني طور هن ديوتا جي مندر ۾ پيش ڪندا هئا.

* هڪ پيري، هيراڪليز جي اڳيان ماڻهو هيرا ديويءَ، پنهنجي ڪرامت سان هنکي ڇريو ڪري ڇڏيو. ان ڇريائپ ۾ هن پنهنجا ڇهہ پٽ ماري ڇڏيا.

* هن ديوتا کي فونيشيا جي ديوتا "ميلڪارٽ" سان بہ پيٽيو وڃي ٿو.

* مرڻ کان پوءِ، هيراڪليز کي آسمان تي سڏائي ديوتا god جو درجو ڏنو ويو.

نالا ۽ لقب

هن سورمي کي شروع ۾ الڪائيس Alcaeus ۽ پيليمون Palaemon بہ چوندا هئا. مشهور يوناني مورخ سيسرو Cicero جو چوڻ آهي تہ هيراڪليز (هرڪيولس) جي نالي سان ڇهہ سورما هوندا هئا ۽ روم جي هڪ ٻئي عالم "وارو" Varro جو چوڻ آهي تہ هيراڪليز جي نالي سان ڇوٽيتاليهہ (۴۴) سورما ٿي گذريا آهن. پر عام طور ڇيو وڃي ٿو تہ هن نالي سان ٻي سورما ٿي ڇڪا آهن جن مان هڪ مصر وارو هيراڪليز سام يا ڇام، ٻيو

ڪريٽ جو ڊيڪٽائل Dactyl ۽ ٽيون زوس ۽ الڪمينيءَ جو پٽ، جنهنجو اسين هتي ذڪر ڪري رهيا آهيون.

* هيراڪليز جي اڪري معني آهي "هيرا جي عظمت" (هيرا ديوي - زوس ديوتا جي وڏي زال ۽ پيڻ، جنهن هن سورمي کي ٺهايو هو.)

جنم

ٽروزين جي بادشاهه ايمفي ٽريان جي شادي الڪمينيءَ سان ٿي. شاديءَ واري پهرين رات الڪمينيءَ، پنهنجي مڙس اگيان هي شرط رکيو تہ، تيستائين هوءَ کيس پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏيندي جيستائين هو سندس اٽن پائرن جي قتل جو بدلو نہ وٺندو جيڪي هڪ ويڙهہ مارجي ويا هئا. ايمفي ٽريان سندس زال جي گالهہ رکندي، بدلو وٺڻ لاءِ روانو ٿي ويو. ايمفي ٽريان جي وڃڻ بعد، زوس ديوتا، جيڪو الڪمينيءَ تي عاشق هو، سندس مڙس جي شڪل ۾ وٺس اڇي سهڙيو ۽ چيائينس تہ، تنهنجي پائرن جي قتل جو بدلو وٺي آيو آهيان. الڪميني، زوس ديوتا کي نہ سڃاتو ۽ کيس پنهنجو مڙس سمجهي ميلاپ جي اجازت ڏنائين. زوس ديوتا سڃيءَ رات الڪمينيءَ سان لڳو رهيو. نہ صرف ايترو بلڪ، هن جنسي ميلاپ جو پورو مزو وٺڻ لاءِ، ان رات کي ڏگهو ڪري ٣٦ ڪلاڪن واري رات بڻائي ڇڏيو. ان رات کي ڏگهي ڪرڻ جو مقصد اهو ہ هو تہ زوس ديوتا هڪ عظيم سورمي کي پيدا ڪرڻ گهريو ٿي، جيڪو نہ فقط انسان ذات پر ديوتائن جي ہ مدد ڪري سگهي. جڏهن زوس هليو ويو تہ مٿان الڪمينيءَ جو اصلي مڙس ايمفي ٽريان ہ اچي پهتو ۽ چيائين تہ آڻون تنهنجي پائرن جي قاتلن کي ختم ڪري آيو آهيان. اها صورتحال ڏسي الڪميني منجهي پيئي ۽ ساڻس ٽيل سڃي رات واري ويڙن پنهنجي

مڙس کي ٻڌايائين. ايمي ٽريان اهو واقعو سڀي ڏاڍو ششدر ٿيو. پوءِ استخارا ڪيايائين، جنهن مان ڪيس خبر پئي ته "زوس ديوتا سندس زال جا ڪم لاهي ويو آهي." پوءِ سڄي رات زوس جي ڊپ وچان پنهنجي زال جي ويجهو به نه ويو.

نون مهينن بعد، زوس ديوتا، ديوتائن جي ديس اولمپس ۾ اها خوشخبري ٻڌائي ته ڪيس پٽ جمڻ وارو آهي جنهنجو نالو هيراڪليز رکڻ ٿو. جيڪو پرسيس جي نسليري گهراڻي جو حڪمران ٿيندو. زوس جي زال هيرا ديويءَ کي جڏهن اها خبر پئي ته هوءَ حسد ۽ سازَ وچان آپي ڪان ٻاهر نڪري ويئي ۽ هيراڪليز خلاف سڀون سڀڻ لڳي. هن سڀ کان اول، زوس کان وچن ورتو ته پرسيس جي ڪٽنب ۾ هاڻ جيڪو به هار سڀ کان اول پيدا ٿيو ته ان کي بادشاهي ڏني ويندي. جيئن ته زوس کي پڪ هئي ته پرسيس جي ڪٽنب ۾ سڀ کان پهرين هيراڪليز پيدا ٿيندو ان ڪري هن کي اهو وچن ڏيڻ ۾ ڪوبه اعتراض نه ٿيو. پنهنجي مڙس کان وچن ولڻ بعد، هيرا ديوي تڪڙو مائي سين ملڪ ۾ پهتي. اتي جي راڻي پيٽ سان هئي. مگر هن جي ويم جا ڏينهن تمام پري هئا. هيرا ديوي پنهنجي ڪرامت سان ان راڻيءَ کي ويم جا سور ڪرائي وڌا ۽ الڪمينيءَ کان اڳ هن راڻيءَ کي پٽ ڄاڻو جنهن جو نالو "يوريسيڊيس" رکيو ويو.

هي پاسي الڪمينيءَ جو به ويم ٿيو. هن به جاڙا هار ڇڏيا. هڪ هيراڪليز- زوس ديوتا جو پٽ ۽ ٻيو افي ڪليز- ايمفي ٽريان جو پٽ. جيئن ته الڪمينيءَ کي هيرا ديويءَ جي ناراضگيءَ جي خبر پڻجي چڪي هئي، ان ڪري ٻپ وچان، پنهنجي پٽ هيراڪليز کي، ڪٿي وڃي ٽيبس جي قلعي کان ٻاهر ميدان ۾ اڇلائي آئي. اها حالت ڏسي زوس ديوتا کي پنهنجي پٽ جو خيال ٻيو. هن

پنهنجي ڪنواري ڌيءَ اٽينا تي ڪم رکيو تہ هو هيرا ديويءَ کي آماده ڪري تہ جيئن هوءَ هيراڪليز کي ٻالڻ جو انتظام ڪري. اٽينا هيرا ديويءَ کي وٺي اچي اهو سڳهارو ٻار ڏيکاريو. هيرا ديوي کي هڪ لاوارث معصوم ٻار تي رحم اچي ويو ۽ کيس ڏٻي پنهنجي ٻچ ٻيارڻ لڳي. هيراڪليز اهڙي تہ زور سان هيرا ديوي جون ڇاتيون ڏاڍيون جو سور وڃان هن ديويءَ کان رڙ نڪري ويئي. هيرا سور وڃان، ٻار کي زوري ٻڌي ٻچ ڇڏائي هيٺ ڦٽو ڪيو. مگر هيرا جي ڇاتيءَ سان وهندڙ کير جي هڪ تکي سيڑهہ وهي آسمان ۾ ڦهلجي تارن جي صورت اختيار ڪري ويئي، جنهن کي اڄ بہ کير ڌارا (ڪهڪشان) Milkway سڏجي ٿو.

ٿيبس جو اهو هنڌ، جتي هيرا ديوي هن سورمي کي ٻچ ڏني، ان کي "هيراڪليز جو ميدان" سڏيو ويو. هڪ عظيم ديويءَ جو کير پيئڻ ڪري هيراڪليز لافاني ٻڌجي ويو. آخرڪار هن کي سندس ماءُ الڪمينيءَ ٻالڻ جو انتظام ڪيو، مگر هيرا ديوي ان ٻار کي سڄاڻي وئي ۽ ان کي مارڻ جون سڀون سڀيندي رهي. هڪ ڀيري، جڏهن نندڙو هيراڪليز ۽ سندس ٻاءُ افي ڪليز هڪ پينگهي ۾ گڏ ستا پيا هئا تہ هيرا ديويءَ هنن کي مارڻ لاءِ ۾ نانگ موڪليا. نانگن کي ڏسي افي ڪليز رڙيون ڪرڻ لڳو. انهن رڙين تي سندن ماءُ الڪميني پڇندي آئي. هن ڏٺو تہ نندڙي هيراڪليز، ٻنا ٻپ ٻاءُ جي، ٻنهي نانگن کي پنهنجن هٿن ۾ ڇيهاڙي ماري ڇڏيو هو. ان واقعي بعد، الڪميني پنهنجي پٽ هيراڪليز بابت، ان ملڪ جي ٻيغمبر "ٿيريزليس" کان پڇيو جنهن ٻڌايس تہ هي ٻار وڏو ٿي، هڪ عظيم هستي ٿيندو.

ابتدائي تعليم

هن سورمي کي نندپڻ ۾ ائفي ٿريبن بادشاهہ رٿ (جنگي

گاڏي جنهن کي گهوڙا چڪيندا هئا) هلائڻ سيکاري ۽ ان کي رٿ جي سواريءَ ۾ پڙ ڪيو. ڪاسٽر کيس تلوار بازي سيکاري. هرمز ديوتا جي پٿن مان هڪڙي بدشڪل ۽ پوائتي پٿ، جنهن جو نالو آئولاڪس يا هار پالڪس هو هن کي ٽونشي بازي سيکاري. تيراندازيءَ ۾ سندس استاد پيري ٽس يا اٽمفي ٽريون جو هڪ ڏاڙ ٽيوٽارس هو، جيڪو سڀين نسل جو هو. ڪن مشهور يوناني مورخن ايولوڊورس ۽ ڊيوڊورس سڪلس هيراڪليز جو تيراندازيءَ جو استاد اپالو ديوتا کي ڄاڻايو آهي.

ڇو وڃي ٿو ته تيراندازيءَ ۾ هي سورمو ايڏو ته پڙ هو جو جهڙس ڪو مٽ ٿاني نه هو. مشهور يوناني مورخن جو چوڻ آهي ته هو ستارن جو علم ۽ فلسفو به ڄاڻندو هو پر علمن ۾ سندس استاد ڪير هو اهو چئي نٿو سگهجي. ايليوسس جي اسرارن جي باني يومولپس کيس گهاڻ ۽ سرندو (برط) وڄائڻ سيکاريو. لينس کيس علم و ادب پڙهايو. يومولپس جي غيرحاضريءَ ۾ لينس کيس سرندي وڄائڻ جا سبق ڏيندو هو. هڪ ڀيري لينس هن جي ڪا ڇڪ سڏارڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن ڇيو ته مون کي استاد يومولپس جيئن سيکاريو آهي تيئن ڪندس. ان جي ابتڙ ڪوبه سبق نه ولندس. ان ڪري تان سندس استاد ساڻس تڪو ڏيو. ان تان ڪاوڙجي هن پٺهنجو سرندو لينس جي مٿي تي وهائي ڪڍيو. جنهن سبب هو مري ويو. استاد کي مارڻ جي ڏوهه هيٺ مٿس کيس هليو، مگر زوس ديوتا جي پٽ راڌا منٿائيس حو ڏاهيل بچاءَ واري حق جو قانون Self defence پيش ڪري هو ڀاڻ کي ڇڏائي ويو.

شهر ڇڏي ڀڳڙيءَ ۾ وڃي رهڻ

اٽمفي ٽريون بادشاهه ڏٺو ته منان ئي ڇوڪرو اڃا به ڪو

وڏو ڏڇو نہ ڪري وڃي. ان ڀپ ڪان هن هيراڪليز ڪي ڀهراڙي ۾ پنهنجي ڇوپائي مال جي واڙي ۾ ڏياري موڪليو. جتي هو اڙڻهن سالن جي عمر تائين رهيو.

ان وقت سندس قد انڪل ڇهه فوٽ هو، نيزي بازيءَ ۽ تيراندازيءَ ۾ سندس مٽ نہ هو. ڪاڏي جو شوقين هو. خاص ڪري ڀڳل گوشت ۽ جتون جي انهي جا مٺا ڪيس ڏاڍا وٺندا هئا. هو هڪ ننڍڙي ڏوتل پوتل قميص پائيندو هو. ڪلهي ميدان ۾ سمهندو هو. ڇڇهه سندس دل گهريا پڪي هئا. هن جو ڀرڻ هو تہ ڇڇهه ڪنهن به جيڙي ساهواري تي حملو لڳا ڪن. هي هرو ڀرو ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪندو هو پر جي ڪيس کو اجايو تنگ ڪندو هو تہ ان کي ڏاڍي سيکت ڏيندو هو. هڪ ڀيري ٽرميرس ساڻس مڙو ٽڪراڻ جو مقابلو ڪيو. هن هڪ ٻي ٽڪر ۾ ٽرميرس جو مڙو ڀڃي ڇڏيو. ٽرميرس پهلوان هلندي ڪرندي عام ماڻهن کي مڙو ٽڪرائڻ جون دعوتون ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هن ڪيترن ٻي جا مٺا ڀڃي ڇڏيا هئا.

هيراڪليز سڀي اخلاق وارو سورمو هو. هو ڀهريون انسان هو جيڪو پنهنجي دشمنن کي مقابلي ۾ مارڻ کان پوءِ انهن جا لاش دفن ڪرائڻ لاءِ سندن وارثن جي حوالي ڪندو هو.

ٽيس يئس بادشاهه جون ڏيئون

هي سورمو جڏهن اڙڻهن سالن جو ٿيو تہ مٿس هڪ خطرناڪ شينهن ڪي مارڻ جو ڪم رکيو ويو. ان شينهن سائيٿرون جي آسپاس ائمفي ٽريون بادشاهه ۽ بوئشيا ۾ سندس پاڙيسري ملڪ ٽيسپيا جي بادشاهه ٽيسپيئس جي ڇوپائي مال ۾ ٽاکوڙو وڃي ڇڏيو هو.

هيراڪليز شينهن جي گولا ڪندي ويڄي ٽيسپيا شهر وڃان نڪتو. جنهن جي ويجهو هيليڪون جبل وٽ ان شينهن جو ٻيو ٺاڪ هو. ٽيسپيا جا ماڻهو هيليڪون جبل جي جوڙيءَ تي ميوزز Muses جو ميلو ملهائي رهيا هئا. ٽيسپيا جي بادشاهه ٽيسپيئس هن سوريءَ جي اچڻ جو ٻڌي پنهنجي محل ۾ سندس مهماني ڪئي. ٽيسپيئس بادشاهه جون پنج ڌيئرون هيون. هن هيراڪليز سوريءَ جي سورهيائي جي هاڪ جو ٻڌي اهو فيصلو ڪيو تہ سندس سموريون ڌيئرون کي هن سوريءَ سان همبستري ڪرائي، جيئن انهن مان اڌڙو ئي سورهيه اولاد پيدا ٿئي. اهڙ رٽ رڙي بادشاهه جن کي ڄيو تہ تون منهنجي وڏي ڌيءَ پروڪرس Procirs سان سمهي سگهين ٿو. پهرين رات هن پنهنجي وڏي ڌيءَ کي هن جي سمهڻ واري ڪمري ۾ ڏياري موڪليو جنهن سان هو ستو سهڙيو. ٻيءَ رات پروڪرس جي بدران وري ٻي شهزاديءَ ساڻس همبستري ڪئي. اهڙيءَ طرح هر رات هڪ نئين ڇوڪري سندس بستري جي زينت ٿيندي رهي. هن ۵۰ راتين ۾ سموريون شهزادين سان جنسي ميلاپ ڪيو.

ڪن مورخن هيئن ڇيو آهي تہ هن سوريءَ هڪڙي ئي رات ۾ ۴۹ شهزادين سان جنسي ميلاپ ڪيو جن مان ڪل ۵۱ پٽ ٿيا. وڏي پروڪرس کي ٻہ جاڙا پٽ ٿيا ۽ ان کان ننڍي کي ٻہ جاڙا پٽ ڄاوا. باقي ٻين ۴۷ ڇڻين هڪ هڪ پٽ ڄڻيو.

۵۰ ڏينهن جي هن لاگيتي جُڳاڙ کان پوءِ هيراڪليز بادشاهه ۽ سندس ڌيئر کان موڪلائي انهيءَ خوني شينهن جي پٽ ورتي ۽ وڏي جاکوڙ کان پوءِ هيليڪون جبل ۾ ان کي ماريائين. هن شينهن جي ڪل لاهي ان مان پنهنجي پوشاڪ ٺاهي ۽ شينهن جي سيسيءَ واري ڪل مان ٽوپي ٺاهي پاتائين. ڪن

روايتن ۾ اهو چاڻايو ويو آهي ته هن پنهنجي پوشاڪ ۽ ٽوپي ان شينهن مان نه پر نيميا يا ٽيوي‌سس واري شينهن مان ٺاهي هئي ۽ سيٿيراء واري شينهن کي هن سورسي نه پر الڪائوس ماريو هو.

ارجينس بادشاهه سان جنگ

پوزيڊون ديوتا جي هڪ ميلي جي موقعي تي، ٽيبيز جي هڪ رٿ هلائيندڙ جي پٽ لگڻ سان منيان Miuyan قوم جي بادشاهه ڪلائي مينس مري ويو. ان جي وصيت تي عمل ڪندي سندس وڏي پٽ ارجينس ٽيبيز تي وڏو حملو ڪري ٽيبز وارن کي شڪست ڏني ۽ مٿن ويهن سالن تائين هر سال هڪ سئو چوپايا جانور ڏيڻ جو ڏنڊ رکيو جيڪو هو هر سال منيان قوم کي پري ڏيندا هئا. جڏهين ان سال بادشاهه جا ماڻهو ڏنڊ وصول ڪرڻ لاءِ ٽيبز آيا ته هن سورسي انهن جا نڪ ۽ ڪن وڍي سندن ڇپين ۾ لٽڪائي انهن کي خالي هٿن ارجينس ڏانهن ڏياري موڪليو. ارجينس اهو ڏسي ٽيبيز تي حملو ڪيو. ٽيبيز جي ماڻهن هيراڪليز جي اڳواڻيءَ ۾ مقابلو ڪري ارجينس کي شڪست ڏني.

ان کان پوءِ هن سورسي ماڻهو گڏ ڪري ارجينس جي ملڪ تي حملو ڪيو ۽ سندس قلعي جون پٽيون پٽي شهر تي قبضو ڪيو ۽ بادشاهه جو محل ساڙي ڇڏيو ۽ بادشاهه تي ٻيٽو ڏنڊ رکيو يعني اورچومينس جي ماڻهن کي ۽ سئو چوپايا جانور ٽيبيز وارن کي هر سال ڏيڻا پيا.

ٽيبيز جي بادشاهه کريون هن سورسي جي سورهيائيءَ کان متاثر ٿي کيس پنهنجي ڌيءَ ميگارا جو سڱ ڏنو. هن ميگارا کي ڪافي اولاد ٿيو.

ان کان پوءِ هن سورمي يوبوئنز جي بادشاهه پائرائيڪ تي وڙهائي ڪئي، جنهن ارجينس جي مدد ڪئي هئي. جنگ ۾ پائيرائيڪ مري ويو. هن سندس لاش درياه جي ڪنڊيءَ تي اڇلائي ڇڏيو.

هيراڪليز جو چريو ٿيڻ

هيراڪليز، هيرا ديويءَ جي پهاڻ الڪميڻءَ جو پٽ هو. پهاڻ پٽي جي باهه ۾ هيرا کي هن سورمي جي ڪاميابين تي حسد ٿيو. ان ڪري هيرا هن کي چريو ڪري ڇڏيو. انهيءَ چريائيءَ ۾ هي ايتري قدر بي وس ٿي ويو جو پنهنجن ڇهن پٽن کي تيرن سان ڦٽي ڪين باهه ڏئي ساڙي ڇڏيائين. انهن سان گڏ پنهنجا ٻه معصوم پائيٽيا به ساري ڇڏيائين.

هن دردناڪ واقعي کان .اڳ، جڏهين هو سٺئون سبتو انسان هو تڏهين هن پنهنجي پٽن جي مستقبل کي شاندار بنائڻ لاءِ زبردست رٽائون رٽيون هيون. هن پنهنجي هڪ پٽ کي آرگوس جو بادشاه بنائڻ ٿي گهريو ان کي پنهنجي شينهن جي کل جو وڳو ۽ ڏنو هٿائين. ٻئي پٽ کي هن ٽيبز جو بادشاهه بنائڻ ٿي گهريو. ان کي پنهنجي هٿ جو گرز ڏنو هٿائين. ٽئين پٽ کي اوئيخاليا جو حاڪم بنائڻو هئس. هن پنهنجي سڀني پٽن لاءِ ٻاهوڪيون وڏ گهراٽيون ڪنواريون به چونڊي ڇڏيون هيون جيڪي اسپارٽا ۽ ٽيبز جي بادشاهي گهراڻي مان هيون. هن کي پنهنجن پٽن لاءِ ايڏو تم زبردست پيار هو جو ڪنهن کي يقين ئي نٿي آيو. ايتري قدر جو ڪيترن مورخن ائين لکيو تم اهو ڪم شايد سندس مهمانن کيو هو. پر اها حقيقت هئي. انهيءَ چريائيءَ جي جنون ۾ هن

پنهنجي ڄڻ جـي ماڻ ۽ پنهنجي محبوب زال ميڪارا کـي به ماري ڇڏيو.

ڪن روايتن ۾ اهو ڄاڻايل آهي ته هيراڪليز فقط پنهنجن پٽن کي ماريو هو ۽ ان ڏوهه هيٺ، پنهنجو پاڻ کي سزا ڏيڻ خاطر پنهنجي زال ميڪارا جي شادي پنهنجي پائٽيءَ ايولاس سان ڪرائي ڇڏيائين.

هيراڪليز جو هوش ۾ اچڻ

نيٺ هڪ ڏينهن هيراڪليز تان چرپڻ جـو دورو لٿو ۽ هو سامت ۾ آيو تڏهن خبر پيس تـه پاڻ ڇا ڪري ويٺو هو ۽ ڏک وچان پنهنجو منهن مٿو ٻڌي هڪ اونداهي گهر ۾ پاڻ کي بند ڪري ڇڏيائين.

ائمفي ٽريون بادشاهه ڪيس سمجهايو ته جيڪي ڪجهه ٿيو تنهن ۾ سندس ڪوبه ڏوهه نه هو. ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي وس ۾ نه هو. پر هي پنهنجو پاڻ کي اهو ڏوهه معاف ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ۽ پنهنجو انت آڻڻ جو پڪو پهه ڪيائين. ان وچ ۾ سندس دوست ٿيسيئس اچي نڪتو ۽ سندس رت ٻڏل هٿن کـي پنهنجي هٿن ۾ جهليائين. اهڙيءَ طرح هو به يوناني رسم موجب هيراڪليز جهڙو ئي ڏوهي ٿي چڪو هو، پوءِ ٿيسيئس هن کي سمجهائي، ٺڏو ڪري پاڻ سان گڏ ائينس ولي ويو. ٽورن ڏينهن کان پوءِ هي ائينس کان ڊيلفي مندر ڏانهن ويو. جتي هـن ڊيلفيءَ جي پوڄاري کان فال ڪڍايو ته ڪيئن هـو اهڙن گناهن مان آجـو ٿيندو. ڊيلفيءَ جي پوڄاري فال ڪڍي ڪيس ٻڌايو ته هو پنهنجي سوٽ يوريس ٿيس وٽ وڃي ان جو غلام ٿي سندس حڪمن جي پوئواري ڪري. پوريس ٿيس ماڻي سين جو بادشاهه هو ۽ ٽريانس جو شهر سندس گاديءَ جو هنڌ هو.

واضح رهي تہ هي اهو ئي يوريس ٹيس هو، جنهن جي پيدائش هيرا ديويءَ ، هيراڪليز جي مقابلي ۾ وقت ڪان اڳ ڪرائي هئي تہ جيئن، زوس ديوتا جي واعدي مطابق پرسيئس جي گهراڻي ۾ پهرين پيدا ٿيندڙ هار ڪي بادشاهت ملي سگهي. ان ريت هيراڪليز جي بجاءِ يوريسٹيس بادشاهہ ٻٹيو. هاڻ ، هن کي پنهنجا گناهہ بخشائڻ لاءِ ، ان ئي بادشاهہ وٽ وڃڻو پيو.

هيراڪليز جو غلام بنجڻ

ديلفي مندر مان ملهل هدايتن مطابق، هيراڪليز پنهنجا گناه بخشائڻ کان، يوريس ٹيس بادشاهہ وٽ پهتو ۽ هن جو غلام ٿي رهڻ قبول ڪيائين. يوريس ٹيس وڏو حرفتي هو. هن کي هيراڪليز تي اڳيئي خار هٿا. ان ڪري، هن هڪ ٻئي پٺيان تمام ڏکيا نہ ٹيڻ جهڙا ڪمہ هيراڪليز کي سونپيا، جن کي سرانجام ڏيڻ ۽ صحيح سلامت موڻي اچـڻ محال هـو. جيو وڃي ٿو تہ هيراڪليز کي اهڙا ڏکيا ڪمہ ڏيـارڻ ۾ هيرا ديويءَ جـو به هٿ هو، جنهن پنهنجي پهاڻ جي پٽ کي زنده ڏسڻ نٿي چاهيو.

پهريون ڪم

نيميا جـو شينهن

THE NEMEAN LION

پهريون شرط يا پهريون ڪم جيڪو بادشاهہ يوريس ٹيس هن سورمي کي سونپيو ، سو هو نيميا يا ڪليوناءِ ۾ هڪ خطرناڪ

شينهن کي ماري ان جي کل لاهي اڇڻ. نيميا واري شينهن جي اصليت جي باري ۾ جدا جدا چوڻيون آهن. هڪڙن انهيءَ شينهن کي ٽائيفون (نانگ جي منهن وارو جانور) جو اولاد ٻڌايو آهي نه ڪن وري ان شينهن کي، خيميرا جانور مان اوٽرس نالي هڪ ڪتي جو اولاد ٻڌايو آهي.

ان مادي خيميرا جو اڳيون اڌ ڏڙ شينهن جو ۽ باقي ڏڙ ٻڪريءَ جو هوندو هو. سندس پڇ نانگ مثل هو. ڪن مورخن ان شينهن کي چنڊ جي ديوي، سيليني‌ءَ مان پيدا ٿيل ڄاڻايو آهي ۽ ان لاءِ ڇيو ويو آهي ته سيليني‌ءَ کيس ڇٽي نيميا جي ويجهو ٽريٽوس جبل وٽ هڪ ٻ. منهي غار وٽ ڇڏي وئي هئي. اها ٻ روايت آهي ته هيرا ديويءَ جي مرضيءَ موجب سيليني‌ءَ انهيءَ شينهن کي هڪ وڏي ٻيڙيءَ ۾ گڏ ٿيل گڇيءَ مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ آئرس ديوي ان کي پنهنجي چيلهه - ٻڌي ۾ ويڙهي نميا جي جبلن تي ڪٽي وئي هئي.

انهيءَ خطرناڪ شينهن ڏاڍا ماڻهو ماريا هئا. سندس ڪل اهڙي ته ڏاڍي هئي جو مٽس لوهه، ڪنهي يا پٿر جو ٻ ڪو اثر نٿي ٿيو. هيراڪليز انهيءَ شينهن جي ڳولا ۾ ڪارنٿ ۽ آرگوس جي وچ تي ڪليوناءِ وٽ ويجهي پهتو. جتي هو هڪ پورهيت يا ڏراڙ مولورڪس مان وڃي مليو، جنهن جي ٻيءَ کي انهيءَ شينهن ماريو هو. هن ڏراڙ کي چيو ته ٽيهن ڏينهن تائين منهنجو اوسيڙو ڪج، پوءِ جي شينهن ماري آيس ته زوس ديوتا جي نالي قرباني ڪج. هي سورمو اپي ساس جبل وٽان ٽپندو، اڇي ٽريٽوس جبل وٽ پهتو. اتي انهيءَ شينهن کي ڏسي مٽس تيرن جو وسڪارو ڪيائين. پر شينهن جي ڪل تي رهڙ ٻ نه آئي. هن جي تلوار ٻ شينهن جي ٿلهي ۽ مضبوط کل تي لڳن سان نرم جست وانگر مڙي ٽي‌وئي. پوءِ هن گرز هنيس، پر گرز جو تڪ

بہ ہي اثر ٿي ويو. نيٺ هن سورمي ان غار جي هڪڙي منهن کي جارو هڻي بند ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي منهن مان گهڙي شينهن سان هٿين پيو. پهرين هن شينهن جي چنبي جي هڪ آڱر چٻي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ شينهن جوگلو پنهنجي سڳهارن هٿن سان ڦاڙي ان کي ماري ڇڏيائين. نيٺ ٽيهين ڏينهن تائين پنڌ ڪري هو شينهن جو لاش ڪٽي ڪليوناءِ وڃي پهتو ۽ زوس ديوتا جي حضور ۾قرباني پيش ڪيائين. هن ديوتا انهيءَ شينهن جي کل مان پنهنجي لاءِ لباس تيار ڪيو، جيڪو زره طور ڪم ايندو هوس، ان کان علاوه شينهن جي مٿي مان پنهنجو ٽوپ بنايائين.

ٻيو ڪم

لرنا واري هئدرا بلا

LERNAEN HYDRA

ٽيسيا واري شينهن کي مارڻ کان پوءِ، هيراڪليز کي يوريس ٽيس لرنا ۾ هائڈرا نالي هڪ خوفناڪ بلا کي مارڻ جو ڪم سونپيو.

هائڈرا بلا ٽائيفون نالي هڪ ديو ۽ هڪ نانگڻ عورت ايڪي دني جي جنسي ميلاپ مان پيدا ٿيل هئي. ڇيو وڃي ٿو ته خاص هرڪيولس کي تنگ ڪرڻ لاءِ هن بلا کي هيرا ديويءَ پاليو هو. لرنا آرگوس شهر کان پنج ميل پري ساموندي ڪناري تي آهي. لرنا جي اولهه ۾ پونڊي نوس جبل آهن. لرنا ۾ پاڪ هٽڙين جا وڻ سمنڊ تائين ڦهليل هئا. انهيءَ پاڪ هٽڙي جي هڪڙي سري تي پونڊي نس ندي آهي، جتي ٽينا ديويءَ جو مندر

آهي تہ ٻئي سري تي رمائي موني ندي آهي، جتي ٻميڙ ديوي‌ءَ ڊيونائسيس ۽ پروزائمني جون مورتيون رکيل هيون. انهن جي ويجهو ڊيونائسيس جي اعزاز ۾ رات جو ساليانيون تقريبون ٿيندڙ هيون ۽ انهي‌ءَ جي ويجهو ٻميڙ ديوي‌ءَ جو لرنا وارو "پراسرار ميلو" ۾ لڳندو هو. جنهن ۾ عبادت جون گجهيون رسمون ادا ڪيون ويندڙ هيون. انهي‌ءَ وسندڙ پٽ تي هائڊرا بلا ڏاڍي دهشت ڦهلائي هئي. انهي‌ءَ بلا جو ٽاڪ اسائي موني ندي‌ءَ جي منهن ۾ هڪ وڏي وڻ جي هيٺان هو جتي انهي‌ءَ نديءَ ۾ ست پرتي ڪندڙ وهڪرا اچي پاڻ ۾ ملن ٿا. اتان اڀي اها بلا لرنا جي ڏاڙين وارن علاقن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ٻئي هلندي هئي. هن بلا جو بدن ڪتي جهڙو ۽ ان جون اٺ يا نو سسيون نانگ جهڙيون هيون. انهن مان هڪڙي سسي لافاني هئي. ڪن روايتن ۾ انهي بلا جون پنجاهه کان وڌي ڏهن هزارن تائين سسيون چاڻايون ويون آهن. اها اهڙي تہ زهريلي آفت هئي، جو سندس ڏوڪ لڳڻ سان ٻہ ماڻهو مري ويندو هو. هرڪيولس ايولاس سان گڏ رٿ ۾ چڙهي اوڏانهن ويو هو. اڳينا ديوي‌ءَ هن کي هدايت ڪئي تہ هو هائڊرا بلا تي هلندي تير هلائي، ۽ انهي‌ءَ بلا کي سوگهو ڪرڻ شرط پنهنجو ساهہ جهلي ڇڏي. نيٺ هن سورمي جو هائڊرا بلا سان زبردست مقابلو ٿيو، تان جو هائڊرا سندس ٽنگن ۾ چهڻي پئي ۽ هن ان کي ڪيرائڻ لاءِ وڏو زور لڳايو. هن بلا جي مٿي کي پڇڻ لاءِ گرز هنيا پر هڪ سسي چپچي تہ مٿان وري ٻہ ٽي سسيون ٿهيو ٿي ويون. ايتري ۾ انهي‌ءَ ڏاڍ مان هڪ ڪيڪڙو نڪري آيو ۽ هيراڪليز جي پيرن ۾ چڪ هڻڻ لڳو پر هن ان ڪيڪڙي کي لتاڙي چيلاڻي ڇڏيو. ايولاس وٽن جي هڪ پاسي باهہ ڏئي ڇڏي، پوءِ هائڊرا جي رت ۾ڏل بدن جي وڌيل پاڳن کي باهہ جو سيڪ ڏنو جنهن سان بلا مان نڪرندڙ رت بيهي ويو. ان ڪري بلا جون ٻيون سسيون ٿهن بند ٿي

ويون. پوءِ هن سورهي پنهنجي سوني ڪٽاريءَ سان بلا جي سسي ڪي وڍي هڪ وڏي ٽڪريءَ جي هيٺان لٽي ڇڏيو. ان ڪانپوءِ هن هائڊرا جي زهريلي رت سان پنهنجا تير ٻوڙي انهن کي زهريلو بنايو. هيراڪليز خوفناڪ بلا کي مارڻ کانپوءِ جڏهن يوريس ٽيس بادشاهه وٽ پهتو تہ هن داد نہ ڏنو ۽ چيو تہ وڏو ڪم باهم جي ڪري ٿيو، جيڪا هيراڪليز نہ پر ايولاس لڳائي هئي. هيراڪليز غلام هئڻ سبب ڪجهہ بہ ڪچي نہ سگهيو.

ٽيون ڪم

سيريانيا جي هرڻي

CERYNEIAN HIND

ٽيون ڪم جيڪو هيراڪليز تي مڙهيو ويو سو هو سرائنيا مان سونن سڱن واري هرڻيءَ کي جيئرو جهلي اچڻ. اها هڪ پٽ پڻائين هرڻي هئي. سندس ڪُر ڪنجهي جـا هئا ۽ اڏاوت هارنهن سڱي سامهر جهڙي هئي. هـوءَ ٻوڙ جـي تکي هئي، ۽ آسپاس جـي پوکن کي پيلينديءَ هئي. ان هرڻيءَ لاءِ چيو ويـو تہ آرٽيمس ديويءَ نئين پٽ ۽ ٽيسيلي ۾ انورس نديءَ جي ڪنڌيءَ تي سان ڊگهن ڪان بہ وڏي قد بت وارا پنج مادي هرڻ روجهون (وڏيون هرڻيون) ڏٺيون. آرٽيمس ديويءَ انهن جو پيڇو ڪري انهن مان ٽئن روجهڙين کي جهلي ورتو ۽ انهن کي پنهنجي رٿ ۾ جوڙي ڇڏيو ۽ پنجين روجهہ (هرڻي) ڪلائي ڊون ندي ٽپي دريا پار ڪري سيريانيا جي جبل تي چڙهي وئي هئي ۽ هيرا ديويءَ جي بہ اها مرضي هئي تہ جيترو ڏکئي هنڌ تي هوندي اوترو ئي هيراڪليز لاءِ ان کي هٿ ڪرڻ ڏکيو ٿيندو.

ٻين روايتن ۾ هيئن چيل آهي ته انهن کيڏن ۾ ٻنين لاءِ هاڃيڪار هرٽيءَ جو ڪوبہ مالڪ نہ هو.

ان هرٽيءَ کي جهلڻ ڏاڍو ڏکيو هو، چاڪاڻ ته اهو شرط لڳل هو ته ان کي مارڻو يا ڦٽڻو ڪونهي پر جيئرو جهلي اڇڻو آهي. هيراڪليز سڄو سال ان جي پٽيان رليو ۾ ٻوڙيو پر هرٽي اصل جهل ئي نہ ڏئيس. تان جو ان هرٽيءَ جي پٽيان ٻوڙي ٻوڙي هي وڃي استريا ۾ هائپربوريئن ملڪن مان نڪتو. نيٺ هرٽيءَ ٻہ ڀڄي ڀڄي ٽڪي وڃي آرٽي ميريم جبل ۾ پناہ ورتي ۽ اتان ٻوءِ لاڏون ندييءَ تي وهي ساهہ ڇڏيائين. هيراڪليز اتي اهڙي ته اٽڪل سان ان جي اڳين پيرن تي تير هنيا جو رت جي ڦڙي ٻہ نہ نڪتي ۽ هرٽي جهلجي ٻيٺي. هي هرٽيءَ کي کلهي تي کڻي آرڪاڊيا جي رستي تان مائي سين ڏانهن روانو ٿيو.

انهيءَ هرٽيءَ جي جهلجهڻ جي باري ۾ هيئن ٻہ ڇيو ويو آهي ته جڏهين اها هرٽي ٽڪي ٽڻي اڇي هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ ستي ته هيراڪليز ان جي ڇوڙاري چار ويڃائي، ان ۾ هرٽيءَ کي ڦاسائي جهلي ورتو. واٽ تي شڪار ڪندي آرٽيمس ديويءَ هن کي هرٽيءَ سان ڏسي ورتو ۽ مٿس ڏاڍو ڪاوڙي، پر هيراڪليز سڄو الزام يوريس ٿيس تي لڳايو ۽ پنهنجي بيوسي ظاهر ڪري پاڻ ڇڏايو. اهڙيءَ طرح هن اها هرٽي بادشاهہ کي زنده سلامت پڃائي پنهنجو ٽيون ڪم پورو ڪيو.

هڪ ٻي روايت ۾ ڇيو ويو آهي ته الڪيونيءَ جي ٻڙ ٽيگيٽي (اٽلس ديوتا جي ستن ڌيئن منجهان) انهيءَ هرٽيءَ کي آرٽيمس ديويءَ جي نذراني طور پيش ڪيو هو، جو ته جڏهين زوس ديوتا، ٽيگيٽيءَ سان جنسي ميلاپ قائم ڪرڻ ٿي چاهيو تڏهن آرٽيمس ديوي، ٽيگيٽيءَ جي شڪل مٽائي کيس هرٽي بنائي زوس

ديوتا مان جند ڇڏائي هئي. پر ان هوندي به زوس کان ٽيگيٽي جي جند نه ڇٽي ۽ زوس ديوتا ساڻس ميلاپ ڪيو هو جنهن مان ليسي ڊيمون پيدا ٿيو. پوءِ پنهنجي لڄ لٽجڻ جي ڏک وچان هن پاڻ کي ڦاهي ڏئي ماري ڇڏيو. ٽيگي ٽس جبل تي ٽيگيٽي تان نالو پيو.

چوٿون ڪم

ايري منٿس جو سوئر

Erymanthian Boar

يوريسٽيس بادشاهه سوني هرڪي هٿ ڪرڻ کانپوءِ هن هيراڪليز کي حڪم ڏنو ته "ايري منٿس جبلن واري خوفناڪ جهانگو سوئر کي جيئرو جهلي اچ!"

انهيءَ خطرناڪ خوني سوئر، ايري منٿس جبل جي لاهين وارن جهنگن ۾، آرڪاڊيا جي ليمپيا جبل جي ڪنڌائتن پٽن تي ۽ پسوفس شهر جي آسپاس ڏهڪاءُ وجهي ڇڏيو هو.

هيراڪليز همت جو سندرو پڌي ايري منٿس جبل ڏانهن روانو ٿيو. فولوئي وٽان لنگهندي واٽ تي هن هڪ رهزن ڏاڙيل سورس کي ماريو. هڪ هٿ فولس نالي هڪ قنطور (اڌ گهوڙو اڌ انسان) سندس مهماني ڪئي. فولس هڪ جل پري سلي نس جو پٽ هو. هن پڪل گوشت هيراڪليز کي ڏنو ۽ ڪچو گوشت پاڻ کاڌائين. اتي غار ۾ هڪ وڏو مٽ رکيل هو جنهن لاءِ هن، فولس کي ٻڌايو ته انهيءَ مٽ ۾ اهو شراب پيل آهي جيڪو ديونائسس ديوتا پنهنجي لاءِ رکيو هو. انهيءَ مٽ تان جڏهين

ڊڪ لاڏو ويو تڏهين شراب جي بوءَ ۾ين قنطورن ۾ سنگهي ورتي ۽ پوءِ سڀ اڇي مڙيا. ڪن وڏا وڏا پٿر کنيا، تہ ڪن پاڻ سوڌو وڏا وڻ پٽي هٿن ۾ جهليا تہ ڪن قنطورن وري وڏا ڪهاڙا سنڀاهي ان غار تي اوچتو ڪٽي جُلهہ ڪئي. پوءِ تہ ٻيگهي مچي وئي. فولس قنطور تہ ڊپ ۾ ڇڙهي ويو، پر هي سورمو مڙس ماڻهو ٿي سندن سامهون ٿيو. پهرين ايندڙ ۾ن قنطورن اينسيئس ۽ آگرائيوس کي ڏاڍي جا ۾رندڙ اماڙ هڻي پوئتي هٽايائين. ايتري ۾ قنطورن جي ڪرن واري ڏاڏيءَ نيفيلي جو ٻہ رت وري پيو، تنهن ڪرن کي ڪٽي ڇڏيو تہ مينهن جا گهوگهٽ ٿي ويا. هيراڪليز جي ڪمان جي تار پُسي ڊلي ٽي پئي ۽ ميدان ۾ گپ چڪ ڪان هلڻ ڏکيو ٿي پيو. پر هن همت نہ هاري ۽ قنطورن مان ڪيترائي ماري وڌائين، جن سان گڏ اوريس ۽ هائيليس جهڙا نامور قنطور بہ ختم ٿي ويا. اهو ڏسي ٻيا قنطور بہ ڪن ڪڙا کري اڇي پڳا ۽ سڏو وڃي پنهنجي بادشاه خيرون وٽ مالي ۾ ٽڪا ڪيائون.

قنطورن جو بادشاه خيرون هڪ نيڪ دل قنطور، ڄاڻو عالم ۽ دانا حڪيم هو. هيراڪليز کان سواءِ ڪيترن ۾ين سورمن جو ٻہ استاد هو. ڇا ٿيو جو ان جنگ ۾ هن سورمي جو هڪ تير ايلائس جي ٻانهن وڃان ٽيندو وڃي خيرون کي لڳو. پنهنجي انهيءَ پراڻي دوست جو هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. خيرون گهٽي ئي ڦڪيون ٻڪيون ڪيون پر ڪجهہ نہ ٿيو. خيرون ڦٽ جي سورن ۾ نجهلندو وڃي غار ۾ پيو. ڪيس مرڻ جو حڪم نہ هو ڇاڪاڻ تہ هو لافاني هو. پوءِ قنطورن ۾ اڇي ڀاڄ پيئي. هو چٽي ڪندن ڏانهن ڇڻ لڳا، انهن مان ڪن قنطورن کي پوزيڊون ديوتا اليوسس ۾ لڪائي ڇڏيو.

ان کان پوءِ جن ماڻهن کي هن سورمي ماريو هو تن ۾

آرڪاڊيا جو هومابس ۾ هو، جنهن يوريس ٽيس بادشاهه جي پيڻ الڪيونيءَ جي لڄ لٽڻ ٿي گهري. اهڙيءَ طرح، پنهنجي دشمن جي عزت وڃندڙ کان انهيءَ ذات جو انتقام وٺڻ سان هن سورسي وڏو نالو ڪيو. اتي فولس جيئن هيراڪليز جو هڪ تير ٽسي ڏٺو ته ڪمان ڇڏي وئي ۽ تير مٿي ۽ لڳڻ سان فولس به مري و يو. هن سورسي فولس کي وڏي مان شان سان دفن ڪرايو.

چيو ويي ٿو ته ائني گرس نديءَ جو پاڻي بدبودار انڪري ٿيو جو هڪ ڪنطور پاڻي لئيار هيراڪليز جي تيرن سبب پنهنجو ڏڪيل بدن، اتي ڏوتو هو.

اتان ٿي هن خوني سوئر جي پٺ ورتي ۽ ايري منٽس جبل جي ڪنڊي وٽي گهاڻي جهنگ ۾ لڪل سوئر کي هڪلين ڪري باهر ڪڍيو ۽ پوءِ ان کي برفاني علائقن تائين ڊوڙائي ٽڪائي وڌو. نيٺ وڏي جاکوڙ کان پوءِ سوئر کي جهلي زنجيرن ۾ لوهه ڪيائين ۽ ان کي جيئرو جيئرو پنهنجي ڪلهن تي کڻي ماٿي سين روانو ٿيو.

جڏهين ڪيس اها خبر پئي ته آرگونات هڪ اهم ساموندي سفر تي وڃڻ لاءِ گڏ ٿيا ٿين ته هن جو بي روح نه رهيو ۽ يوريس ٽيس جي ٻئي ڪنهن حڪم جي انتظار کانسواءِ سوئر کي زنجيرن سان کڻي شهر جي باهران پٺ تي سٽيائين ۽ هاڻي لاس کي ساڻ وٺي آرگونائس جي مهم ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

اها خبر ناهي ته ان سوئر کي ڪنهن ماريو يا بادشاه وٽ پڄايو پر اها خبر آهي ته ان سوئر جا ڏڳها ڏند اپسالو ديوتا جي ڪومي Comae مٿدر ۾ رکيل آهن.

پنجون ڪم

اوجيس جا واڙا

The Stables of Augeias

هيراڪليز تي پنجون ڪم اهو رکيو ويو ته هو ايلس جي بادشاهه اوجيس جي واڙن مان جانورن جي ڇيٽي ۽ مٽ واري گند کي هڪڙي ڏينهن ۾ صفا ڪري.

اوجيس دنيا جو وڏي ۾ وڏو مالدار پيا گهيو هو. سندس چوپايو مال گهاٽيتي کان ٻاهر هو. مال ۾ گهٽو رڳو ماديون هيون ۽ نر ٽورا هئا، گهاٽيتي ۾ نر به پنج سئو کان مٿي هئا. جن مان ٽي سئو اڇن پيرن وارا ڪارا ٻاڏا هئا ۽ انهن کان سواءِ به سئو سان ڏيڳا فقط ڏيڳين کي ڦرڻ لاءِ هوندا هئا. سموري چوپائي مال جي بچاءُ ۽ سنڀال لاءِ ٻارنهن اڇي رنگ جا ڏاڍا سهڻا ۽ ٽاهوڪا جڙ ڏيڳا هوندا هئا، جيڪي ٻاهرين خوفناڪ جهنگلي جانورن جي حملن کان مال بچائڻ لاءِ ٻيهاريا ويا هئا.

اوجيس بادشاهه جي گهڻن مينهن ۽ رڍن جي واڙن مان ڇيٽي ۽ ڦولڙين جي صفائي سالن کان ونئي نه ٿي هئي. انهيءَ گندگيءَ جي باوجود هڪ دعا جي اثر سبب اوجيس جي مال کي ڪجهه به نه ٿيو هو ۽ سندس سموري چوپايو مال سيني مرضن کان آجو هيو. پر آسپاس جي سموري واڙن ۾ جيڪو به چوپايو مال هو، انهن ۾ وبائي بيمارين ڦهلجي ويون هيون. اوجيس جي وٽائن ۾ تمام گهٽو گند جمع ٿي چڪو هو. اهو سموري گند هيراڪليز کي هڪ ڏينهن ۾ صاف ڪرڻو هو.

هيراڪليز بادشاهه کي چيو ته هو هڪڙي ڏينهن ۾ سندس

سمورا واڙا صاف ڪري ڇڏيندو. اهو ٻڌي بادشاهہ ڪاسي پيو ۽ پنهنجي پٽ فائي ليس کي چيائين تہ هو هيراڪليز کي قسم کڻائي. هن سورمي سڄي حياتيءَ ۾ اهو پهريون پيرو پنهنجي پيءُ (زوس ديوتا) جو قسم کنيو. پوءِ اوجيس ٻہ قسم کڻي چيو تہ هيراڪليز هڪ ڏينهن ۾ منهنجا سمورا واڙا صاف ڪندو تہ ڪيس پنهنجي سموري چوپائي مال جو ڏهون حصو ڏيندس. جڏهن هن بادشاهہ جي واڙن ڏانهن قدم وڌايو تہ اڇي رنگ جي هارنهن ڏاڻن جي اڳواڻ ڏڪي هن تي جٽلهہ ڪئي. هن سورمي ان ڏڪي کي سڳن کان جهلي ڪٽي هيٺ ڪيرايو.

ان کان پوءِ هن سورمي، ايلين قوم جي ميني ڏيوس نالي هڪ ماڻهوءَ جي صلاح سان ۽ ايولاس جي مدد سان بادشاهہ جي واڙي جي ٻنهي طرفن کان پٽين منجهان ٻہ وڏا ٽنگ ڪري چڏيا. پوءِ الفيس ۽ مينيس يا پينيس نديون جي وهڪرن جو رخ بدلائي پاڻيءَ کي بادشاه جي واڙي ڏانهن منهن ڏنائين. اهڙيءَ طرح دريائي پاڻيءَ ايڏي تہ ڏم لاتي جو ڏسندي ڏسندي واڙن جو سموروگند پاڻي ڏوئي ڪٽي ويو ۽ اها زبردست وڏي واڙن (جنهن ۾ ڪيترائي واڙا هئا) صاف ٿي ويا. اهڙي طرح هن پنهنجو پنجون سونهيل ڪم پورو ڪيو.

اوجيس جي واڙن جي صفائي ڏسڻ ۽ ڪم جي پورائي جي خاطري ڪرڻ لاءِ يوريسٽيس بادشاهہ جا قاصد ۽ ڪوپريس (چيٽو) ٻہ آيو. جڏهن اوجيس کي خبر پيئي تہ سندس واڙن جي صفائي تہ هونئن ٻہ هر حال ۾ هيراڪليز کي ڪرڻي هئي سو پنهنجي قول تان ڦري ويو ۽ پنهنجي مال جي ڏهين پتي (عشر) هيراڪليز کي ڏيڻ کان ٽڙڪ جواب ڏنائين.

هيراڪليز آسپاس جي ڳڻن مڙسن کي دانهن ڏني. جن وٽ بادشاهہ جي پٽ فائي ليس ٻہ هيراڪليز جي حق ۾ شاهدي ڏني.

اهو ڏسي اوجيس بادشاهه ڪاوڙجي هن سان گڏ پنهنجي پٽ فائي ليس کي به راج نيڪالي ڏئي ڇڏي، مٿان آلٽو هن سورمي کي چيائين ته تو مون سان دوکو ڪيو آهي ۽ پاڻ ڪجهه به نه ڪيو اٽيئي. دريائن جو پاڻي ته دريائي ديوتائن ڏنو هو. ڪم انهن ڪيو اجورو تون ٿو وڃين.

هوڏانهن وري يو ريسٽيس بادشاهه هن جو اهو ڪم نه ڏيڻو ۽ ڪيس چيائين ته هن اهو ڪم اوجيس بادشاهه جي اجوري جي عيوض ڪيو هو.

هي سورمو اتان فائي ليس سان گڏجي ڊيڪامينز بادشاهه وٽ اولينس جي شهر ويو ۽ ان بادشاهه جي ڏيءَ منيسي ماچي Mnesi Mache کي يوريشن قنطور وٽان ڇڏايائين.

ڇهون ڪم

اسٽائم فالس جا پکي

(خوني ڪونجون)

The Stym phalion Birds

هيراڪليز کي بادشاهه يوريس ٽيس وري اهو حڪم ڏنو ته وڃي اسٽائم فالس جي ڏاڍين ماڻ خوني پکين کي ڪڍي.

اهي ڪونجن جهڙا خوني پکي بگهڙن کان ڊڄي اچي اسٽائم فالس جي ڏاڍين ۾ لڪا هئا ۽ اتي وڏي ويهي انهن پنهنجو هميشه

لاءِ ٽاڪ ڪاهي ڇڏيو هو. انهن آدمخور ۽ خوني پکين جون ڇنبون، پر ۽ پير پتل جا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اهي خوني ڪونجون پاڻ ۾ جهجهيون ٿي اڏامنديون هيون ۽ ماڻهن ۽ جانورن تي پنهنجي پتل جي پرن جو وسڪارو ڪري انهن کي ماري ڇڏيندیون هيون. اهو ته ڏهيو پر سندن وات مان به اهڙو ته زهريلو اوگهار نڪرندو هو جو لڳڻ سان فصلن کي باهم وڻي ويندي هئي.

جڏهين هيراڪليز اسٽائم فالس جي ڏهڻين وٽ پهتو ته انهن پکين کي ڏسي هو سمجهي ويو ته پکي گهٽا آهن ۽ سندس تير ڪٽي ويندا. انهن پائيائين ڏهڻين ۾ هر طرف جهنگ ئي جهنگ هو. ايتري به جاءِ نه هئي، جو هلي ڦري سگهجي ۽ نه ايترو مٽاهون پاڻي هو جو پيڙي تري سگهي. انهيءَ گڻ گوت ۾ اڻينا ديويءَ کي مٿس ترس اچي ويو ۽ ڪيس ڪنجهي جون ڇپيٽون (ڪڙتالون) ڏنائين، جيڪي شايد هيفائسٽس ديوتا جون ٺاهيل هيون. اهي ڇپيٽون ڪٽي هو ڏهڻين مٿان ٻيٽل سائيليني جبل جي چوٽيءَ تي چڙهي ويو ۽ ڪنجهي جون اهي ڇپيٽون ٻنهي هٿن ۾ جهلي زور سان وڄائڻ شروع ڪيائين ۽ پنهنجي وات سان به اهڙو ته هُل ٻکيڙو ۽ هڪلون ڪيائين جو انهيءَ گوڙ گهمسان ۾ خوني پکي به ڇڄڻ لڳا. وري هيراڪليز مٿن تيرن جو وسڪارو لائي ڏنو. تان جو اهي خوني پکي اسٽائم فالس جون ڏهڻيون ڇڏي وڏين قطارن ۾ ايريز ٻيٽ ڏانهن هليا ويا.

خوني پکين بابت وڌيڪ معلومات

اسٽائم فالس وارا اهي خوني پکي ڪونجن جيڏا هئا ۽ آئبس Ibis پکين جهڙا هئا پر سندن ڇنبون مڙيل نه هيون ۽ ڪنهن به ڏاڙهءَ جي ڇاتيءَ جي ٻڪي ۾ ڏنجي ويندیون هيون. اهي پکي عرب جي رڻ پٽ ۾ به هوندا هئا ۽ اتي مسافرن لاءِ شينهن ۽

چيتن کان ۾ وڏيڪ وڏي مصيبت جو کارڻ ٿي ويا. عربستان جا شڪاري انهن پکين کان پاڻ بچائڻ لاءِ وڏن وڏن سان وڻيل زرهون پائيندا هئا. جن ۾ انهن پکين جون چنهنبون ڦسيو ويندیون هيون ۽ پوءِ اهي شڪاري انهن کي جهلي ماريندا هئا.

مشهور يوناني مورخ پاسانياس جو چوڻ آهي ته عرب جي انهن ساڳين پکين جي ڪنهن ولر، اهو ملڪ ڇڏي وڃي، اسٽائم فالس وسايو هوندو. ڪن روايتن ۾ اهو به چيو ويو آهي ته اصل ۾ اهي پکي اسٽائم فالس ۽ اورنس جون ڏيئون هئا جن هيراڪليز جي مهماني نه ڪئي ۽ هيراڪليز هنن کي ماري ڇڏيو هو.

اسٽائم فالس وٽ آرٽيمس ديويءَ جو هڪ جهونو مندر هو. ان جي پٽين تي انهن پکين جون مورتون ٽنگيل هيون ۽ ان عمارت جي پويان اهڙين ڪنوارين ڇوڪرين جا بت رکيل هئا جن جون ٽنگون پکين جهڙيون هيون.

ستون ڪم

ڪريٽ وارو سان

The Cretan Bull

بادشاهه يوريس ٽيس جو مڙهيل ستون ڪم جيڪو هيراڪليز کي پورو ڪرڻو هو سو هو، ڪريٽ واري سان "ديگي" کي جهلي اچڻ. جنهن ڪريٽ ٻيٽ ۾ وڏي تباهي آڻي ڇڏي هئي. انڪان

علاوه ٽيٽرس نديءَ جي ويجهڙائي وارن ميدانن ۾ آسپاس جي فصلن ۽ باغن کي به ان ڏاڪي پيلي ڇٽ ڪري ڇڏيو هو.

ڪريٽ جي بادشاهه منوس کي اهو ڏاڪو پوزيڊون ديوتا قرباني ۽ لاءِ ڏنو هو. اهو هڪ تمام سهڻو سامونڊي ڏاڪو هو، جيڪو منوس بادشاهه پوزيڊون ديوتا کان مڱو ڪري قربان نه ڪيو ۽ پاڻ وٽ ٻيهاري ڇڏيو. انهيءَ ڏاڪي کي ڏسي بادشاهه جي راڻي پاسيفاءِ هرکي پيئي ۽ ان ڏاڪي سان جنسي ميلاپ ڪرڻ جي شديد خواهش هيٺ ڪاڪ جي نقلي ڳئون ٺهرائي، ان جي ڏانچي ۾ ويهي ڏاڪي سان جنسي ميلاپ ڪيائين. ان مان راڻيءَ کي منائور نالي هڪ پٽ ڄائو جنهن جي سِسي ڏاڪي جي ۽ باقي ڏڙ ماڻهوءَ جو هو. بهرحال اهو ڏاڪو اتان تڙجي جهنگ مُنهن ڪري ڀڄي نڪتو ۽ هيڏانهن هوڏانهن پوکن ۾ راڳا ڪري ملڪ ۾ چوطرف رڙ وجهي ڇڏيائين.

ان کان سواءِ ان ڏاڪي جي اصليت جي باري ۾ ڪي ٻيون به هڪ ٻئي جي ابتڙ روايتون آهن. بهرحال هيراڪليز سامونڊي جهاز ۾ چڙهي وڃي ڪريٽ ٻيٽ ۾ پهتو ۽ بادشاهه منوس کيس هر طرح جي مدد ڪرڻ جي آڇ ڪئي، پر هن سورمي سڀ ڪجهه پاڻ تي پاڙيو ۽ وڏي جاکوڙ ڪري اڪيلي سر وڏن زورن سان ان ڏاڪي کي جهليو، ڪاهي اڻي يوريس ٽيس بادشاهه جي حوالي ڪيو، جنهن ان ڏاڪي کي هيرا ديويءَ جي نالي نذر ڪري ڪولي ڇڏيو. هيرا ديويءَ لاءِ هيراڪليز جو نالو به گار هو تنهن خارن ۾ اڻي ان ڏاڪي کي اسپارٽا ڏانهن ڀڄائي ڇڏيو جتان آرڪاڊيا وٽان رلندو رلندو اهو ڏاڪو وڃي مراٿون واري ملڪ ۾ پهتو. جتان ان کي ٽيسيس گهلي وڃي ايٿنس مان ڪڍيو ۽ اتي ايٿينا ديويءَ جي مندر ۾ ان ڏاڪي کي ڪُهي قربان ڪيو ويو.

اٺون ڪم

ديوميديز جون خوني گھوڙيون

Mares of Diomedes

ڪريٽ مان خطرناڪ ڏيگهو جهلي اچڻ ڪانپوءِ يوريس ٽيس بادشاهه هيراڪليز کي حڪم ڏنو ته ٽريس ۾ وڃي بسڻون قبيلي جي بادشاهه ديوميديز جون خوني گھوڙيون جهلي اچي. هي سورمو پاڻ سان گڏ ڪيترائي ساٿي وٺي ٽريس ڏانهن روانو ٿيو. ٽريس ڏانهن ويندي واٽ تي پنهنجي آرگوناٽ دوست فيراڪ جي بادشاهه آڊميٽس وٽ وڃي ترسيو. ان رات آڊميٽس جي زال السيسٽس مري وئي هئي. پر اها گالهه هيراڪليز کي نه ٻڌائي وئي.

موت سان وڙهه

اصل گالهه هينئن هئي ته آڊميٽس کي اپالو ديوتا وٽان اوچتو اها خبر پئي ته سندس حياتي پوري ٿيڻ واري آهي. پر جي ڪو ماڻهو سندس پاران موت قبولي ته هو بچي ويندو. هن پنهنجي ٻيڙي ساڻ ۽ پيءُ کي ڇيو، دوستن کي منٽ ڪئي، پر ڪنهن به سندس بدران مرڻ قبول نه ڪيو. ٽيٽ سندس وفادار زال السيسٽس هن لاءِ اها قرباني ڏني. جڏهين اها خبر هيراڪليز کي پيئي ته هن ڪان پنهنجي دوست جو غم سڻو نه ٿيو ۽ هو جوش ۾ پرجي موت سان وڙهڻ لاءِ روانو ٿيو. ٽيٽ موت ٽانائوز ۽ هيراڪليز جي پاڻ ۾ جنگ ٿي. هڪ ٻئي سان هٿين پيا. ٽيٽ هيراڪليز موت کي ڪشتيءَ ۾ هارايو ۽ السيسٽس کي موت ڪان ڇڏائي آڊميٽس وٽ پڇايو.

هيراڪليز فيراءِ ڪان ٽيندو اچي ٽريدا پهتو، جتي ديوميڊيز جي گهوڙين جي ڪُڙهه هئي، جيڪي اتي پتل جي ڪوندين سان گڏ لوهي زنجيرن ۾ ٻڌل هيون. بادشاهه وٽ جيڪي به مهمان ايندا هئا تن کي ڪُهي انهن جو گوشت وڌي تڙون تڙون ڪري هو پنهنجي آدمخور گهوڙين کي کارائيندو هو. ان ڪري ملڪ ۾ چوطرف انهن گهوڙين جو زبردست ڏهڪاءُ ڦهليل هو.

ديوميڊيز ٽريس جي جنگجو بسمٽون قبيلي جو بادشاهه (سردار) هوندو هو. ڪن مورخن کيس ايريز ديوتا جو سائرين مان چاول پٽ ليکيو آهي. ڪن وري کيس ايٽلس ديوتا جو سندس ڏيءَ آسٽريءَ سان ناجائز تعلق مان پيدا ٿيل چاڻايو آهي. هڪڙي روايت ۾ انهن آدمخور گهوڙين کي نر گهوڙا ٻڌايو ويو آهي، جن جا نالا پوبارگس، لامپون، ايڪزانٿاس ۽ ڊينس هئا.

ديوميڊيز جي گهوڙين جي ڪڙهه ۾ وڃڻ سان هيراڪليز گهوڙين جي راکن کي قابو ڪري گهوڙين کي کولي سمنڊ ڏانهن پڃائي ڇڏيو. اتي هڪ ٽڪري وٽ گهوڙيون پنهنجي سائيءَ ايڊيرس جي حوالي ڪري پاڻ سمنڊ مان هڪ سير ڪڍي ساموندي پاڻيءَ کي هيڻين ميدانن تي وهائي ڇڏيائين. ان ڪري سندس پيچو ڪندڙ ديوميڊيز جا ماڻهو ڊڄي ڀڳا ۽ هن سورمي وري سندن پٺ ورتي. هوڏانهن آدمخور گهوڙين ايڊيرس کي چيائي ڪڇو کائي ڇڏيو هو. هيراڪليز ديوميڊيز سان دوبدو مقابلي ۾ کيس گرز هڻي سندس هوش حواس خطا ڪري ڇڏيا. هوءَ بيهوش ديوميڊيز کي ڪٽي سندس ٽي گهوڙين جي اڳيان اچي اڇلايائين. آدمخور گهوڙين ايڊيرس وانگر پنهنجي زخمي مالڪ کي اماڪ کائي چٽ ڪري ڇڏيو.

هيراڪليز پنهنجي مٽل سائيءَ ايڊيرس جي قبر تي مقبرو اڏايو ۽ ان جي نالي تي هڪ شهر ايڊيرا جو بنياد وڌو. پوءِ هن

انهن آدمخور گهوڙين کي جهلي ڊيوميڊيز جي رٿ ۾ جوڙيو. انهن گهوڙين کي ان کان اڳ ڪڏهن به لغام نه پيو هو، پر هيراڪليز انهن کي سڌو ڪري ڇڏيو ۽ ان رٿ ۾ چڙهي اڇي مائي سين ملڪ ۾ پهتو ۽ ٿريانز ۽ اڇي بادشاهه يوريس ٿيس جي اڳيان اهي آدمخور گهوڙيون ڇڏيائين. جنهن انهن کي هيراديويءَ جي نالي ڪري اولمپس جبل ۾ کولي ڇڏيو، جتي نيٺ انهن کي جهنگ جي جانورن ماري ڇڏيو. ڇيو ويڇي ٿو ته هيراڪ جي جنگ کان وٺي سڪندر اعظم جي زماني تائين انهن گهوڙين جو نسل قائم رهيو آهي.

نائون ڪم

امیزان راڻيءَ هپولائٽيءَ جو چيلهه ٻڌو

Amazon's Girdle

يوريس ٿيس وري به هيراڪليز کي حڪم ڏنو ته سندس ڏيءَ ايميٽي لاءِ ايريز ديوتا وارو سونو چيلهه ٻڌو هٽ ڪري اڇي جيڪو امیزان زالن جي حڪمران راڻيءَ هپولائٽي يا (هپولائيٽا) جي قبضي ۾ هو.

قصو امیزان زالن جو

ويڙهو عورتن جو هڪ قبيلو جيڪو ايشيا ماٽنر ۾ ڪاري سمنڊ جي ويجهو، يوناني بيٿڪن جي اپرندي پاسي ۾ آباد هو. امیزان زالون پنهنجي ڇاتيءَ جا ساڄي پاسي وارا ٻرهه ويڙي ڇڏيندیون

هيون ته جيئن کين تيرڪمان هلائڻ ۽ سولائي ٿئي. اهي زالون مردن کان پري رهنديون هيون، فقط ٻار پيدا ڪرڻ لاءِ مردن کي پاڻ وٽ اچڻ ڏينديون هيون. هو جنگين ۾ هٿ آيل مردن سان به ٿوري وقت لاءِ جنسي تعلق قائم ڪنديون هيون. انهن زالن کي جيڪي پٽ ڄمندا هئا انهن کي هو ماري ڇڏينديون هيون يا غلام بنائي وڪڻي ڇڏينديون هيون. باقي ڇوڪرين جي پيدائش تي ڏاڍو خوش ٿينديون هيون ۽ انهن جي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پرورش ڪنديون هيون. هن کان اڳ يونان جا مشهور سورما بيلروفون اڪيلس، پرسيس ۽ ٿيسيس وغيره اميزان عورتن سان وڙهي ڪا هئا.

ڇيو وڃي ٿو ته هارمونيا نالي جل پريءَ مان ايريز ديوتا کي جيڪو اولاد ٿيو، ان مان ئي اميزان جو نسل وڌيو ويجهيو. اميزان عورتون ايريز ديوتا جي پوڄا ڪنديون هيون. ان کانسواءِ آرٽيمس ديويءَ جي به پوڄا ڪنديون هيون.

هڪ اميزان عورت لائي سيپي Lysippe جي پٽ ٽانيس کي جنگ جهيڙي سان گهڻو پوندي هئي ۽ شاديءَ کان نفرت هئي. ان ڪري افروڊائيٽ ديوي ان کان ناراض ٿي پئي. افروڊائيٽ خارن ۾ اچي ٽانيس جي ماءُ لائي سيپيءَ کي پنهنجي پٽ ٽانيس جي محبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. پر هن پنهنجي ماءُ سان واهيات جنسي تعلق قائم نه ڪيو، پر ان کان بچڻ لاءِ پاڻ کي ٻوڙي ڇڏيو. ان جي روح جي ملامت کان بچڻ لاءِ لائي سيپي پنهنجي ڏيئرن کي وڻي ڪاري سمنڊ جي ڪناري وارن ميدانن ۾ اميزان جبلن وٽ، جتان ٿرمودن ندي وهندي هئي، اتي جبلن ۾ وڃي رهي. گهڻي وقت کان پوءِ لائي سيپيءَ جو اولاد ٽن قبيلن ۾ ورهائجي ويو. جن ئي شهر جدا جدا آباد ڪيا هئا. هيراڪليز جي زماني ۾ اميزان عورتن جي انهن ٽن شهرن تي ٽي راڻيون هپولائٽي، اينٽي اوپي ۽ ميلانپي راج ڪنديون هيون.

هن سورمي رضاڪارن جي هڪ جماعت سان وڻي هڪ يا ڪن جي ڇوڙ موجب نون جهازن جو ٻيڙو پري ٽرموڊن نديءَ ڏانهن روانو ٿيو. مشهور سورما ايولاس Iolaus، ٽيلامون Telamon، پيليس Peleus ۽ ٿيسيس Theseus به انهي مهم ۾ ساٿس ڪڏ هئا. هيراڪليز جو جهاز پهرين پاروس ٻيٽ وٽ وڃي لنگر هنيو. پاروس ٻيٽ جو بادشاهه انڊروگيوس، ڪريٽ جي بادشاهه مينوس جو پٽ هو. سندس ٽي پائر به ساٿس گڏ هئا. انڊروگيوس هن سورمي جا به سائي ماري وڌا، ان ڪري هن، شهر تي گهيرو ڪيو. بادشاهه پنهنجا به پٽ الڪائيس ۽ اسٽي نيئيس هيراڪليز کي يرغمالي ڪري ڏنا ۽ پنهنجو شهر بچايو. ان ڪان پوءِ هيلس پالٽ ۽ باسفورس مان لنگهندي هيراڪليز ۽ سندس ساٿي مائيشيا پهتا، جتي هن ببرائيسيس جي خلاف مائيشيا جي بادشاهه لائي ڪس جي مدد ڪئي. لڙائيءَ ۾ هن سورمي ببرائيسيس جي بادشاهه مائيگڊون کي ماري وڌو جيڪو امائيڪس جو پاءُ هو. لائي ڪس بادشاهه کي هيراڪليز جيڪو ملڪ ڪٽي ڏنو ان تي سندس شڪرگذاريءَ ۾ هيراڪليا جو نالو رکيو ويو.

اتان هلي هيراڪليز جو ٻيڙو اڇي ٽرموڊون ندي جي منهن مان لنگهي ٿيمس ڪائرا جي بندر تي لنگرانداز ٿيو. اتي جي راڻي هپولائٽي بندر تي ٻيڙي ۾ اڇي سندس آدر پاءُ ڪيو ۽ سندس سهڻي ۽ ڏاهوڪي سڀول جسم تي موهجي راڻيءَ ڪيس ايريز ديوتا وارو سونسو چيلهه پٽو پنهنجي پيار جي نشانيءَ ۾ پيش ڪيو. هيرا ديويءَ کي هيراڪليز ۽ هپولائٽي جو سهڻڙ نه وٽيو ۽ هن هڪدم اميزان عورتن ۾ اهو افواهه ڦهلائي ڇڏيو ته هيراڪليز ۽ سندس ساٿي سندن راڻيءَ هپولائٽي کي زوري ڀڄايو پيا وڃن.

اهو هُل هڏي ويڙهو اميزان عورتن، هٿيار پنوهار ڏيکي گهوڙا پلائي، تکڙو سامونڊي ڪناري ڏانهن ڪاهيو ۽ جنگ شروع ڪري ڏنائون. اهو ڏسي هيراڪليز ائين سمجهيو ته راڻيءَ هپولائٽي ساڻس دوکو ڪيو آهي. انهيءَ شڪ ۾ هن نڪا ڪئي هم نڪا ته يڪدم تلوار ڪڍي معصوم هپولائٽي کي ماري وڌائين ۽ ان جي چيلهه تان چيلهه پٽو ڇڪي ڪڍي ورتائين. مشهور يوناني مورخن اپولونيس روڊيس جو چوڻ آهي ته جڏهين هيراڪليز راڻي هپولائٽي کان اهو چيلهه پٽو گهريو ته راڻيءَ کٽو جواب ڏنو ۽ ان ڪري هنهي جي وڇ ۾ دو بدو مقابلو ٿيو جنهن ۾ هيراڪليز هن کي گهوڙي تان ڪيرائي سندس ڇاتيءَ تي پنهنجو گوز رکيو ۽ هن‌کي آڻ ميڙ لاءِ چيائين پر هن بهادر راڻيءَ آڻ ميڙ کان مرڻ بهتر سمجهيو.

ڪن مورخن هينئن به چيو آهي ته جنگ ۾ راڻي ميلانپي گرفتار ٿي ٿئي هئي، جنهن کي راڻي هپولائٽي پنهنجو سونو چيلهه پٽو ڏئي ڇڏيو هو. پر ڪن مورخن وري هينئن چيو آهي ته ان جنگ ۾ ٿيسيس سورمي راڻي هپولائٽي کي جهلي هن سورمي جي حوالي ڪيو ۽ ان جو چيلهه پٽو هيراڪليز کي پيش ڪيائين. ان خوشيءَ ۾ هن سورمي، اميزان راڻي اينٽي اوپيءَ جي ڀانهن ٿيسيس جي حرالي ڪئي.

هيراڪليز جو موڻ

سونو چيلهه پٽو ساڻ ڪڻي هي سورمو راڻي هپولائٽي جي شهر ٿيس ڪائرا مان واپس ٿيو. وات تي ميرين ڀائن وٽ اتي جي بادشاهه لائي ڪس جي ڌيءَ پريولاس جي دفن ٿيڻ جي ميلي ۾ شرڪت ڪئي. جنهن جي غم ۾ راندين ڪيون ويندين هيون

۽ ماتمي مرثيا پڙهيا ويندا هئا. پريولاس کي مائيشيا جي ماڻهن ماريو هو.

اتي راندين ۽ کسرتي مقابلن ۾ هن سورمي ۾ حصو ورتو ۽ اتي جي مشهور باکسر ٽيٽيس کي ٽونشا هٽي سندس ڏندن جو ٻڪيهو ٽي ڇڏيائين، ان وکهي هو مري ويو. پوء هن مائيشيا جي ماڻهن سان جنگ کري انهن کي شکست ڏني. ان کان پوء هن بٽائينيا جي ملک تي چڙهائي کري کولون جبلن ٽائين سمورو بٽائينيا جو ملک فتح کيو. ان کان پوء هي ۽ سندس ساٿي ٽراء جي شهر ويا ۽ اتي جي شهزاديءَ هيسيونيءَ کي هک سامونڊي بلا جو لقمو ٿيڻ کان بچايائون. جڏهين هيراکليز ۽ سندس ساٿي ٽوروني پهتا تہ اتي کشتيءَ جي هک مقابلي ۾ هن پروٽيس جي ہن ٻنن پالي گونس ۽ ٽيلي گونس کي ماري ڇڏيو. تان جو هلندي هلندي هو اڀي مائي سين پهتا. جتي هن بادشاهہ يوريسٽيس کي اميزان راڻيءَ جو سونو چيلهہ ٻڌو حوالي کري ٻنهنجو نائون سونهيل کم پورو کيو.

ڏهون کم

جيريون جو چوپايو مال

The cattle of Geryon

نائون کم پورو کرڻ کان پوء به يوريس ٽيس بادشاهہ سندس جند نہ ڇڏي. هن هيراکليز کي ڏهون کم سونهيو تہ هو ٽارٽيس جي بادشاهہ گيريون جا ڏور کاهي اچي، جيکي گاڙهي نسل جا، ملکان ملک مشهور هئا. بادشاهہ گيرون طاقت

ٻ، پنهنجو ٻٽ پاڻ هو، سندس ٽي سسيون، ڇهه هٽ ۽ ڇيلهه سان .لڳل ٽي مردانا بدن هئا. سندس چوپائي مال جو ڏراڙ "يوري شن" هو، جيڪو ايريز ديوتا جو پٽ هو ۽ ان سان گڏ اورٽس نالي ٻن سسين وارو ڪنو ٻه هو.

هيراڪليز ڪيئن اهو مال هٽ ڪيو ان لاءِ جُدا جُدا روايتون آهن. بهرحال، سڀ کان اول، هن مال جي ڏراڙ ۽ ڪتي کي ماريو. پوءِ بادشاهه گيريون سان هن جي جنگ ٽي. هيرا ديويءَ گيريون جي مدد لاءِ ميدان ٻ ٽپي پيئي مگر هيراڪليز تير هڻي ان کي ٻه ڦٽي وڌو. آخر بادشاهه مارجي ويو. اهڙيءَ طرح، هي چوپايو مال ڪاهي روانو ٿيو. پوءِ اتان مال ڪاهي ڪيترن ٽي ديون، جانورن ۽ بلائن کي ماريندو مقابلو ڪندو اڳي اسپين مان لنگهيو. اتان ٿيندو پائيرينيز جبلن ٻ پهتو اتي جي شهزاديءَ پائيرينيءَ سان سندس تعلقات ٽي ويا، جيڪا پوءِ مري وئي. ڪيس هن پنهنجن هٿن سان ڏڪيو. پوءِ وري گال (فرانس) ملڪ ٻ پهتو. چيو وڃي ٿو ته گال قبيلي جي شهزادي گالاٽيا سان هن همبستري ڪئي جنهن مان جنگجو گال پيدا ٿيا. وات تي ليگيورا وٽ پوزيڊون ديوتا جي ٻن پٽن سندس چوپايو مال چورائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٻئي هن سورمي جي هٿان مارجي ويا. البولا جي بادشاهه ٽائبر نديءَ وٽ سندس سڪي آڏر پاءُ ڪئي. اتي هڪ غار ٻ رهندڙ ٽسسيو راڪاس ڪاڪس رهندو هو. جنهن جي وات مان ٽاندا نڪرندا هئا. هن هيراڪليز جا ڇهه ڏور چوراڻي پنهنجي غار ٻ ٽمي ڇڏيا ۽ پوءِ غار جي منهن تي ٻڌيءَ جيڏي پٿر جي هڪ ڇپ رکي ڇڏي جنهن کي ڏهه ڏڳا وڏي زور تي لوڏي سگهندا هئا. پر هيراڪليز هڪ ٻي سٽ سان ان کي ڪٽي اڇلايو ۽ ڪاڪس کي ماري پنهنجا وڃايل ڏور ورايا. سندس ڏڻ مان هڪ ڏور تري وڃي سيليءَ جي ٻٽ مان نڪتو ۽ اتي جي

بادشاهه ايرائيڪس جي مال ۾ گڏجي ويو. هيراڪليز ب٘ه پٽ ولي اچي اتي سهيڙيو. هتي جي بادشاهه هيءَ ڳالهه هلائي ڇڏي هئي ته جيڪو به شخص ساڻس ملهه وڙهي ان کي هرائيندو ته هو پنهنجو ملڪ ڪٽنڊڙ کي ڏيندو. ڪشتيءَ جي مقابلي ۾ هيراڪليز ايرائيڪس کي ڪيرائي ماري ڇڏيو ۽ ان ملڪ جي بادشاهي اتي جي ماڻهن جي حوالي ڪيائين. مگر بادشاه جي ڏيءَ پسوفس سان پاڻ شادي ڪيائين جنهن مان هن کي ٻه پٽ پيدا ٿيا.

جڏهين هيراڪليز ڊور ڪاهيندو ايڊريانڪ نار وٽ پهتو ته هيراديويءَ هڪ مڪ کي سندس مال پويان ڇڏيو. جنهنجي ڏنگن لڳڻ سان سمورو مال ڏهي اڻي ڀڳو ۽ ٽريس مان لنگهي وڃي سيٿيا جي رڻ پٽ ۾ پهتو. هن سورمي مال جي پٽ ورتي تان جو وڃي رات ٿي. هو شينهن جي ڪل ٻڌان ڪري سمهي رهيو. صبح جو اٿي ڏٺائين ته سندس رٿ ۾ ٻڌل گهوڙيون ٻ٘ه غائب آهن. هو انهن کي گولينڊي گولينڊي وڃي هائيليا جي پٽ ۾ هڪ غار وٽان ڏکتو. اتي هن جي ملاقات هڪ عورت سان ٿي، جيڪا اڌ نانگ ۽ اڌ عورت هئي. ان ئي هن جون گهوڙيون چورايون هيون. هن سورمي نانگڻ عورت کي گهوڙيون موڙائي ڏيڻ لاءِ چيو، مگر ان عورت ساڻس جنسي ميلاپ ڪرڻ جو شرط رکيو. هيراڪليز گهوڙيون حاصل ڪرڻ لاءِ ان سان ميل ڪيو جنهن مان هن کي پٽ ٿيو. هن سورمي وڃڻ وقت ان نانگڻ کي پنهنجو تيرڪمان ڏنو ۽ چيو ته منهنجي اولاد مان جيڪو به هار هن ڪمان کي موڙي سگهندو، ان کي هن ملڪ جي بادشاهي ڏج. انهيءَ نانگڻ مان هڪ ئي وقت ۾ ٽي پٽ پيدا ٿيا، جن مان سيٿين ڪمان موڙي سيٿيا جي بادشاهي ورتي.

آخرڪار هن پنهنجي گهوڙين کان پوءِ پنهنجو گم ٿيل چوپايو مال به هٿ ڪيو ۽ پوءِ اسٽرائي مون درياه ٽپي اچي،

يوريسٽيس بادشاه وٽ پهتو ۽ ڪيس سال حوالي ڪيائين. هيڏي ڏ ڪي مهم تان زنده سلامت اچڻ تي بادشاهه کي ڏاڍي حيراني ٿي. آخر، ان بادشاهه هيراڪليز جي آندل ديون کي هيرا ديوي‌۽ جي نالي قربان ڪري ڇڏيو.

بارهون ڪم

هيسپيرائيڊ جا سونا صوف

The golden apples of the Hesperides

ديلفي‌۽ جي پيشگوئي موجب هيراڪليز مٿس مڙهيل ڏهم ڪم پورا ڪيا، انهي‌۽ ۾ هن کي اٺ سال ۽ هڪ مهينو لڳو. پر يوريسٽيس جي نيت خراب هئي، هن کي مڙئي نڪ ڇپ ويڊي وارا شرط پورا ڪرائڻا هئا ۽ هن سوچي کي ڪٽن ۾ ڪٽائي ماراڻڻو هو، تنهن وري بارهون ڪم مٿس مڙهيو ته ايٽلس جبلن جي لاهي‌۽ ۾ هيسپيرائيڊ باغ جي هڪ وڻ ۾ لڳل سونا صوف کڻي اچي.

اهي صوف گائيا ديوي‌۽ (ڌرتي ماءُ) پنهنجي پوٽي‌۽ هيراديوي کي زوس ديوتا سان شادي وقت ڏاج ۾ ڏنا هئا. جنهن اهي ايٽلس ديوتا جي نظرداري‌۽ انهي‌۽ باغ ۾ رکايا. اهو باغ ايٽلس جي ڏيئن، جن کي هيسپيرائيڊ سڏيندا هئا، تن جي نالي پٽيان سڏبو هو. اتي ائٽلس جون ريون ڪريون چرنديون هيون. هيرا ديوي‌۽ کي خبر پئي ته ائٽلس جون اهي هيسپيرائيڊ ڏيئون، سونا صوف پيون چورائين ان ڪري هن لادون نالي هڪ سئو سسين

واري بلا انهن سونن صوفن واري وڻ تي وهاري ڇڏي جيڪا وڻ جي ڇوڏاري ڪنديءِ هڻي ويهي رهي.

هيراڪليز هيسپيرائيڊ باغ ڏانهن ويندڙ گس وٽي وڃي مقدونيہ ڦهتو جتي هڪ ننڍي چشمي وٽ سندس مقابلو ايرنز ديوتا جي پٽ سائڪنس سان ٿيو، پر زوس ديوتا پنهنجي وڄ گوڙ واري لٽ هڻي جهيڙو ٽاريو. نيٺ اتان هو اڳي پو ندي‌ءَ وٽ ڦهتو جتي زوس ديوتا ۽ ٿيمس جل پري جون ڪنواريون دريائي ڏيئون رهنديون هيون انهن کيس سامونڊي ديوتا نيريس ڏيکاريو جيڪو ستو پيو. هيراڪليز ستل ديوتا کي زوري جهلي هن کان انهن سونن صوفن حاصل ڪرڻ جي باري ۾ صلاح ورتي. نيريس هن کي صلاح ڏني تہ وڃي ائٽلس ديوتا کي جهل. ايٽلس ديوتا سڄي آسمان کي کلهن تي کڻيو بيٺو هو. تنهن منٽ مڃي ۽ ٽوري دير لاءِ آسمان جو بار کڻي هيراڪليز جي کلهن تي رکيو ۽ پاڻ ويو صوف پٽڻ. ان کان اڳ ۾ ئي هيراڪليز لاڊون بلا کي تير هڻي ماري ڇڏيو هو. ائٽلس باغ مان ٽي سونا صوف ڀٽي آيو ۽ هن کي چيائين تہ "تون آسمان جهليو بيٺو هج، مان پاڻيهي ٽو يوريسٽيئس بادشاهہ کي صوف پچائي اڃان."

هيراڪليز چيو: "ٻلي، پر تون ٽوري دير آسمان کي جهل تہ تيسين آئون مٽي تي سينهون ڏاهي وٺان." ائٽلس آسمان کلهن تي کنيو تہ هيراڪليز ٻہ هن کان مرڪندي موکلايو. آسمان کي جهلڻ سان هن سورمي کي ڏاڍي اڄ لڳي هئي، ان ڪري زور سان زمين ۾ لت هنيائين تہ اتي پاڻيءَ جو چشمو ڦٽي نڪتو. جنهن مان لبيا ۾ ڏڪل آرگوناسٽس ٻہ پاڻي پيتو هو.

لبيا مان لنگهندي اتي جي بادشاهہ انٽائيس هن سان مقابلو ڪيو. انٽائيس پوزيڊون ديوتا جو پٽ هو ۽ هڪ وڏو متارو

ع سگھارو پھلوان ھو. منجھس اھا گالھہ رکيل ھئي تہ سندس بدن جڏھين بہ ڏرتيءَ سان لڳندو ھو تہ سندس سڳھہ پيٽي ٽي ويندي ھئي پر ھن سورمي انٽائيس کي زمين تان کڻي مٿي کيو ع مٿي جو مٿي کي ٽپوڙي سندس ساھ کيڀ چڏيائين. اھو مقابلو ماريطانيہ جي ھڪ نديي شھر لکزس ۾ ٿيو ھو، جيڪو تانجير کان ۵۰ ميلن تي ھو. ھن انٽائيس کي ماري ان جي زال ٽنگا سان شادي ڪئي جنھن مان ھڪ پٽ سوفاکز ڄائو. اتان ھو مصر پھتو جتي انٽائيس جو پاءُ ٻيوزيرس راج ڪندو ھو، ھو ھر سال زوس ديوتا جي نالي ٻاھران آيل ڏارين ماڻھن مان ھڪڙو پناھگير جھلي ان کي قربان ڪندو ھو. ھرڪيولس کي بہ بادشاھہ جا ماڻھو جھلي ڪٺھ لاءِ وڻي ويا. اتي کيس وارن ۾ سڳا ھڏي زنجيرن سان جڪڙي کھڙي سان مارڻ تي ھئا تہ ھن زنجيرون ٽوڙي پاڻ چڏائي بادشاھہ ع سندس پٽ سميت ٻين سڀني يوچارين کي بہ ماري چڏيو.

ان کان پوءِ ھيراکليز ايشيا ۾ داخل ٿيو ع کوھہ قاف جبلن وٽ پروميٿس کي زنجيرن ۾ جکڙيل ڏٺائين، جنھن جو جگر روزانو ھڪ گڄھہ پڻيندو رھندو ھو. ان جي حال تي رحم کائي ھن سورمي، زوس ديوتا کي پروميٿيس جو ڏوھہ معاف ڪرڻ جو عرض کيو. پروميٿيس زوس ديوتا جي نافرماني ڪري انسان ذات کي اولمپس مان باھہ چورائي ڏني ھئي. بھرحال زوس ديوتا پروميٿيس جي بدران خيرون کي سندس مرضيءَ تي پاتار ۾ موڪلي پروميٿيس جي سزا ختم ڪئي ع گڄھہ کي اپالو ديوتا تير ھڻي ماري چڏيو.

اھڙيءَ طرح ھن اھي سونا صوف ڪٽي بادشاھہ جي حوالي ڪيا.

بارهون ڪم

سربرس ڪُتي ڪي جهلڻ

The Captnre of Cerberus

بادشاهه يوريسٽيس اتي به بس نه ڪئي، هن وري بهه ٻيه ڪم ڏسيو. ڪم ڇا هو؟ نڪ چپ ويڻي وارا شرط هئا. چئي: "وڃي پاتار جي مٿن واري دنيا مان سربرس نالي ڪتي ڪي جهلي هتي ولي اچ!"

ان ڪم لاءِ ٻهرين اهو لازم هو ته هو ايليوسينيا جي پراسرار رسمن ۾ حصو وٺي، پر هيراڪليز ائينس جو رهاڪو نه هو ان ڪري ان کي ايليوسينيا جي رسمن ۾ شريڪ نه ڪيو ويو. ان ڪري هن لاءِ ٻئي درجي جون رسمون جاري ڪري هن کي ان ۾ شريڪ ڪيو ويو. انهن رسمن ۾ هڪ مادي سوئر جي قرباني به شامل هئي. ان کان پوءِ هن ڪاري سنڈ وٺ آخيروشيا وٽان زمين جي هيٺ پاتار ڏانهن لهڻ شروع ڪيو. خيرون سونهي ڪيس ٻڙيءَ ۾ ڇاڙهي زير زمين دريا اسٽائڪز پار اڪاريو، جتي ميلياگر ۽ ميڊوسا گارگون جي پوتن کانسواءِ ٻيا سمورن مُردن جا پوت، هن کي ڏسي ولي ٻڌا.

اتي ميلياگر تي جڏهين هن ڪمان مان تير ڪيي سڃيو ته هن چيس ته مٿن کان بچڻ بيڪار آهي. پوءِ ٻئي پاڻ ۾ لهي ويا. هن ميلياگر سان واعدو ڪيو ته هتان موٽي هو پنهنجي دنيا ۾ سندس پيڻ ديانيئرا سان شادي ڪندو. ٽارٽاس جي اوڙاهن جي درن تي هن پنهنجي دوست ٿيسيئس کي زنجيرن جي قيد مان

ڇڏايو. آخرڪار هو هئڊس (پلوٽو) ديوتا وٽ پهتو ۽ ڪائنس سربرس ڪتو گهرياٿين. هئڊس ديوتا کيس چيو تہ جي هو بنا هٿيارن جي ڪتو جهلي تہ پلي وڃي. سربرس ڪتي جون ٽي مسيون هيون، جن تي نائگ ويڙل هئا، ڪتي جو پڇ ڪنڊن وارو هو. ڪتي ڏاڍا زور لڳايا پر هيراڪليز ان کي ڳچيءَ مان جهلي سوڙهو ڪيو. پوءِ اڃان ڪتو وڌي اٽينا ديويءَ جي مدد سان اسٽائڪز دريا آڪتو ۽ ٽروزين وٽان زمين منجهان اچي ظاهر ٿيو.

هيراڪليز جي پاتار ڏانهن وڃڻ ۽ موٽي اچڻ جي رستن بنسبت هڪيئي جي آبتڙ جدا جدا روايتون آهن.

جڏهين هيراڪليز سربرس ڪتي کي وڌي مائي سين پهتو تہ يوريسٽيس قرباني‌ءَ جو گوشت پنهنجي پٽن ۽ خاص ماڻهن لاءِ رکيو ۽ باقي غلامن کي ملندڙ اوبر مان ڪجهہ حصو هيراڪليز جي حوالي ڪيو. ان تان ڪاوڙجي هن، بادشاهہ جي ٽن پٽن کي ماري ڇڏيو.

اهڙيءَ طرح هيراڪليز مٿس سمورا سونپيل ڪم پورا ڪري موٽي ٽيسس آيو. هن پنهنجي زال ميگارا کي جنهن‌جي عمر ٣٣ سال هئي، نياڳي سمجهي پنهنجي ١٦ سالن جي پائٽي آيولس جي حوالي ڪيو. ميگارا مان پيدا ٿيل سندن سمورن ٻارن کي هڪ اڳ ۾ ئي پنهنجي هٿن سان ماري چڪو هو.

آئيفيٽس جو موت
THE MURDER OF IPHITUS

پنهنجي زال ميگارا کي پنهنجي پائٽي جي حوالي ڪري هن نئين مياڳي زال ڊرئجن جو خيال ڪيو. اوئيخاليا جو بادشاهہ

يوريسٿس پنهنجي ڏيءَ آيولي جي شاديءَ لاءِ اهو شرط رکيو هو ته جيڪو به سندس پٽن پٽن کي تيراندازيءَ ۾ هرائيندو تنهن کي آيولي جو سڳ ڏيندس. اهڙا خبر پڻي هيراڪليز خوش ٿيو ۽ يوريسٿس جي پٽن ٻي پٽن کان مقابلو ڪيائين. پر پوءِ يوريسٿس بادشاهه ميگارا ۽ سندس ٻارن سان هيراڪليز جي ڪيل ظلم جو ٻڌي، پنهنجي وعدي تان اهو ٿري ويو ته هن جا تير جادوئي هئا ۽ هو خود هڪ غلام هو ان سان هڪ شهزاديءَ جي شادي ڪيئن ٿي ٿي سگهي. بادشاهه جي پٽن پٽن سان ٻي سائس شامل ٿيا. باقي وڏي پٽ آئيفيٿس سائس اختلاف ڪيو ۽ چيو ته وعدو وفا ڪري آيولي جي ڌانهن هيراڪليز کي ڏني وڃي.

ان وچ ۾ يوريسٿس جا ٢٣ گهوڙا ۽ گهوڙيون چورائجي ويون، جن جو شڪ هيراڪليز تي رکيو ويو. گهوڙن جو ڏڻ مشهور ڏاڙيل آئولائيڪس چورايو هو ۽ انهن جا رنگ پار بدلائي هيراڪليز کي وڪڻي ڇڏيائين. آئيفيٿس پيرا ڪٽي اچي اتي پهتو. هن سورمي سندس ٽاهوڪي مهماني ڪئي ۽ ڪيس هڪ ڀڳهي مناري تي وڃي سڃاڻپ لاءِ گهوڙن جو ڏڻ ڏيکاريائين. پوءِ جڏهين هن پنهنجا گهوڙا نه سڃاتا تڏهين ڪاوڙ ۾ اچي ان کي چيائين ته مون کي ناحق ڇو خوار ڪيو اٿو؟ ائين چئي هن آئي فيٿس کي ڏکو ڏئي، مناري تان ڪيرائي ڇڏيو. ان ڪري هو ڏڏي تي مري ويو.

اهو هڪ وڏو ڏوهه هو. ڏوهه بخشائي پاڻ کي پاڪ ڪرڻ لاءِ هيراڪليز ديلفيءَ جي مندر مان جواب وٺڻ ويو. انهي جي پوجارڻ ڪيس منهن نه ڏنو ۽ چيائينس ته تو پنهنجي مهمان جو خون ڪيو آهي، ان ڪري توکي ڪوبه جواب ۽ ڪابه هدايت نه ملندي. هي پوجارڻ سان وڙهي پيو. ان ڪري اپالو ديوتا مٿس ڪاوڙيو ۽ هن سان وڙهڻ آيو، پر زوس ديوتا وچ ۾ پئي صلح

ڪرايو. نيٺ ڊيلفيءَ جي پوڄارڻ هن‌کي اهو ٻڌايو تہ: "تہون وڃي ليڊيا جي راڻي اوم فيليءَ وٽ پاڻ ڪي وڪڻ ۽ پنهنجي قيمت جي رقم آفيٽس جي ٻارن کي ڏي." هيراڪليز ڪي راڻي اومفيلي چاندي‌ءَ جي ٽن ٽيلينٽ (سڪن) ۾ خريد ڪيو جيڪي سڪا آفيٽس جي ٻارن کي ڏنا ويا. اومفيلي مٿس عاشق ٿي پئي ۽ ٻين ڪمن سان گڏ رات لاءِ همبستري جو ذمو ٻہ مٿس رکيائين. اوم فيلي پاڻ هيراڪليز جا ڪپڑا ڍڪيندي هئي ۽ سندس هٿيار پائيندي هئي ۽ هن‌کي سندس زنانا ڪپڑا پارائيندي هئي.

هيراڪليز جي ڪاوڙ، سزائون ۽ سيڪتون

* يوريا جي دريائي ڪناري تي سائيليس نالي هڪ ماڻهو کي جيڪو ٻہ ڪو آيو ويو، ور ڇڙهندو هو ان‌کي زوري جهلي پنهنجي انگورن جي باغ ۾ ڪوٽائي ڪرائيندو هو. جڏهين اهو ميٽائل شخص هن سورمي جي ور ڇڙهيو تہ بجاءِ ڪوٽائي ڪڻ جي هيراڪليز سندس باغ جي سموريون انگوري وليون پاڙن سوڌيون پٽي، سندس باغ برباد ڪري ڇڏيو.

* ليٿرسيس نالي هڪ شخص جي آزار کان ماڻهن جي جند ڇڏايائين. هو ماڻهن کي مهمان بنائي پوءِ انهن کان زوري لابارو ڪڻ جو مقابلو ڪرائيندو. هن سورمي مقابلي ۾ کيس هارائي ماري ڇڏيو.

* هڪ خطرناڪ بلا کي ٻہ هن ماريو جنهن سا گارس جي ڪناري وڏي تباهي ڪئي هئي. هن سورمي اوم فالي راڻيءَ وٽ هڪ سال يا ڪن جي چوڻ موجب ٽي سال رهيو ۽ ٻين ڪارنامن سان گڏ راڻيءَ کي هن مان ٽي پٽ ٻہ ٽيا. آخرڪار راڻيءَ اوم فالي کي جڏهين اها خبر پئي تہ هيراڪليز ڪير آهي

۽ ڪهڙي خاندان منجهان آهي تہ هوءَ ڏاڍو متاثر ٿي ۽ هن کي سوڪلائڻ وقت قيمتي تحفا ڏنائين .

هيسيوني

HESIONE

هيراڪليز پنهنجي ملڪ موٽي آيو. هاڻي هن ٽراءِ تي چڙهائي ڪرڻ جي سٽ سڌي. ان چڙهائيءَ جو ڪارڻ هيئن ٿيو :

هڪ سامونڊي بلا جو بک بنائڻ لاءِ، ٽراءِ جي بادشاهہ لائوميڊان پنهنجي ڌيءَ هيسيونيءَ کي ٽراءِ جي سامونڊي ڪناري ۾ هڪ ٽڪريءَ تي اگهاڙو اگهاڙو زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيو. هيراڪليز سنگهرون ويو ان شهزاديءَ کي اتان ڇڏايو ۽ بادشاهہ کي چيو تہ مون کي زوس ديوتا جا سوڪڙي ڪري ڏنل ۽ لافاني آسماني گهوڙيون ڏي. ان عيوض آئون هن بلا کي ماري شهزادي کي بچائيندس. اهڙيءَ طرح هيراڪليز ان سامونڊي بلا کي ماري ڇڏيو جيڪا پوزيڊون ٽراءِ بادشاهہ جي وعدي خلافي ڪري ٽراءِ تي ڇڏي هئي، پر ٽراءِ جي بادشاهہ هيراڪليز سان ٺڳي ڪري کيس ۽ عام گهوڙيون پيش ڪيون .

هن سوريءَ ٽراءِ تي حملو ڪرڻ لاءِ ٽيلامون، پيليس، اوئيڪلز ۽ ڊيماڪس کي ساڻ ورتو، هڪ فوج پرتي ڪئي ۽ پوءِ هڪ ٻيڙو تيار ڪري ٽراءِ تي چڙهائي ڪئي. هوڏانهن لائوميڊان ۽ پنهنجي فوج کي يوناني جهاز سازڻ جو حڪم ڏنو. اوئيڪلس کي جهازن جي بچاءَ لاءِ ڇڏيو ويو. جيڪو بهادريءَ سان مقابلو ڪري مري ويو پر جهاز بچائي انهن کي بچايائين. هيراڪليز شهر کي گهيرو ڪيو. ٽيلامون قلعي جي ٻت ۾ ڏار وجهي ڇڏيا. ان جي اها سوچ هيراڪليز

کان سڳي نہ ٿي ۽ هو الٽو ٽيلامون کي مارڻ تي هوپر ٽيلامون نهڙائي ڪري جند ڇڏائي. هن سورمي شهر تي قبضو ڪري بادشاهه جي سمورن پٽن کي بادشاهه سميت ماري ڇڏيو. فقط هڪ شهزادو پوڊارڪيز وڃي جيئرو بچيو، جنهن کي غلام بنايو ويو. هن سورمي شهزادي هيسيوني جي ڀائنهن ٽيلامون جي حوالي ڪئي. هيسيوني پنهنجي ڀاءُ پوڊارڪيز کي خريد ڪري آزاد ڪرايو. پوءِ ان جو نالو پريام پئجي ويو يعني ڇڏايل يا آزاد ڪرايل. ان کان پوءِ هن ٽراءِ جي بادشاهي پريام جي حوالي ڪري پاڻ پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. هو پاڻ سان گڏ گلاسيا نالي هڪ جل پريءَ کي به پاڻ سان گڏ وطن وٺي ويو. جنهن پوءِ منجهائنس اسڪامينڊر نالي هڪ پٽ ڇٽيو. هيسيوني ٽيلامون سان گڏ ان جي ملڪ سلامس روانو ٿي. واٽ تي هيرا ديوي سامونڊي طوفان وسيلي هيراڪليز جي ٻيڙي کي گهلي آڻي ڪوس ٻيٽ ۾ اڇلايو. ڪوس جي ماڻهن کين سامونڊي ڏاڙيل سمجهي مٿن حملو ڪيو، پر هن سورمي مٿن رات جو اوچتو حملو ڪري سندن بادشاهه يوري پائلس کي ماري استائي پيليا تي قبضو ڪيو. هڪ ڇوڪري اها به آهي تہ هو ڪوس جي بادشاهه يوري پائلس جي ڏيءَ چالسي اوپي تي عاشق هو، ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي هن ڪوس تي حملو ڪيو هو. ڇو وڃي ٿو تہ ان جنگ ۾ هو پاڻ چالڪوڊون جي هٿان زخمي ٿيو هو پر زوس ديوتا جي مدد سان بچي ويو هو.

هڪ روايت موجب طوفان ۾ سندن ڇهن مان پنج جهاز ٻڏي ويا هئا ۽ باقي بچيل هڪڙي جهاز ۾ هو ڪوس ٻيٽ ۾ پهتو هو. جتي هڪ گهيٽي تان سندس هڪ ريڍار سان جنگ ٿي جنهن ۾ هيراڪليز کي زنانا ڪپڙا پاتل هئا. ان ڪري ڪوس ٻيٽ ۾ شاديءَ تي گهوٽ زنانا ڪپڙا پائيندا هئا. هن جي مندر جو پوڄاري به زنانا ڪپڙا پائيندو هو.

ڏاڍا ڪاڻ موڪلندي هن سورمي جي ٻيڙي ڪي طوفان ۾ تباهه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ زوس ديوتا هيرا ديويءَ کي سخت سزا ڏني ڪيس سمورن اعزازن کان محروم ڪري اولمپس ۾ ابتو ڪري ٽنگي ڇڏيائين .

هيراڪليز جو ايلس ملڪ تي حملو

ڪوس ٻيٽ ماڻ هن سورمي اڻينا ديويءَ جي رهنمائيءَ ۾ فلي گرا پهتو. جتي هن ديون خلاف ديوتائن جي مدد ڪئي ۽ اتان پوءِ بوئيشيا ويو جتي هن پنهنجي پٽ اسڪاميڊر کي اتي جو بادشاهه بنايو. ايلس جي بادشاهه ايجيس جي مال جو واڙو هن پنهنجي پنجين مهم جي دوران صاف ڪيو هو. ۽ ايجيس ان جو عيوض ڏيڻو ڪيو هو پر نه ڏنو هئائين، ان کي سزا ڏيڻ لاءِ هن سورمي هڪ فوج گڏ ڪري ايلس تي چڙهائي ڪئي. انهيءَ جنگ جي شروعات ۾ ئي هو بيمار ٿي پيو ۽ سندس ٻي سو سٽ ساٿي مارجي ويا جن سان گڏ سندس جاڙو ٻاهه افي ڪليز به مارجي ويو.

ڊيانيرا Deianera

اتان هو پوءِ پنهنجي هڪ دوست ڊيڪامينس ڏانهن هليو ويو. جنهن جي پٽ سلياگر جي روحاني پوت سان، پاتار ۾، سندس ٻيڻ ڊيانيرا سان هيراڪليز شاديءَ جو وعدو ڪيو هو. هن اتي پهچڻ شرط ڊيڪساميٽز جي ڌيءَ ڊيانيرا سان سهڻ سهڙڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ هيراڪليز ان سان شاديءَ جو واعدو ڪري هليو ويو تہ پوري شئن نالي هڪ قنطور (اڌ گهوڙو اڌ انسان) به اچي نڪتو ۽ ڊيانيرا جو سڱ گهريائين، جنهن کي ڪتو جواب ڏيڻ جي ڊيڪساميٽس کي طاقت نه هئي. پوري شئن جي شاديءَ جون تياريون هليون پئي تہ مٿان ٽڪ هيراڪليز اچي پهتو. هن ايندي شرط پوري شئن ۽ سندس پائرن کي تير هڻي

ماري ڇڏيو ۽ ڊيانيرا کي پنهنجي زال بنائي ولي پنهنجي شهر ٽائي رينز Tirines پهتو پر اتي به يوريسٿيس بادشاهه نه سڏس ۽ مٽس بغاوت جو الزام لڳائي ڪيس سندس ماءُ الڪميني ۽ سندس ڀائٽي ايوليس سميت ڏيهه نيڪالي ڏئي ڇڏيائين. ٽائيرينس کي ڇڏي هيراڪليز قينيس پهتو ۽ جتي هن لائونومي کي پنهنجي سريت بنايو. اتي هن هڪ ڊگهو واهه کوٽيو ۽ پاڻي ڪڍوکرڻ لاءِ جابلو لاهين ۾ ڪيترا غار کوٽيا. ايلس جي ماڻهن جي هڪ مذهبي جلوس تي اوچتو حملو ڪري هن ايجيس بادشاهه جو پٽ ماري ڇڏيو، پوءِ هن آرگوس ٿيبز ۽ آرڪاڊيا مان فوجي پرتي ڪئي ۽ وڏي فوج ولي ايلس تي چڙهائي ڪري اهو ملڪ فتح ڪيائين. ايجيس ۽ سندس سمورا پٽ جنگ ۾ مري ويا ۽ اهو ملڪ تخت جي اصل حقدار فائي ليس جي حوالي ڪيائين. ايليس جا گهٽا مرد جنگ ۾ مري ويا هٿا ۽ اتي ماڻهن جي آبادي گهٽجي وئي، ان ڪري هيراڪليز اتي جي رن زالن کي سندس فوجين جي حوالي ڪيو. اتي جي زالن اٿينا ديويءَ کان دعا گهري ته کين انهن فوجين سان پهرين ميلاپ ۾ ئي اولاد ٿي وڃي ته سڀو. اها دعا اگهي وئي ۽ شڪراني طور اتي جي زالن گڏجي اٿينا ديويءَ جي عبادت گاهه ٺهرائي. ايليس جي فتح کان پوءِ هن پيسا شهر ۾ پنهنجي پيءُ زوس ديوتا جي اعزاز ۾ اولمپڪ جو ميلو هٽايو. ان کان پوءِ ايلس جي ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ هن نيليس بادشاه جي ملڪ پائلس تي حملو ڪري نيسٽر کان سواءِ نيليس جي سڀني پٽن کي ماري ڇڏيو. انهيءَ خوفناڪ جنگ ۾ ديوتائن به پنهي ڌرين جي طرفان حصو ورتو.

اٿينا ديوي هيراڪليز سان گڏ هئي ته هوڏانهن هيرا ديوي پوزيڊون، هيڊيز ۽ ايريز پائلس وارن جو ساٿ ڏنو. هن جنگ ۾ هن سورمي هيرا ديوي ۽ ايريز کي ڌڻي وڏو ۽ پوزيڊون کي ڇڪائي ڪڍيو. نيليس جي وڏي پٽ پيري ڪلائي مينس کي پوزيڊون

ديوتا زبردست، طاقت سان گڏ پنهنجي شڪل بدلائڻ جي به قدرت ڏني هئي. انهيءَ جنگ ۾هن شينهن نانگ، ٻڪ، ۽ عقاب جون صورتون اختيار ڪيون هيون، پر هن ڳالهه ۾ هن هارايو ۽ نيٽ هيراڪليز جي تير لڳڻ سان هو مري ويو.

اسپارٽا جي هپوڪون ۽ سندس ٻڻن هيراڪليز جي دوست اوئي سنس جو خون ڪيو هو. انهن کي سيکت ڏيڻ لاءِ هن اسپارٽا تي چڙهائي ڪئي. هو هڪ ننڍڙي فوج وٺي ٽيگيا پهتو، جتي هن ٽيگيا جي بادشاهه آليس جي پٽ سي فيس ۽ سندس ويهن ٻڻن سميت سامهون ڪنيو ۽ اسپارٽا تي چڙهائي ڪئي. ان جنگ ۾ سيفيس ۽ سندس سترهن پٽ مارجي ويا ۽ ٻئي طرف هپوڪون ۽ سندس ٻارهن پٽ ماريا ويا ۽ شهر تي هن سورمي جو قبضو ٿي ويو. جنهن اتي جي حڪومت ٽائين ڊاريس جي حوالي ڪئي. هن جنگ ۾ هيرا ديويءَ هن کي پريشان نه ڪيو، ان ڪري هن، هيرا ديويءَ جي مان ۾ اسپارٽا ۾ هڪ مندر قائم ڪيو ۽ هڪرن جون قربانيون ڏنيون، هن اتي ائينا ديويءَ ۽ ائسڪلي پيس لاءِ به هڪ هڪ مندر جوڙايو.

جڏهين هي سورمو اسپارٽا سان جنگ ڪٽي واپس ٽيگيا وٽ پهتو تہ اتي جي بادشاهه ALEUS سندس سڳو آڏر ياءُ ڪيو پر هن، اتي ائينا ديويءَ جي هڪ ڪنواري پوجارڻ اوجيءَ جي لڄ لٽي جيڪا آليس بادشاهه جي ڌيءَ هئي ۽ سندس دوست فيسسي جي پيڻ هئي. آليس کي ڪجهه عرصي کان پوءِ خبر پئي تہ سندس ڌيءَ پيٽ سان آهي. اوجيءَ روئي ڏنو ۽ پنهنجي بيگناهي بيان ڪندي ٻڌايو تہ هيراڪليز نشي جي حالت ۾ سندس لڄ لٽي آهي. آليس بادشاهه اوجيءَ کي ناپليس بادشاهه جي حوالي ڪيو تہ اوجيءَ کي هوڙي ماري ڇڏي.

ناپليس اوجيءَ کي هوڙڻ لاءِ وڏيو پٽي ويو تہ وات تي اوجيءَ کي ويہ جا سور پيا ۽ هن ٽيلي فس نالي هڪ پٽ کي جنم ڏنو. انهيءَ ڇوڪري کي اتي پارٽينس جبل وٽ ڇڏي ڏنائون جنهن کي هرٽين پنهنجو کير ڏارائي پاليو. ناپليس اوجيءَ کي هوڙڻ بدران کاريا جي واپارين وٽ وڪٽي ڇڏيو. جن وڏان کيس ٽيوٽرانيا جي بادشاهہ ٽيوٽراس خريد کيو. جڏهين ٽيلي فس وڏو ٿيو تہ گولينڊي گولينڊي وچي مائٽيا ۾ پهتو، جتي پنهنجي ماءُ سان ملیو جيڪا ٽيوٽراس بادشاهہ جي راڻي ٿي چڪي هئي. ٽيوٽراس بادشاهہ پنهنجي ڌيءَ جي شادي ٽيلي فس سان کرائي ڇڏي.

هڪ ٻي روايت ۾ وري هينئن ڄاڻايو ويو آهي تہ ٽيلي فس پنهنجن مامن کي ماري اچي مائٽيا پهتو. اتي جي بادشاهہ اوجيءَ کي پنهنجي گود جي ڌيءَ بنايو هو. هن اوجيءَ جي شاديءَ ٽيلي فس سان کرائي. اوجيءَ جي دل ۾ هيراکليز کان سواءِ ٻي کا ڳات طلب نہ هئي، تنهن شاديءَ رات تلوار سان ٽيلي فس کي مارڻ جو فيصلو کيو پر پوءِ کيس پنهنجي سچي حقيقت کري ٻڌايائين. اهو ٻڌي هن پنهنجي ماءُ کي سچائي سندس پيرن تي کري پيو. ان کان سواءِ ٽيلي فس جي باري ۾ ٻيون ٻہ متضاد روايتون آهن.

هوڏانهن هيراکليز اتان ٽي وچي آرکاڊيا ۾ استائم فيلس بادشاهہ جي ملک پهتو ۽ ان جي ڌيءَ سان جنسي ميلاپ کيائين جنهن نتيجي ۾ ايوريس EVERES نالي سندس پٽ ڄائو. ان کان پوءِ هيءَ استراسينا جبل تي گهمڻ ويو ۽ مشهور هيرو السيميڊان جي ڌيءَ فيالو سان ميلاپ کيائين جنهن مان کيس ايچماگورس نالي پٽ ڄائو.

ان کان پوءِ هن‌کي ميلياگر جي روح سان کيل واعدو ياد آيو تہ ان جي پٽ ڊيانيرا سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪري. ڊيانيرا ڊيونائيسس ديوتا جي ڏيءَ هئي. سندس ماءُ الٿائيا اوئي‌نيس جي زال هئي. ڊيانيرا جو سڳ وڻڻ لاءِ هيراڪليز کي هڪ ٻئي اميدوار سان بہ سخت مقابلو ڪرڻو پيو. اهو اميدوار هڪ درياءِ ديوتا اکي لوئس Achelous هو. جـو ڪن شڪلين ۾ٿڻ تـي قادر هو. هو پهرين ڳئو ٿيو، پوءِ نانگ بڻيو ۽ ٽيون ڀيرو ڳئي جي منهن وارو ماڻهو ٿيو. آخري شڪل ۾ هو هـن سورمي سان ڪشتي وڙهيو ان ۾ هلرائي نانگ ٿيو تہ هيراڪليز سندس ڳچي مروڙي زمين تي اڇلائي ڇڏيو. پوءِ ڇاڙيءَ جو هڪ ڳئي واري منهن جهڙي انسان جي شڪل ۾ وڙهيو. هيراڪليز کيس سڳن کان جهلي ائين تہ زمين تي سڌيو جو سندس ساڃو سڳ نڪري ويو. ڇيو وڃي ٿو تہ اهو سڳ ڏئي. هـن امالٿيا ڪريءَ جـو سڳ ورتو ۽ اوئي نيس کي پنهنجي شاديءَ جي خوشيءَ ۾ سوکڙي ڪري ڏنو.

ڊيانيرا سان شادي ڪرڻ کان پوءِ هو ڪلائي ڊون جـي ماڻهن سان گڏجي ٽيسفوريا جي شهر ايفائي را تي چڙهائي ڪئي. ان کان پوءِ هن سڄي رس Cichyrus شهر تي چڙهائي ڪري اتي جي بادشاهہ کـي جنگ ۾ ماريـو ۽ سندس ڏيءَ اسٽيوڪي کي پنهنجي ڀانهي ٻنايائين، ان سان جنسي تعلق جـي نتيجي ۾ هڪ پٽ ٽلي پوليمس پيدا ٿيو. هڪ ٻي روايت ۾ اهو ڇيو ويو آهي تہ ٽلي پوليمس جي ماءُ امائين ٽـور Amyntor جـي ڏيءَ آسٽي ڊيميا هئي جنهن کي هيراڪليز ايلس جي شهر ايفائرا مان ڀڄائي آندو هو.

هڪ الهامي اشاري مطابق هيراڪليز پنهنجي دوست ٿيسپيئس Thespious کي پيغام موڪليو تہ پنهنجي ٽن پٽن کـي ٿيبس

موڪلي، ستن پٽن کي پاڻ وٽ رکي ۽ باقي ڇاليهن پٽن کي ساردينا ٻيٽ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ موڪلي. ٽيسپيئس هن سورمي جو ڇوڻ ڪيو. سندس پٽن جو ٽيبس ۾ اڄ ڏينهن تائين احترام ڪيو وڃي ٿو. ٽيسپيا ۾ جيڪي ست ڇٽا رهي پيا. انهن جي نسلن جو به اڃان ويڇوڙائي جي دور تائين ان شهر تي تسلط رهيو.

ٽن سالن کان پوءِ هڪ دعوت ۾ هيراڪليز اوئي نس جي هڪ مائٽ ايونومس Eunomus سان فقط هن ڳالهه تي ڪاوڙجي هن کي ٽونشو هٽي ماري ڇڏيو جو هن سندس هٿ ڏوئارينديءَ ڀائيءَ جا ڇنڊا سندس پيرن تي ڪيرايا هئا. اهڙيءَ طرح جو هڪ ٻئي واقعي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جڏهين هو هيسپرائيڊس جي باغ ۾ سونا صوف ڪٽڻ لاءِ ويو هو ته اتي جي پيالي بردار ڪيائس Cyathus ڪيس سندس ناپسنديده مشروب پيش ڪيو، ڪاوڙ ۾ هيراڪليز ڪيس هڪ آڱر هنئي ۽ آڱر لڳڻ سان هو مري ويو. ڪن جو چوڻ آهي ته آئي فيٽس کي مارڻ کان پوءِ هو اڪي لوس سان ڪشتي وڙهيو هو، بهرحال ڪنهن به سبب ڪري هن سورمي کي ٽراڪس ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. هو پنهنجي زال ديانيرا ۽ پٽ هائلس کي وٺي ٽراڪس روانو ٿيو. وات تي ايوي نس دريا ٽوڪن تي ڦاٽو پر نيسس نالي قنطور جنهن جو اڌ ڏڙ گهوڙي جو ۽ اڌ ڏڙ انسان جو هو. تنهن سندس زال کي واجبي پاڙي تي ٻيڙيءَ رستي دريا پار ڪرائڻ جو ذمو ڪنيو. باقي هيراڪليز پاڻ تري پار پهچڻ جو فيصلو ڪيو. نيسس پار پهچڻ سان واعدي تان ڦري ويو ۽ ديانيرا کي پٺ تي دسي زوري ڪرڻ لڳو. ان جي رڙين تي هيراڪليز دريا جي اورئينءَ ڪنڊيءَ تان پنهنجي تير ڪمان ڪٽي تير سان ان قنطور کي ماري وڌو. نيسس مرڻ وقت ديانيرا کي چيو ته منهنجي رت ۾ زيتون جو تيل گڏي جيڪڏهين هيراڪليز جي قميص سان ملائيندين ته هو ڪڏهن به

توسان بيوفائي نہ ڪندو. ڊيانيرا نيسس جو رت، هڪ برنيءَ ۾ وجهي رکي ڇڏيو ۽ هيراڪليز کي نہ ٻڌايائين.

ڊيانيرا مان هن سورسي کي چار پٽ هائي لس، ٽيسي پس گلي نس ۽ هوڊيز ۽ هڪ ڏي ميڪاريا نالي پيدا ٿي.

ڊراڪس ۾ ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ اتان موڻي ڊريوپيئن Dryopian آيو ۽ پارناسس جبل وٽ اتي جي بادشاهہ ٿيوڊاماس Theodamas کي ڏڪڻ جي جوڙي سان هرڪيڙيندي ڏٺائين. وڙهڻ لاءِ ٻهانو ڪري ان کان هڪ ڏڪي جي گهر ڪيائين، هن جي ناڪار تي ان کي ماري سندس هڪ ڏکو ڪهي ان جو گوشت کاڌائين ۽ ٿيوڊامس جي پٽ فيلاس Phylas کي پاڻ سان وٺي ويو. چيو وڃي ٿو تہ في لاس اپولو ديوتا جي مندر جي بيحرمتي ڪئي هئي ان ڪري اپالو ديوتا کي خوش ڪرڻ لاءِ ان جي طرفان هن فيلاس کي ماري ڇڏيو. سندس ڌيءَ ميڊا Meda کي پاڻ سان وٺي ويو. جنهن جي پٽ مـان اينٽيوڪس پيدا ٿيو. جنهن پوءِ ڊريوپيئنز کي ملڪ مان ڪيڍي اهو ملڪ مالياانز جي حوالي ڪيو. ڊرپيئنز جي مڪيہ ماڻهن کي غلام بنائي ويلفي وٺي ويو جن کي پوءِ پليو پونيس اماٿي ڇڏيو. هيسٽيائيز جي ڊورين قبيلي جي بادشاهہ ايجي ميس ۽ اولمپنس جبلن جي لاهيٺ قبيلي جي بادشاهہ ڪورونس جـي وچ ۾ ملڪي سرحدن تان تڪرار ٿي پيو.

ڊورين قبائلين هيراڪليز کان مـدد گهري ۽ ڪيس پنهنجي حڪومت جو ٽيون حصو ڏيڻو ڪيائون. هيراڪليز پنهنجي آرڪاديا وارن ساٿين سان گڏجي لاپيٿن کي شڪست ڏني. سندن بادشاهہ ڪرونس کي قتل ڪري ڇڏيو. هيراڪليز پنهنجي ٽئين حصي وارو ملڪ ايجي مس جـي امانت ۾ ڇڏي، هيراڪليز اتـان

ٿئيوٽس Phthiotis جي هڪ شهر انونس ۾ پهتو جتي اٿينا جو پراڻو مندر هو. اتي سندس ملاقات ايريز ديوتا جي پٽ سيڪنس Cycnus سان ٿي جيڪو پنهنجي مهمانن کي قيمتي انعام آڇي رٿن جي ڊوڙ جو مقابلو ڪرائيندو هو ۽ هارائيندڙ جي سِسي وڌي پنهنجي پيءَ جي عبادت گهر ۾ رکندو هو. اپولو ديوتا ان کان ناراض هو، تنهن هن سورمي کي ان سان مقابلي لاءِ آپاريو. مقابلي ۾ هيراڪليز، هيفائسٽس جا ٺاهيل پتل جا ساق پوش (گوڏي کان پير جي ٽڪيءَ تائين ٽنگ جا پتل سان ٺهيل پوش) پاتا، اٿينا ديويءَ جي ڏنل سونهري زرهه ڍڪي ۽ لوهه جا ڪُلهي پٽا لڳائي تير ڪمان کڻي رت تي سوار ٿيو

اٿينا ديويءَ اولمپس مان اچي اتي هيراڪليز کي چتاءُ ڏنو ته سيڪنس کي پلي مار ۾ ايريز کي کوهه جوکو نه رسي. سيڪنس پنهنجي رٿ ۾ هن سورمي ڏانهن تيزي سان وڌيو. رٿون (گهوڙن سان گاڏيون) هڪ ٻئي ۾ ٽڪرائجي ويون ان کري ٻئي کري پيا. پوءِ ٻنهي جڻن نيزن سان هڪٻئي تي حملو ڪيو. ٿوري دير مقابلو ٿيو، تيٽ هن سورمي پنهنجو نيزو سيڪنس جي ڳچيءَ ۾ هڻي ڪڍيو. پوءِ هو ايريز ديوتا جي مقابلي لاءِ اڳي ٻڌو. ايريز پنهنجو نيزو هن تي اڇلايو پر ان کي وچ مان ئي اٿينا ديويءَ جهڻي ورتو. پوءِ ايريز تلوار کڻي هن سورمي ڏانهن وڌيو، پر هن جي هٿان زخمي ٿي کري پيو جيڪڏهن زوس ديوتا وچ ۾ نه پوي ها ته هيراڪليز ان کي ٻيو وار کري شديد زخمي کري وجهي ها.

ان کان پوءِ هيراڪليز ۽ ايولاس (ٿيسيليءَ جي بادشاهه افي ڪليز جي پٽ) سان گڏ پنهنجي سفر تي روانا ٿيا.

سنگم پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

۱- آرزو	[مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون]	ختم
۲- سپنا	〃	〃
۳- اسڪاءِ ليب	〃	〃
۴- سنگم	〃	〃
۵- ماڻڪ موتي	〃	〃
۶- صبح - ازل	〃	〃
۷- آمنگ	〃	〃
۸- تخليق جو موت	〃	〃
۹- ليڊر جو عشق	〃	〃
۱۰- آب حيات	〃	〃
۱۱- مامتا	〃	〃
۱۲- سالگره نمبر	〃	〃
۱۳- من تنها منزل دور	〃	〃
۱۴- سندري اڇنداڻي جون شاهڪار ڪهاڻيون		〃
۱۵- قمر شهباز جون چونڊ ڪهاڻيون		〃
۱۶- سنڌو [انڊيا جي برڪ سنڌي ليکڪن جون ڪهاڻيون]		۱۲-۰۰
۱۷- جڏهن پونءَ ٻڌي (شاعري) تاجل بيوس		ختم
۱۸- انبن جهڙيو هور (شاعراڻو نثر) تاجل بيوس (پيو ڇاپو)		۱۲-۰۰
۱۹- سنڌ جي سياسي جدوجهد ڊاڪٽر مخدوم لائق زرداري		ختم
۲۰- حمل فقير (چونڊ مضمون)		〃
۲۱- ڪنواري ڏرتي (يادگيريون) ليکڪ: ليونڊ بريزنيف		۲۰-۰۰
سنڌيڪار: منير چانڊيو		
۲۲- هر دل اندر هڪ ڪربلا (ڪهاڻيون) خالد سنڌي		۲۰-۰۰
۲۳- سگهاريو هماليه هيٺاماڻهو [نيپال جو سفرنامو] ڏمر- لاشاري		ختم

۲۴- نہ مرڻ جو دک (ڪهاڻيون) ايشور چندر ۱۰-۰۰

۲۵- سرجيندڙ ساڻيهه جا (بيت) تاجل بيوس ۱۲-۰۰

۲۶- ترقي پسند ادب جا معيار (تحقيق) خاڪي جوپو ۱۲-۰۰

۲۷- واچوڙن ۾ لاٽ (ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما) قمر شهباز -/۳۰ ۽ -/۱ ۵۰

۲۸- ڪاڪ محل (ٽيليويزن ڊراما) شمشيرالحيدري ۰۰-۵۰ ۽ ۲۵ ۵۰-۰۰

۲۹- رنڊ ۽ ٻنڊ (تاريخي ڪالم) پير علي محمد راشدي ۰۰-۲۵

۳۰- چنڊ رهين ٿو دور (چونڊ شاعري) قمر شهباز ۵۰-۰۰

۳۱- سڀ سنڊ منهنجي آسان (چونڊ شاعري) تاجل بيوس -/۳۶

۳۲- اڻون ڪهر قمر شهباز -/۶۰ ريما

۳۳- يونائٽيڊ ڊسٽرڪٽائون - يوسف شاهين ۳۶/-



يوسف شاهين

عالمگير مذهبن جي وجود ۾
اچڻ کان اڳ دنيا جي تقريبن
سڀني علائقن/ ملڪن ۾
ڏند ڪٿائون مذهبي حيثيت
رکنديون هيون. اڄ ب دنيا جي
وڏي آبادي ڏند ڪٿائن کي
مذهبي حيثيت ڏي ٿي ۽ ان ۾
جاڻايل خدائن، ديوتائن تي
ايمان رکي ٿي... ڏند ڪٿائون
بنيادي طور انساني تاريخ جو
اهم ترين حصو آهن، جن کي
پڙهڻ ۽ پروڙڻ، هر باشعور
انسان لاءِ بيحد ضروري آهي.
هي ڪٿائون انسان جي شعوري،
تمدني، تهذيبي ۽ مذهبي سفر
جو ريپورداستان بيان ڪن ٿيون.



سنگم پبليڪيشنس

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڪُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا به تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو به صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو به شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھِين لفظن ۾ **پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَھکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آھي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِکَڙِئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڈي وَڻُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجِيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو کم کرڻ وارن مان جيکڈھن کو پيسا کمائي سگھي ٿو تہ پلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڈجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ جاڻ کي ڦھلائڻ جي کوشش دوران کَنھن بہ رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. ايياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جٹ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جٹ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداڻيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻتن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڑهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڑهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڑهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڑهڻَ، پڑهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- ايار (ڪلهي پاتر ڪينرو)